# سنڌي براهوئي ٻوليءَ جو
# تقابلي جائزو

ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد - سنڌ

سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق جي سلسلي جو ڇهون ڪتاب

# سنڌي براهوئي ٻوليءَ جو
# تقابلي جائزو

●

ڊاڪٽر داد محمد خادم براهوي

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو
حيدر آباد سنڌ
١٤١٥هه /١٩٩٤ع

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جا سڀ
حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو : پهريون
تعداد : هڪ هزار
قيمت : پنجاه روپيه

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم
حيدر آباد سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اشاعتي نگران امين لغاري ايجوڪيشنل پريس ڪراچي مان ڇپرائي حيدر آباد سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# فهرست


صفحو

مهاڳ ۵

پيش لفظ ۷

باب پهريون : سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو جائزو ۹

باب ٻيو : سنڌي ۽ براهوئي زبانن جوتقابلي جائزو. ۱۲

باب ٽيون : سنڌي ٻوليءَ جو براهوئي زبان تي اثر. ۳۷

باب چوٿون : براهوئي زبان جو سنڌي ٻوليءَ تي اثر. ۷۰

باب پنجون : سنڌي براهوئي ڳالهه ٻولهه ۹۱

# مهاڳ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بنيادي مقصدن مان هڪ سنڌي ٻوليءَ کي فروغ ڏيڻ آهي. هن سلسلي ۾ اداري طرفان ڪافي ڪوششون ورتيون ويون آهن، ۽ سنڌي ٻوليءَ جڻن جدا جدا پاڳن ۾ ڳالهائجي ٿي ان کي محفوظ ڪرڻ جي هڪ جامع رٿا جوڙي وئي آهي. ان رٿا موجب ٻارهن ٻولين (محاورن) جا مطالعا ڪرڻا آهن، هن سلسلي جا پنج ڪتاب: سبيءَ جي ٻولي، ماڻيلي - اُپاوڙي جي ٻولي، شڪارپور جي ٻولي، ٿر جي ٻولي ۽ ماڇر- ڪڪرالي- ڪاري جي ٻولي ڇپجي شايع ٿي چڪا آهن.

ٻولي جي مطالعي جي هڪ ٻي رٿا تي بہ ڪم شروع ڪيو ويو آهي، جنهن موجب سنڌي ٻوليءَ جي ٻين ٻولين سان ڀيٽ ڪئي ويندي. ان رٿا ۾ هينيان مطالعا شايع ڪيا ويندا:

١. سنڌي - سرائڪي ٻولي
٢. سنڌي - بلوچي ٻولي
٣. سنڌي - اردو ٻولي
۴. سنڌي - براهوئي ٻولي

”سنڌي - براهوئي ٻوليءَ“ جو مطالعو هن سلسلي جو پهريون ڪتاب آهي. جنهن ۾ سنڌي ۽ براهوئي ٻوليءَ جي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. هن ڪم جو مشورو محترم ڊاڪٽر داد محمد بروهي کي ڏنو ويو هو،جيڪو اشاعتي ڪاميٽي منظور ڪيو. هن کان اڳ ڊاڪٽر

بروهي طرفان لکيل پي. ايچ. ڊي مقالي ”سبيءَ جي ٻولي“ جو اختصار اداري طرفان شايع ٿي چڪو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
چيرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد - سنڌ
۱۴ فيبروري ۱۹۹۴

# پيش لفظ

سنڌ وادي پنهنجي قدامت جي لحاظ کان تهذيب ۽ تمدن جو قديم گهوارو رهي آهي. هتي مختلف زبانون ڳالهائڻ واريون ڪيئي قومون قديم زماني کان آباد آهن. سنڌ جي قديم قومن دراوڙين ۾ براهوئي بہ هڪ قوم جي حيثيت رکي ٿي. جيڪا قديم زماني کان هن ئي خطي ۾ مقيم آهي. سنڌي ادب ۾ ٻولين جي لساني سبنڌ تي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ،چيرمين سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو جن انهيءَ کوٽ کي محسوس ڪندي راقم کي ”سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو تقابلي جائزو“ عنوان تي ڪتاب لکي ڏيڻ جو حڪم فرمايو. جنهن تي عمل ڪندي هي ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ جو اعزاز حاصل ڪري رهيو آهيان. اميد تہ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي شاگردن توڙي مختلف ٻوليون سکڻ جي شوقينن لاءِ هي ڪاوش ڪار آمد ثابت ٿيندي. مان ٿورائتو آهيان قابل احترام ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جو جن صاحبن مون کي انهيءَ جي قابل سمجهي نہ صرف هي ڪتاب لکي ڏيڻ جو شوق ڏياريو بلڪ ان کي شايع ڪرڻ جو پڻ يقين ڏياريو. جن جي اجازت سان هي ڪتاب مڪمل ڪري سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪيو پيو وڃي. ڊاڪٽر صاحب جا سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي جيڪي احسان آهن،

تنهنجو پيو ڪو مثال ڪونهي. اميد تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ”سنڌي لينگوئيج اٿارٽيءَ “ کي اداري جي نالي جي نسبت مطابق ترقي ڏياريندي، اهڙا اهم ۽ اڻ ملهہ شهپارا آئنده بہ پيش ڪندا رهندا.

جيڪب آباد ڊاڪٽر داد محمد بروهي
٦ـ نومبر ١٩٩٣

# باب پهريون

## سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو تاريخي لاڳاپو

براهوئي زبان حقيقت ۾ دراوڙي زبان سان تعلق رکي ٿي. جنهن ۾ تيلگو، تامل، ڪنري ۽ مليالم به شامل آهن. جيئن ته دراوڙي ٻوليون هڪ قديم گروهه سان تعلق رکن ٿيون، انهيءَ ڪري انهي گروهه جون سڀئي ٻوليون قديم ٻولين جي حيثيت رکن ٿيون. اسان جڏهن براهوئي زبان جي قدامت ۽ اهميت بابت غور ڪريون ٿا ته ٻولين جي ماهرن هن زبان کي سنڌ جي هڪ اهم ۽ قديم زبان ڪوٺيو آهي. انهن ماهرن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر شرف الدين اصلاحي به شامل آهن.

ڊينسبري هن زبان کي دراوڙي گروهه مان ڄاڻايو آهي. جنهن آزاديءَ سان فارسي، بلوچي، سنڌي ۽ ٻين پاڙيسري ٻولين جا لفظ پنهنجا ڪيا آهن. ان هوندي به پنهنجي گرامر ۾ ڪابه تبديلي آڻڻ ڪان ڏني اٿس. جنهن بابت ٻري ڪان علاوه سڀئي مشرقي ليکڪ انهيءَ رايي سان متفق آهن ته ان جي گرامر تي ٻي ڪنهن به ٻوليءَ جو اثر نه آهي ۽ صدين ڪان اهو ساڳيءَ طرح قائم آهي (١) ڊينسبري لکيو آهي ته سنڌ سان براهوئي قوم جو قديم تعلق آهي. جيستائين سنڌي ۽ براهوئي زبانن جي لاڳاپن جو تعلق آهي، ان سلسلي ۾ معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو تعلق تديم زماني ڪان قائم آهي. مشرقي ۽ ڏکڻ بلوچستان جو اهو علائقو جتي براهوئي

---

(١) براهوئي عبدالرحمان ڊاڪٽر "براهوئي زبان اور ادب کي مختصر تاريخ" مرکزي اردو بورڊ ١٩٨٢ ص ٥۴.

زبان ڪثرت سان ڳالهائي وڃي ٿي، ”موئن جو دڙو“ علائقي کي ويجهي آهي. جيڪو سنڌي تهذيب جي مرڪز جي حيثيت رکي ٿو. اتان نڪتل آثار قديمہ تي قديم سنڌي تهذيب جو اثر نمايان آهي.(۱) هاڻ جڏهن اسان ٻنهي زبانن جي قديم لاڳاپن تي نظر وجهون ٿا تہ اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ ٻنهي ٻولين ۾ صوتي، صرفي ۽ نحوي بناوتون، هزارين سالن کان گڏجي رهڻ سبب اڄ بہ نمايان طرح سان ظاهر آهن.

براهوئي زبان بابت مغربي محققن جا بہ رايا آهن، پهريون هي تہ براهوئي آريا ۽ سامي نسل مان آهن. هن رايي ۾ ڊاڪٽر گستاولي بان، ايل ڊئمس، ڪرنل ٿامس، هالڊ وچ، سرخانيڪاف، آرهيوزيلر ۽ ڊبليوهيوجس شامل آهن. جڏهن تہ ٻئي رايي ۾ بروهين کي دراوڙي قوم ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. پوئين رايي وارا زباندان آهن، ان ڪري سنڌن فيصلي کي وڏيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي، ڇو تہ براهوئي زبان ۾ دراوڙي ٻولين جا بيشمار لفظ موجود آهن، مثال طور: ”پالَ“ (کير) ”تيلَ“ (وڇون) ”اِيلُمُ“ (ڀاءُ) ”ٻئي“ (گاهہ) ”خِيسُن“ (ڳاڙهو) وغيره (۲).

سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي علائقن جي ماڻهن ۾ موجود ميل جول هڪ فطري امر جي حيثت رکي ٿو. هو وڻج واپار توڙي سماجي رشتن سبب گهڻو ڪري پاڻ کي هڪ قوم سمجهندا آهن. انهن جي قديم زماني کان اها اڄ وچ تاريخي حيثيت رکي ٿي. ڇو تہ

(۱) صاحبزاده حافظ حقاني ميان قادري، ”وادي سنڌ کي تهذيب اور سنڌ پر عربون کي حملي“ پاڪ اڪيڊمي ڪراچي ۱۹۹۲ع ص ۲۴.

(۲) براهوئي عزيزالله ”عزيز“ سنڌي براهوئي زبانن جو تقابلي جائزو“ ٹ ماهي مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ۴ / ۱۹۸٦. ص ۱۲۳.

پنهنجي صوبن توڙي علائقن سان گڏ نوابن ۽ سردارن توڙي حڪمرانن جون به پاڻ ۾ رشتيداريون پڻ ٿينديون رهيون آهن. قلات جي بروهي سردارن توڙي حڪمرانن سنڌ جي حاڪمن سان سڳا بنديون ڪيون آهن.

بلوچستان جيئن ته قديم زماني کان سنڌ سان شامل رهندو آيو آهي، انهيءَ ڪري ٻنهي علائقن جي ثقافت گڏجي هڪڙي رنگ ۾ وڌڻ لڳي. جيئونيڪ سبي ۽ لسٻيلي وارا علائقا سنڌي علائقا سڏجن ٿا، تنهن هوندي به مجموعي طرح انهن علائقن جي ثقافت جو جائزو وٺجي ته ٻنهي صوبن جي ثقافت ۾ ڪوبه فرق ناهي. سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو سنڌ جي اولهه وارن علائقن خاص طور پاڪستان جي مغربي سرحدن سان لاڳاپو، ٻنهي علائقن جي تهذيبي ۽ ثقافتي ميل جول ۾ وڏي اهميت رکي ٿو.

---

# باب پهريون

## سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو تقابلي جائزو

اڪثر محقق انهي ڳالهه تي متفق آهن ته قديم براهوئي ۽ سنڌي زبانن جي نحوي ۽ لغوي بناوت هڪجهڙي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکن ٿا ته "ڪي الفاظ نڪي سنسڪرت ۾ ته نڪي ايراني، يا سامي زبانن ۾ موجود آهن. مگر اهي سنڌي ۽ براهوئي ٻنهيءَ ۾ يڪسان موجود آهن." (١) هن صاحب جارج شرٽ جي وضاحت ڪندي هينيان ۽ ڪجهه ٻيا لفظ ٻنهي زبانن ۾ هجڻ بابت مثال طور پيش ڪيا آهن:

| سنڌي | براهوئي | سنڌي | براهوئي |
|---|---|---|---|
| مَنجهند | مَنجَن | ڪَڪِڙا | ڪَڪڙا |
| ڪوپري (مٽي جي) | ڪوپري | رَنبي | رنبي |
| ڦِني (ڇنگهه جي) | ڦِني | جُهڙ | جُر (ڪوهيڙو) |
| ڪُڙي | ڪُڙي | لڪ | لڪ |
| ٽُونٽ | ٽُوٽ | ارمان | ارمان |
| ٽُوم | ٽُوم | تَنوار | تَوار |
| ڪاري (ڪارينڊڙ) | ڪاري | ڪبڙ | ڪبر |
| ڳوٺري | گوٺري | پولڙو | بولو |

---

(١) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" جلد اول، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨٠، ص ١١.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏڳي | ڏڳي | اوجهري | اوجِرنڪ (١) |
| ڱنگو | ڱنگ | | |

انهي دليل تي پنهنجي خيالن ۾ اظهار ڪندي ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکيو آهي تہ براهوئي زبان سنڌي زبان جي همسايہ زبان آهي ۽ صدين کان وٺي هر سال سياري ۾ بروهي ۽ بلوچ قبيلا سنڌ ۾ پورهيي خاطر اچن ٿا. جنهن ڪري سنڌي جا سوين لفظ براهوئي زبان ۾ رائج ٿي ويا آهن. اهوئي سبب آهي جو ڪيترائي ساڳيا لفظ سنڌي توڙي براهوئيءَ ۾ موجود آهن. مگر شرٽ هن قسم جي دليل کي رد ڪندي چوي ٿو تہ "انگريزي ۽ ويلش ٻئي زبانون همسايہ آهن مگر ٻنهي جي لغات ۾ ايترا مشترڪ الفاظ نہ آهن جيترا براهوئي ۽ سنڌي ۾. ٻيو تہ بروهين ۽ سنڌين جي صدين تائين لهہ وچڙ نہ رهي آهي، ڇاڪاڻ جو بروهي بلوچ خانہ بدوش ۽ تيزخو آهن. جڏهن تہ سنڌي صلح پسند ۽ سانتيڪا واپاري ۽ زراعت پيشہ آهن. شرٽ جا اهي ٻئي دليل ڪمزور آهن. غالبن ڪيس بروهين، بلوچ قبائل ۽ سنڌين جي صدين تائين هڪٻئي سان لهہ وچڙ بابت ڪائي خبر ڪانهي. ازانسواءِ مٿين لفظن ۾ "تومر" لفظ عربي ۽ "ارمان" ۽ "گونگو" (گنگ) فارسي آهن. يعني براهوئي ۽ سنڌي ۾ جيڪي مشترڪ الفاظ آهن، سي شرٽ جي چوڻ جي برعڪس ايراني ۽ سامي زبانن ۾ پڻ موجود آهن. (٢) آخر ۾ ڊاڪٽر صاحب نتيجي طور شرٽ جو خيال پيش ڪندي لکن ٿا: جيڪڏهن سنڌيءَ

---

(١) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" جلد اول زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ١٩٨٠ ص. ١٢.
(٢) ايضا.

جون متي بيان ڪيل نحوي خصوصيتون دراصل دراوڙي آهن ۽ پڻ پيش ڪيل لفظن جا سلسلا ساڳي سر چشمي سان تعلق رکن ٿا، تہ بہ ائين ڪونہ چئبو تہ ڪو سنڌي کي اهو سرمايو بروهڪي زبان مان مليو. ڇاڪاڻ تہ اهي نحوي ۽ لغوي خوبيون بروهڪيءَ ۾ آهن ئي ڪونہ. اهو سڄو سرمايو سنڌ وارن کي مقامي طور ورثي ۾ مليو آهي، جو منهنجي خيال ۾ انهيءَ طرف رهنمائي ڪري ٿو تہ آرين جي اچڻ کان اڳ سنڌ وادي دراوڙي نسل جي ماڻهن جو گهر هئي. (١)

شرت جي مٿين بيان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو براهوئي زبان کي دراوڙي زبان ڪونہ ٿو مڃي، حالانڪ ٻولين جا ماهر ان زبان کي دراوڙي زبان تسليم ڪري چڪا آهن. جيئن تہ دراوڙي قومون سنڌ جون قديم قومون آهن ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌي ۽ دراوڙي زبانن جي هڪٻئي تي اثر سبب ڪيترائي اهڙا الفاظ ملن ٿا، جيڪي ٻنهي ٻولين براهوئي توڙي سنڌي ۾ مڪمل طرح مروج ٿي چڪا آهن. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پڻ لکيو آهي تہ ”انهيءَ امڪان کان انڪار ڪري ڪونہ ٿو سگهجي تہ قديم دور جي منڍ ۾ دراوڙي ٻولين توڙي موجوده دور جي پاڙيسري ”بروهڪي ٻوليءَ“ جا ڪيئي الفاظ سنڌيءَ ۾ رائج ٿي چڪا آهن. (٢)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب وڌيڪ لکن ٿا تہ ”بنيادي طور سنڌي ٻوليءَ جو خمير سنڌ جي پنهنجي مقامي لساني ماحول جو پيدا ڪيل آهي. ان کي دراوڙي ٻولي، يا ٻين ٻولين مان نڪتل يا ورتل صحيح ڪونہ ٿيندو. البتہ انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ برصغير جي ٻين

---

(١) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر ”سنڌي ٻوليءَ‌ادب جي مختصر تاريخ“ جلد اول زيب ادبي مرڪز حيدر آباد. ١٩٨٠ ص ١٢.
(٢) ايضا.

ٻولين وانگر سنڌيءَ ۾ پڻ قديم منڊا ۽ دراوڙي ٻولين جا ڪي لفظ يادگار طور باقي آهن. (١)

**صوتيات:** سنڌي توڙي براهوئي زبانن جي صوتيات تي نظر وجهجي ٿي تہ اسان کي ٻنهي زبانن جي صورتخطيءَ واريون پٽيون نامڪمل لڳنديون. سنڌي ٻوليءَ جي الف- بي بابت اسان جي ڪجهہ محققن اهڙي قسم جا مقالا پڻ لکيا آهن. جڏهن تہ راقم طرفان پنهنجي پي ايڇ ڊي واري ٿيسز ۾ سنڌي زبان جي مختلف محاورن ۾ استعمال ٿيندڙ ١٢ صوتين تي مڪمل طور تفصيلي بحث سان گڏ انهن جي موجوده تقاضائن مطابق نيون صورتون پڻ تيار ڪري پيش ڪيون آهن. جيڪي هيٺين طرح آهن.

ٻ - ڍ - ٺ - ڦ - ل - مہ - ن - ڻ - ڙ - ڏ - ز ل.

اسان جي مشاهدي مطابق سنڌي صورتخطيءَ وارا مخصوص صوتيا ٻ - ڄ - ڃ - ڏ - ڳ - ڱ ۽ ڻ مڪمل طور سنڌ جي براهوئي زبان ۾ استعمال ٿين ٿا، نہ صرف ايترو بلڪ متي ذڪر ڪيل نين صورتن وارا سيئي صوتيا پڻ ان ۾ مڪمل طور استعمال ٿيندي نظر اچن ٿا، جن جو بيان اسان ايندڙ باب ۾ ڪيو آهي.

سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو جڏهن اسان صوتيات جي روشنيءَ ۾ تقابلي جائزو وٺون ٿا تہ اسان کي ٻنهي زبانن ۾ ڪافي هڪجهڙايون نظر اچن ٿيون. چو تہ ڪي اهڙا لفظ آهن جيڪي هڪ بنياد مان ڦٽا آهن، پر اهي سنڌي ۽ براهوئي زبانن ۾ ٿوري گهڻي فرق سان استعمال ڪيا وڃن ٿا. ڊاڪٽر شرف الدين اصلاحيءَ جي خيال موجب اها تبديلي صوتياتي اثر سبب آهي. جنهن ڪري انهن

---

(١) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" جلد اول زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ١٩٨٠ ص. ١٢.

لفظن ۾ ٿوري اجنبيت محسوس ڪئي وڃي ٿي. پر اهل علم جي نظر ۾ تربيت يافته ذهن ڪان انهن کي لڪائي ڪونه ٿو سگهجي. (١)

اهڙا مثال اسين هيٺ درجا بنديءَ ذريعي پيش ڪري رهيا آهيون:

| براهوي | سنڌي |
|---|---|
| **ب ۽ و** | |
| بَس | وَس |
| برسي | وَرسي |
| بستي | وَستي |
| سوچ بِچار | سوچ ويچار |
| بَجائينگ | وڄائڻ |
| باجه | واجهو |
| باگ | واڳ |
| باڙِه | واڙو |
| هبَس | هوَس |
| بِچاره | ويچارو |
| **خ ۽ ک** | |
| ميخ | ميک |
| بَخيه | بکيو |
| خَشخَش | کسکس |
| **ت ۽ د** | |
| دَنتان | ڏند |
| جِتائي | جُدائي |
| آزاتي | آزادي |
| **ت ۽ ٽ** | |
| سُوتي | سوٽي |
| چَپاتي | چپاٽي |
| **ٽ ۽ ت** | |
| پيٽي | پيتي |
| **د ۽ ت** | |
| پليد | پليت |
| بارود | باروت |
| مسجد | مسيت |
| **ل ۽ ر** | |
| مولي | موري |
| تول | تور |
| هَل | هَرُ |
| بَسلي | پاسري |
| تِل | تِرُ |

(١) شرف الدين اصلاحي ڊاڪٽر "اردو سنڌي ڪي لساني روابط" مقتدره قومي زبان اسلام آباد ١٧٨. ص ٢٣٤.

قُلف کرف
سُولي سُورِي
ڊ ۽ ڍ
گنڊيري ڳنڍيري
غ ۽ گ
غُنده گُندو
غُليل گُلِيل
ڪاغذ ڪاڳر
د ۽ ڌ
دهر ڌهر
ذ ۽ ر
قذرت قدرت
ل ۽ ڙ
ڏُول ڏوڙ
ٿالي ٿاڙي
ج ۽ جھ
جنگل جهنگل
جُلونت جُهولو
غ ۽ گ
غُنده گُندو
غُليل گُليل
ڪاغذ ڪاگر

**س ۽ ھ جي تبديلي:** "س" ۽ "ھ" جي تبديلي قديم زماني کان ٿيندي اچي ٿي. قديم هند آريائي ۽ قديم ايراني ٻولين جي پاڻ ۾ ميلاپ سبب س ۽ ھ جي تبديلين جا مثال ملن ٿا. ڪاڪو ڀيرو مل آڏواڻي هن سلسلي ۾ لکي ٿو ته سپت سنڌوءَ ۾ رهڻ ڪري آرين جو ملڪ "سنڌو" نالي سان مشهور ٿيو. سنڌ جو پراڻو "سنڌو" سڌبو هو. جنهن جو اچار بدلجي "هندو" ٿيو. (١) هيٺ س ۽ ھ جي تبديليءَ جا ڪجھ مثال پيش ڪجن ٿا؛

(١) آڏواڻي ڀيرو مل مهر چند "قديم سنڌ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٧٢ع ص ١٧٨

| براهوئي | سنڌي |
| --- | --- |
| ڪوس | ڪوهہ |
| ڪرپاس | ڪپهہ |
| بُوسہ | بُهہ |

اهڙيءَ طرح سان ڪي الفاظ وري "ل" کان "هہ" ۾ تبديل ٿين ٿا. هي اچار اوسرگ کان وسرگ تي استعمال ۾ اچن ٿا. مثال طور:

| براهوئي | سنڌي |
| --- | --- |
| ٽالي | ٽالهي |
| مالي | مالهي |
| تيلہ | تيلهو |
| مَل | مَلهہ |

**"هہ" صوتيي جو حذف ٿيڻ:** ٻنهي ٻولين ۾ ڪي اهڙا لفظ آهن جيڪي مختلف محاورن ۾ استعمال ٿيڻ وقت مختلف صورتن ۾ ڳالهايا وڃن ٿا. خاص طور "هہ" جو صوتيو ٻنهي زبانن جي ڪجهہ محاورن ۾ استعمال ٿيندڙ ڪجهہ لفظن مان حذف ٿي وڃي ٿو. ڪنهن لفظن ۾ وري "هہ" بدران "ءِ" جو اچار پڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهو اچار خاص طور بلوچستان ۾ ڪيترائي، فراڪي، جغدالي، لاسي ۽ ڪوهستاني محاورن جي سنڌي لفظن مان حذف ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي براهوئي محاوري ۾ پڻ ساڳيءَ طرح سان عمل جاري آهي. هيٺ مثال ڏجن ٿا:

| معياري سنڌي | محاوراتي سنڌي | معياري براهوئي | محاوراتي براهوئي |
| --- | --- | --- | --- |
| ڪاڙهو | ڪاڙو | ڪاڙهہ | ڪاڙو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| چاڙهي | چاڙي | ٻُڙزي | چاڙي |
| رلهي | رلي | رِلي | رلي |
| مَلهه | مَلَ | مَل | مَل |
| آهستي | آستي | مَدان | آستي |
| چانهه | چانء | چاءِ | چلن |
| مالهي | مالي | مالي | مالي |
| ڇُلهه | ڇُل | ڇُلهه | ڇُلو |

مٿين مثالن ۾ "چانهه" لفظ مان "هه" جو اچار حذف ٿي "ء" جو اچار استعمال ٿيو آهي. باقي ٻين ۾ صرف "هه" حذف ٿيل آهي. جيڪا ٻنهي زبانن ۾ ساڳيءَ طرح استعمال ٿيڻ وقت حذف ٿي وڃي ٿي.

"ء" صوتيي جو اضافو ٿيڻ: ٻنهي زبانن ۾ ڪجهه لفظ اهڙا به استعمال ٿي رهيا آهن جن ۾ "ء" صوتيي جو اضافو ٿيل آهي. ڪجهه لفظن ۾ وري "ء" سان گڏ "ي" صوتيي جو اضافو ٿيل معلوم ٿئي ٿو. هيٺ اهڙي قسم جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

| معياري سنڌي | محاوراتي سنڌي | معياري براهوئي | محاوراتي براهوئي |
|---|---|---|---|
| هدايت | هدائيت | هدايت | هدائيت |
| زڪوات | زڪائيت | زڪوات | زڪائيت |
| خيرات | خيرائيت | خيرات | خيرائيت |
| شڪايت | شڪائيت | شڪايت | شڪائيت |
| حمايت | حمائيت | حمايت | حمائيت |
| وفات | وفائيت | ڪَذيَت | وفائيت |

| | | | |
|---|---|---|---|
| شايد | شائيت | شايد | شائيت |
| نجات | نجائت | نجات | نجائيت |

مٿين صوتيي جي استعمال جو جڏهن جائزو ونبو تہ معلوم ٿيندو، "ء" جو صوتيو "ي" جي جاءِ تي استعمال ڪيل ٿو ڀانئجي، جو تہ ڪجهہ لفظن ۾ "ء" حذف ڪري "ي" صوتيو استعمال ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ ڪجهہ لفظن ۾ "ي" بدران ڪم آندل آهي. هن اضافي ء ان سان گڏ "ي" جي گڏيل اچارن ۾ "ي" صوتيي جي مٿان "اَ" اعراب جي استعمال ڪي "اِ" اعراب سان استعمال ڪجي ٿو، پر محاورن ۾ جيئن اَ- اِ- اُ اعرابن جي استعمال جي گهٽائڻ ڪري هينيان توڙي مٿيان ڏگها اچار ڪم آڻجن ٿا. اهوئي سبب آهي جو "اِ" اعراب بدران "اي" جو ڏگهو اچار استعمال ڪري "هدائيت" "خيرائيت" يا "شڪائيت" ڪري استعمال ڪيا ويا آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڀُٽي | ٻوٽي | ٻُونڙي | ٻُوٽي |
| تاريخ | تاريڪ | تاريخ | تارِيڪ |
| خارش | ڪارَش | خارِشت | خارشت (١) |
| نِيلام | لِيلام | لِيلام | لِيلام |

ٻٽا لفظ:

| | | | |
|---|---|---|---|
| هَر هر | هَربي هَربي | وار وار | هَربي هَربي |
| خواهہ مخواهہ | خامخاهہ | خواهہ مخواهہ | خامَخا |
| بيشمار | آونت شمار | بيشمار | آونت شمار |

(١) مينگل عزيز "شيرو شڪر" (براهوئيڪ ديرء) براهوئي اڪيڊمي پاڪستان، ڪوئٽا ١٩٨٣ع ص ٥٥.

| | | | |
|---|---|---|---|
| دَستگير | دَستِغير | دَستگِير | دَستِغير |
| عيد نماز | عيد نِواز | عيد نماز | عيد نواز(١) |

**بَگڙيل لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| آمانت | آنامت | آمانت | آنامت(٢) |
| پرهيز | پهرريز | پهرير | پهرريز |
| مطلب | مطبل | مطلب | مطبل |

**مختلف لفظ:**

ٻنهي ٻولين ۾ ڪي اهڙا متفرق لفظ آهن جيڪي معياري محاورن کان ڪافي فرق سان استعمال ڪيا وڃن ٿا. انهن لفظن ۾ ڪٿي ڪٿي تہ اصلي صوتيا بہ حذف ڪري مختلف صوتيا استعمال ڪيا وڃن ٿا، مثال: "جاسوس" کي "چانجُوس" وغيره. هاڻ هن لفظ جو جڏهن صوتياتي جائزو وٺون ٿا تہ "ج" صوتي بدران "چ" ۽ پهرين "س" صوتيي بدران "ج" جو استعمال نظر اچي ٿو. نہ صرف اهو بلڪ ان ۾ "ن" صوتيي جو "غنو" اچار بہ شامل نظر اچي ٿو. هيٺ اهڙي قسمن جي مختلف تبديلين جي وضاحت سان مثالن ۾ نشاندهي ڪجي ٿي.

| معياري سنڌي | محاوراتي سنڌي | معياري براهوئي | محاوراتي براهوئي |
|---|---|---|---|
| عاجز | عازُوز | عاجِز | عازُوز |
| مُجرا | مُزرا | مُزره | مُزرا |

---

(١) مينگل عزيز "شيرو شڪر" (براهئيڪ ديرء) براهوئي اڪيڊمي پاڪستان ڪوئٽيا. ١٩٨٣ع ص٥٢.

(٢) مينگل عزيز "شيرو شڪر" (براهئيڪ ديرء) براهوئي اڪيڊمي پاڪستان ڪوئٽيا. ١٩٨٣ع ص ٥٥.

| | | | |
|---|---|---|---|
| جانور | زِناور | ساهدار | زَناور |
| شاباس | شاباش | شاباس | شابَس |
| سفارش | سفُارش | شفارش | شفارِست |
| نازڪ | نازُرڪ | نازڪ | نازرُڪ |
| ناموس | نامُوز | نامُوس | نامُوز |
| ڪِيرتر | ڪيرتر | ڪيرَ تر (١) | ڪيرَتر |
| افعال | حَفال | افعال | حَفال |
| افسوس | افسوز | افسوس | افسوز |

## گردان:

زبان جي مصدرن کي ماضي بعيد ۾ استعمال ڪرڻ وقت جڏهن اسان جمع عدد حاضر غائب ۾ ڪم آڻيندا سين ته انهن لفظن ۾ اسان کي سنڌي جي مصدر جي نشاني ”ڻ“ بدران براهوئيءَ ۾ ”اِنگ“ استعمال ٿيندي ملي ٿي. ان کان علاوه مختلف صيغن جهڙوڪ ”سَس“ ، ”سُر“ (٢) ”سُن“ ، ”سُٽ“ ، ”ٽُري“ ، ”نُٽ“ جا اچار به استعمال ٿيندي ملن ٿا. اهڙا ڪجھ مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

## ماضي بعيد گردان:

| صيغو | سنڌي | سنڌ جي براهوئي | اضافي نج براهوئي صيغو |
|---|---|---|---|
| مصدر | لکڻ | لِکنگ | انگ نِوشته ڪَننگ |
| ماضي مطلق | تو لکيو | نِي لِکاس | س نِي نِوشته ڪَرِيسُس |

(١) مينگل عزيز ”شيروشڪر“ (براهوئيڪ ديرءِ) براهوئي آرٽسي اڪيڊمي پاڪستان ڪوئٽه ١٩٨٢ ص ١٣.

(٢) عبدالصمد شاهين ”ميل بَلد “اسلاميه پريس ڪوئٽه ١٩٨٠ ص ٤٨.

واحد غائب هُن لکيو هو او لِکاسسَ سس او نوشتہ کريسَس

جمع غائب هُنن لکيو هو اوفک لکاسُر سُر نوفک نوشتہ کريسُر

واحد حاضر تو لکيو نِي لکانُس نُس نِي نوشتہ کرِنُس

جمع حاضر توهان لکيو هو نم لکاسُري سُري نم نوشتہ کَريسُري

واحد متکلم مون لکيو هو اِي لکاسُت سُت اِي نوشتہ کَريسُت

جمع متکلم اسان لکيو هو نن لکاسُن سُن نن نوشتہ کَريسُن

**ماضي استمراري گردان:** ماضي استمراري لفظ ناهن وقت متي ذکر کيل اضافي صيغن ۾ مصدري لفظن جي "اِنگ" اچارن جي پويان "اَتِي آ" (۱) جا اضافي اچار شامل کرڻا پون ٿا. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

صيغو سنڌي سنڌ جي براهوئي اضافي نج براهوئي صيغو

مصدر لِکڻ لِکنگ اِنگ نوشتہ کَننگ

واحد غائب هن لکيو پئي اولِکنگتِي آ تي آ اونوشتہ ئَس کَنِينگتِي ئَس

جمع غائب هُنن لکيو پئي اوفک لکِنگتِي اسُر آ تي آ اونوشتہ کَنِنگتِي اُسر

واحد حاضر تو لکيو پَئي نِي لِکنگتِي آ تي آ نـي نـوشـتـہ آسُس کَنِنگتِي اسُس

جمع حاضر توهان لکيو پئي نُم لِکنگتـي آ تي آ نم نـوشـتـہ آسُري کننگتِي اسُري

---

(۱) عبدالصمد شاهين "هيل بلد" اسلاميہ پريس کوئٽيہ ۱۹۸۰ع ص- ۵۰.

واحد متڪلم مون لکيو ڀئي اِي لِکنگتِي آ ٿي آ اي نِوشتہ
اَسُت ڪَننِگتي اسُت

جمع متڪلم اسان لکيو ڀئي تَن لِکنگتِي آتي آ تَن نوشتہ
اَسُن ڪَننِگتي اَسُن

**ماضي متشڪيءَ جو گردان :** براهوئي زبان ۾ جڏهن ماضي مُتشَڪي لفظ ٺاهڻ گهرون تہ ان حالت ۾ مصدر واري "اِنگ" جو اچار حذف ڪري "اوئي" ۽ "اور" جو اچار شامل ڪرڻو پوي ٿو. شڪيہ لفظ ان کي چيو وڃي ٿو جنهن جي ڪرڻ ۾ ڪجهہ شڪ هجي. هيٺ ڪجهہ مثال ڏجن ٿا:

| صيغو | سنڌي | سنڌ جي براهوئي | اضافي | نج براهوئي صيغو |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| مصدر | لکڻ | لِکنگ | اِنگ | نوشتہ ڪَننگ |
| واحد غائب | هن لکيو هوندو | او لِکوئي | اوئي | او نوشتہ ڪَروئي |
| جمع غائب | هُنن لکيو هوندو | اونڪ لِکور | اور | اونڪ نوشتہ ڪَرور |

**فعل گردان ناهڻ:** براهوئي زبان ۾ فعل حال جاري لفظ ناهڻ لاءِ مصدر جي "اِنگ" اچار جي بدران "اَتِي اِ" جو اچار شامل ڪرڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح جمع لاءِ "آتي أ" جو اچار شامل ڪجي ٿو. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| صيغو | سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- | --- |
| مصدر واحد | پڙهڻ | پَڙهنگ | خوانِنگ |
| مصدر واحد | پڙهي ٿو | پَڙهِنگتِي ءِ | خُوانِنگتِيءِ |
| جمع | پڙهن ٿا | پَڙهِنگتِيءِ | خوانِنگتِيءِ |

**فعل جمع ناهڻ:** سنڌي زبان ۾ جيئن جمع ناهڻ لاءِ "او" جو صيغو شامل ڪري "هَلُ" مان "هَلو" ناهيو وڃي ٿو. تيئن براهوئي زبان ۾ وري "بو" جو اڇار شامل ڪيو وڃي ٿو. مثال "لک" واحد ۽ "لکبو" جمع لاءِ ٿيندو. اهڙيءَ طرح "ڪُٽڻ" مان ڪُٽ + بو = "ڪُٽبو"، ڪولِ مان ڪول + بو= "ڪولبو" سمجهڻ مان سمجهه + بو= "سَمجهبو"، پچڻ مان پچ + بو= "پچبو" ڪرڻ مان ڪَ + بو= "ڪَبو" ٿئي ٿو.

**انڪاري گردان:** سنڌيِ ٻوليءَ جي انڪاري حالت ۾ "نہ" جو صيغو استعمال ڪيو وڃي ٿو، پر ٻين ٻولين جو بہ جڏهن جائزو وٺون ٿا تہ اڪثر ٻولين ۾ جهڙوڪ: سرائيڪي، اردو ۽ پنجابي وغيره ۾ بہ "نہ" شامل ڪرڻو پوي ٿو. پر براهوئي زبان ۾ "نہ" بدران "پَہ" جو صيغو شامل ڪرڻو پوي ٿو. هيٺ اسان اهڙا مثال پيش ڪريون ٿا:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- |
| نہ لک | لِکپَہ | نوِشتَہ ڪپَہ |
| نہ پڙهہ | پَڙهپہ | خُوانِپَہ |
| نہ وڃ | هِنپَہ | هِنپَہ |
| نہ کاءُ | ڪُنپَہ | ڪُنپَہ |
| نہ ويهُ | تُولپَہ | تُولِپَہ |

**ضميري گردان:** براهوئي زبان جي ضميري گردانن ۾ "ڪي" جي صيغي ڪي "ايِ" يا "ءِ" جي اڇار سان استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً "انهن ڪي" بدران "اوفتي"، "اسان ڪي" بدران نَن + اي"

"تَني" وغيره ٻنهي زبانن جي انهن صيغن کي ڏسجي ته هڪجهڙا آهن، ڇو ته ٻنهي ۾ "اي" جو اچار شامل آهي.

**فعلي گردان:** جيڪڏهن ڪنهن ٻه ٻوليءَ جي لفظن جي گردانن ۾ فرق پوي ٿو ته پوءِ اهي لفظ جملن ۾ استعمال ڪرڻ وقت ٻه فرق سان گردان ڪن ٿا. مثلاً: جيڪڏهن اسين سنڌي ٻوليءَ جي لفظ "آهن" يا "آهيان" لفظن کي براهوئي زبان ۾ ڪم آڻينداسين ته اهي ترتيبوار "ارير" يا "اريٽ" طور ڪم ايندا، پر جڏهن انهن کي اسان جملن ۾ ڪم آڻينداسين ته اهي "ارير" بدران "ءُ" ۽ "اريٽ" بدران "ءُٽ" طور ڪم ايندا. مثلاً:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| وڃي رهيا آهن | هِننگِتيءُ | هِننگِتيءُ |
| وڃي رهيو آهيان | هِننگِتي ءُٽ | هِننگِتي ءُٽ |

**جنسي گردان:** جنس جي سڃاڻپ لاءِ سنڌي زبان ۽ براهوئي زبان جي گردانن ۾ فرق آهي. سنڌي زبان ۾ اهڙا سڀ نالا جن جي پڇاڙيءَ وارو حرف "آ" ۽ "اُ" پڇاڙيءَ سان استعمال ٿيل هجي. تنهن کي مذڪر ۽ جنهن جي پڇاڙيءَ وارو حرف "اِ" جي پڇاڙيءَ سان هجي تنهن کي مونث سمجهيو وڃي ٿو، مثلاً "ڇوڪرُ" يا "ڇوڪرِ" يا "ڪُڪَڙُ" ۽ "ڪُڪِڙِ" وغيره. پر براهوئي زبان ۾ ائين ناهي. انهن جي مونث يا مذڪر واري وضاحت لاءِ جدا صورتن ۾ نالا مقرر ٿيل آهن. اهوئي سبب آهي جو اڪثر بروهي مذڪر يا مونث جي استعمال وقت سنڌي صيغن کي نه سمجهڻ سبب غلط اچاري ويندا

آهن. براهوئي زبان ۾ ”ڪُڪُڙُ“ لاءِ ”بانگو“ ۽ ڪُڪِڙِ لاءِ ”ڪُڪُڙ“ ٿئي ٿو. يعني مونث ۾ ”ڪُڪُڙ“ جي ”ڙ“ ساڪن ڪريو ڇڏين. اهڙيءَ طرح ”ڇوڪَرُ“ لاءِ ”مارڪو“ ۽ ”ڇوڪَرِ“ لاءِ ”مَسِڙڪو“ مقرر ٿيل آهن. ان ڪان علاوه جنس بابت ڪجهه ٻيا صيغا پڻ استعمال ڪيا وڃن ٿا جن جا مثال هيٺ پيش ڪري رهيا آهيون:

| سنڌي | | سنڌ جي براهوئي | | نج براهوئي | |
|---|---|---|---|---|---|
| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
| اُٺ | ڏاچي | لُوڪ | ڏاچي | لُوڪ | ڊاچي |
| ڏاند | ڳئون | خراس ڪاريگر | ڍڳي | خراس ڪاريگر | ڏڳي |
| چاچو | چاچي | اِلہ | تاتہَ | اِلہ | تاتہَ |
| ٻڪرُ | ٻڪري | مَت | ايٽ | مَت | ايٽ |
| مرد | عورت | نَرينہَ | نياڻي | نَرينہَ | نِياڙي |

براهوئي زبان ۾ بي جان شيون نہ مذڪر ۽ نہ وري مونث ٿين جڏهن تہ سنڌي زبان ۾ مونث ۽ مذڪر جي پوريءَ طرح وضاحت ٿئي ٿي. مثلا: ڪِتابُ، تپُ، روحُ وغيره.

**امر ۽ مصدر:** مختلف ٻولين جا امر مصدر جوڙڻ وقت مختلف صورتون اختيار ڪن ٿا. سنڌي زبان ۾ هر فعلي لفظ پٺيان ”ڻ“ جو صيغو شامل ڪرڻ سان مصدر ٺهندو آهي. مثلاً: لک + ڻ = لکڻ. براهوئيءَ ۾ ”اِنگ“ جا اڳيار شامل ڪرڻ سان مصدر ٺهن ٿا. انگريزي زبان ۾ پڻ ”اِنگ“ جو اڳيار شامل ڪري مصدر ٺاهيو وڃي ٿو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ انگريزي زبان پنهنجي ٻوليءَ ۾ مصدر ٺاهڻ جي اها ترتيب براهوئي زبان کان ورتي آهي. ڇو تہ انگريزي زبان جو

جڏهن اسان گهرائيءَ سان جائزو وٺون ٿا تہ اسان کي ڪجهہ بيا اهڙا مثال بہ ملن ٿا، جيڪي هن براهوئي زبان کان حاصل ڪيا آهن. قدامت جي لحاظ کان براهوئي زبان انگريزي زبان کان گهڻو اڳ واري قديم سنڌ جي هڪ اهم زبان آهي. اهوئي سبب آهي تہ هن خطي ۾ بعد ۾ اچڻ ڪري انگريزي زبان نہ صرف "اِنگ" جو صيغو حاصل ڪيو اٿس. بلڪ "پيشي" ٻلي "PUSSY"، "اِستار" تارو "STAR"، "نَن" رات "NON" "NIGHT"، "دي" ڏينهن "DAY"، "پِن" نالو "PIN" جا لفظ بہ براهوئي زبان کان حاصل ڪيا اٿس. جيڪي قديم زماني کان براهوئي زبان ۾ مروج آهن. ان وقت انگريزي زبان جو نالو ۽ نشان بہ موجود ڪونہ هو. (١) ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي براهوئي لفظ انگريزي زبان نہ صرف براهوئي بلڪ سنڌي زبان کان پڻ حاصل ڪيا آهن. انهن ۾ براهوئي زبان جي "جُپ" کي "جُمپ" (JUMP) "مَڇ" (ٽورو) کي اُبتي معنيٰ ڪري "MUCH"، "سور" ڪنو کي "SOAR" ڪري ورتو آهي. جڏهن تہ سنڌي زبان مان "اڳي" مان اڳو "AGO"، "منجهہ" مان "AMONG" ۽ "ڪبٽ" مان "ڪَئبينيٽ" ڪري ورتو ويو آهي. (٢)

هاڻ جڏهن اسان اِمر لفظن کي مصدر ٺاهڻ لاءِ براهوئي ۽ سنڌي زبان جو جائزو وٺنداسين تہ اسان کي ڪافي هڪجهڙايون نظر اينديون. جو تہ سنڌ جو براهوئي محاورو تہ ڪافي حد تائين سنڌي زبان کان متاثر آهي. جڏهن تہ نج محاوري ۾ بہ ڪافي هڪجهڙايون موجود آهن. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

---

(١) بروهي داد محمد خادم ڊاڪٽر "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو" پي ايچ ڊي ٿيسز، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ١٩٩٠، ص ٢٠٨ - ٢٠٩.
(٢) ايضاً.

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- |
| چار + ڻ = چارڻ | چار + اِنگ = چارِنگ | خُواف + اِن=خُوافنگ |
| بخش + ڻ = بخشڻ | بَشڪ + اِنگ = بَشڪِنگ | بَشڪ + اِنگ =بَشڪنگ |
| لڳ + ڻ = لڳڻ | لگ + اِنگ = لَگنگ | لگ + اِنگ = لگنگ |
| گُذر + ڻ = گذرڻ | گُذر + اِنگ = گُذرِنگ | گِدر + اِنگ = گِدرِنگ |

**فعل معاون:** سنڌي زبان ۾ فعل معاون کي "آهي" ڪري استعمال ڪجي ٿو. جڏهن ته براهوئي ۾ "آري" ڪري استعمال ڪجي ٿو. مٿين علائقن ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي زبان ۾ براهوئي زبان جي اثر ڪري "آهي" فعل کي "آري" جي متاثر اچار ۾ "هي" يا "هَئي" ڪري ڪم آندو وڃي ٿو. براهوئي زبان جي ڪجهہ لفظن ۾ "اُري" جو اچار "ئي" يا "ءِ" طور بہ ڪم اچي ٿو. جنهن جي اثرن ڪري سنڌي زبان ۾ استعمال ڪرڻ وقت "آهي" کي بدلائي "ءِ" يا "ئي" طور ڪم آڻجي ٿو. مثلاً:

| معياري سنڌي | براهوئي | متاثر سنڌي |
| --- | --- | --- |
| وِندو پيو آهي | اِنِگنّيءِ | وِنو پَئو ءِ |
| لِڪندو پيو آهي | لِڪنگنّيءِ | لِڪنو پَئو ءِ |

**"ر" بدران "ڙ" جو استعمال:** بلوچستان جي متاثر سنڌي زبان ۾ ڪي اهڙا صوتيا آهن جيڪي پنهنجي اصلي صورت بدران اُن جي ٻي صورت جهڙن صوتين ۾ بدلجي ڪم اچن ٿا. مثلاً: "ر" بدران "ڙ" ڪم اچي ٿي. اها تبديلي براهوئي زبان جي اثر سبب قائم ٿي آهي، ڇو ته اها ساڳي تبديلي براهوئي زبان ۾ بہ مروج

آهي، مثال طور هيٺ ڪجهه اهڙا لفظ پيش ڪجن ٿا:

| معياري سنڌي | براهوئي | متاثر سنڌي |
| --- | --- | --- |
| سَردار | سَڙدار | سڙدار |
| مُردار | مڙدار | مڙدار |
| درد | دڙد | دڙد |
| مرد | مَڙد | مَڙد |
| زَرد | زڙد | زڙد |
| خرچ | خڙچ | خڙچ |
| پردو | پڙده | پڙدو |

**نوان لفظ:** براهوئي زبان توڙي ٻين زبانن جي اثر سبب ٻنهي زبانن جي مختلف صوتي اثرن تحت ٻنهي زبانن ۾ هڪجهڙا نوان لفظ شامل نظر اچن ٿا. جيڪي ٻنهي ٻولين وارا ماڻهو پنهنجو سمجهي استعمال ڪري رهيا آهن. اهي لفظ هڪ ٻوليءَ کان ٻي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيڻ وقت ڪجهه تبديليءَ سان استعمال ٿين ٿا. هيٺ اهڙن لفظن جي هڪ لڙهي پيش ڪجي ٿي:

| براهوئي زبان | سنڌي زبان | معياري زبان ۾ معنيٰ |
| --- | --- | --- |
| آسرات | آسرات | آرام |
| اولاڪ | اولاخ | سواري لاءِ جانور |
| اِيزڪ | اِيزڪ (١) | لسي ولوڙڻ واري ڪِلي |

(١) بروهي داد محمد ڊاڪٽر "سبيءَ جي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو. حيدرآباد. ١٩٩٢ع.

| | | |
|---|---|---|
| بُچَړ | بُچَړ | قاتل تګړيون |
| بَلي | بَلي | کراړي |
| پُچ | پُچ | کپړا |
| خَزوپ | خزوپ | قيهہ (مار) |
| خِيري | خِيري | چادر |
| چُغ | چُغ | کياړي |
| چَندِي | چَندِي | ڪـ‌ئي |
| چُړک | چُړکِ | کَړوکي |
| دِ رګ | دِ رګ | ٹنګ |
| دُراهہ | دُراهہ | چګو يلو |
| زِک | زِک | گهہ جي کلي |
| سِکَت | سِکَت | سُکَل |
| سَرپُت | سَرپُت | جُنبي وجۂ |
| رِيش | ريش | ڈاڑهي |
| ريش | ريش | پونۂ زخم |
| خُندَک | خُندَک | کاوڑ |
| سَيل | سَيل | تماشو |
| سَرِيال | سَرِيال | سمجهدار |
| شور | شور | خار |
| شغان | شَغان | طعنو |
| شِست | شِست | نِشانو |
| شِنګ | شِنګ | ڪاوڙيل |
| کلئو | کلئو | پيغام |

| | | |
|---|---|---|
| ڪَچَٽ | ڪَچَٽ | گدلو |
| ڪوچرو | ڪوچر | شرمِندو |
| ڪونڊ | ڪونڊ | غار- ٽُنگ |
| گورمُ | گورمُ | ٿڻ |
| گورَبند | گورَبند | ٻَنڌڻو |
| گِدان | گدان | تمبُو |
| گٽ | گٽ | سوگهو |
| لوَڙ | لوَڙ | اُڇلائڻ |
| لَمبہ | لمبہ | باھہ جو اُلو |
| لاپچنگ | لانچڻ | ڪُنجَڻ |
| لاغ | لاغ | وڏ و |
| لوٺ | لوٺ | ڳوٺڙي |
| مَتَل | مَتَل | ڀاڪو |
| لُڙد | لُڙد | لُڙائو |
| مُڄ | مُڄ | ڪوهيڙو |
| مَڊُول | مَڏول | ڪوپري |
| نِدان | نِدان | نيٺ |
| ناگمان | ناگمان | اوچتو |
| نافت | نافت | ڪوٽ |
| وَڙ | وَڙ | نمونو- قسم |
| وَختي | وَقتي | قديم- پراڻو |
| هُر- لُوچ | هُر | اڳهاڙو |

| | | |
|---|---|---|
| يَلِ | يَلِ | آزاد- ڇڙواڳ |
| يا!! | يان!! | عجب ۾ پوڻ |

**صرفيات:** ٻنهي ٻولين جي هڪجهڙائين کي جڏهن صرفيات جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ اسان کي انهن ۾ ڪافي هڪجهڙايون نظر اچن ٿيون، ڇو تہ ٻئي ٻوليون هزارين سالن کان هڪ ئي خطي ۾ گڏجي رهن پيون. سنڌي ٻوليءَ جي "ڪان" ، "مان" يا "تان" لاءِ استعمال ٿيندڙ "آن" پڇاڙيون براهوئي زبان ۾ بہ ساڳيءَ طرح سان مروج آهن. يعني ساڳيءَ معنيٰ ۽ مقصد ۾ ئي استعمال ٿين ٿيون. مثلاً:

| معياري سنڌي | پڇاڙي | براهوئي | آن پڇاڙيءَ سان لفظ |
|---|---|---|---|
| هت- هتان | آن | داڙي | داڪان- داڙان |
| ڪِٿ- ڪِٿان | آن | آراڙي | آراڙان- آراڪان |
| مون- مون ڪان | آن | ڪَني | ڪَنيان |
| وِچ- وِچان | آن | نِيام | نِيامان |
| مَنجهہ- منجهان | آن | تهہ | تَهان |

ٻنهي ٻولين جي پڇاڙين جي مطالعي ڪان معلوم ٿئي ٿو تہ صرفي پڇاڙين ۽ اڳياڙين ۾ منجهن ڪافي حد تائين هڪجهڙايون آهن، جيڪي صرف هڪجهڙائين ۾ شامل آهن. اهڙيءَ طرح جڏهن اڳياڙين جوجائزو وٺون ٿا تہ انهن ۾ بہ اسان کي ڪافي هڪجهڙايون ملن ٿيون. بلڪ ائين محسوس ٿئي ٿو تہ ٻئي ٻوليون ساڳيون ئي ٻوليون آهن. منجهن صرف لهجي ۽ جهيلار جو فرق آهي. هيٺ اسين ڪجهہ اهڙا اڳاڙين وارا لفظ مثال طور پيش ڪيون ٿا:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| **بي اڳيان ڙيون** | |
| بي ادب | بي ادب |
| بي عقل | بي عقل |
| بي آبرو | بي آبرو |
| بيداد | بيداد |
| بي باڪ | بي باڪ |
| بي سبب | بي سبب |
| بي اثر | بي اثر |
| بي سُرو | بي سرو |
| بي مِزو | بي مِزه |
| بي بخت | بي بخت |
| **بد اڳياڙيون** | |
| بدبو | بدبو |
| بدصورت | بدصورت |
| بدڪار | بدڪار |
| بدگمان | بدگمان |
| **نا ڳياڙيون** | |
| نافرمان | نافرمان |
| نا اميد | نا اوميت |
| نالائق | نا لائخ |
| **ڪم اڳياڙيون** | |

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| ڪمزور | ڪمزور |
| ڪم بخت | ڪم بخت |
| ڪمياب | ڪمياب |
| ڪم طاقت | ڪم طاقت |
| ڪم همت | ڪم همت |
| **بر اڳياڙيون** | |
| بر زبان | برزبان |
| برباد | برباد |
| برجا | برجا |
| بَرقرار | بَرقرار |
| بَرجستو | بَرجسته |
| **سر اڳياڙيون** | |
| سر زمين | سرزمين |
| سرگرم | سرگرم |
| **خود اڳياڙيون** | |
| خود غرض | خود غرض |
| خود دار | خود دار |
| خود سر | خود سر |
| **خوش اڳياڙيون** | |
| خوشبوءِ | خوشبو |
| خوش آمد | خوش آمد |

| | | | |
|---|---|---|---|
| خوشخبري | خوشخبري | دست اندازي | دست اندازي |
| **هم اڳياڙيون** | | دستاويز | دستاويز |
| هم جنس | هم جنس | دستڪاري | دستڪاري |
| همدرد | همدڙد | دسترس | دسترس |
| همراز | همراز | دستياب | دستياب |
| **دست اڳياڙيون** | | | |

**پڇاڙيون:** ٻنهي زبانن جي پڇاڙين تي جڏهن نظر وجهجي ٿي تہ انهن ۾ بہ اسان کي ڪافي هڪجهڙايون نظر اچن ٿيون. جنهن مان ٻنهي ٻولين جي هڪجهڙائين جو چڱيءَ طرح پتو پوي ٿو، مثلاً:

| سنڌي زبان | براهوئي زبان | سنڌي زبان | براهوئي زبان |
|---|---|---|---|
| **وار پڇاڙيون** | | آبادگار | آبادگار |
| بزرگوار | بزرگوار | **مند پڇاڙيون** | |
| تاريخوار | تاريخوار | هنر مند | هنرمند |
| هموار | هموار | درد مند | دڙد مند |
| غَمخُوار | غمخُوار | غيرت مند | غيرتمند |
| **سار پڇاڙيون** | | **آور پڇاڙيون** | |
| سنگسار | سنگسار | بخت آور | بخت آور |
| ڪوهسار | ڪوهسار | نشہ آور | نشہ آور |
| شرمسار | شرمسار | زورآور | زور آور |
| **گار پڇاڙيون** | | **ڪار پڇاڙيون** | |
| پروردگار | پروردگار | سياهڪار | سياهڪار |
| خذمتگار | خذمتگار | خرڪار | خرڪار |

| | | | |
|---|---|---|---|
| زار پڇاڙيون | | ديوانگي | ديوانگي |
| گلزار | گلزار | آئي پڇاڙيون | |
| لالازار | لالازار | سچائي | سچائي |
| مرغزار | مرغزار | برائي | برائي |
| گي پڇاڙيون | | حلوائي | حلوائي |
| زندگي | زندگي | ڪاسائي | ڪاسائي |
| آسودگي | آسودگي | مٺائي | مٺائي |
| حيرانگي | حيرانگي | | |

**نحويات:** ٻنهي زبانن جي نحويات جي روشنيءَ ۾ مطالعي دوران اسان کي ڪافي هڪجهڙايون نظر اچن ٿيون، مثال: "ي" جي پڇاڙي جهڙي طرح سنڌيءَ ۾ شامل ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح سان اها براهوئي زبان ۾ به استعمال ڪجي ٿي. سنڌيءَ ۾ "ڏيگهه" کي "ي" پڇاڙي سان "ڏگهي" ڪجي ٿو. ائين براهوئي زبان ۾ به "مُرُغني" يعني "مرغن" سان "ي" جي پڇاڙي ملائي ڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح جا ڪجهه ٻيا مثال آهن جيڪي ٻنهي زبانن ۾ معنيٰ توڙي مفهوم جي لحاظ کان ساڳيا آهن ۽ اهي ساڳيءَ طرح جي پڇاڙين سان ساڳيءَ معنيٰ ۾ ڪم اچن ٿا. هيٺ اسين ڪجهه اهڙي قسم جا مثال پيش ڪيون ٿا:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| اي پڇاڙي | |
| غم+ اِي= غمي | غمِ+ اِي= غَمِي |
| بهادر+ اي= بهادِري | بهادُر+ اي= بهادِري |

# باب ٽيون

## سنڌي ٻوليءَ جو براهوئي زبان تي اثر

هي هڪ فطرتي عمل آهي تہ مختلف سماجي ماحولن ۽ گروهن جي ميل جول سبب ٻوليون هڪٻئي تي اثر انداز ٿين ٿيون. جنهن سبب نہ صرف ٻولين ۾ محاورا وجود ۾ اچن ٿا، بلڪ ڀيون پرواريون ٻوليون پڻ متاثر ٿين ٿيون. هرهڪ ملڪ ڪيترن ئي ثقافتي ۽ سياسي دورن مان گذرندو رهندو آهي. ڪو ملڪ غلام ٿيندو آهي تہ اتان جي زبان واري قوم حاڪم قوم جي زبان کان متاثر ٿيندي آهي، جيڪڏهن حاڪم قوم گهر ڪري ويهندي آهي تہ پوءِ جيڪي بستيون اها قوم وسائيندي آهي، تن بستين ۾ مقامي ٻولي ۽ حاڪمن جي ٻولي ملي هڪ نئين ٻولي پيدا ڪنديون آهن، جنهن ۾ حاڪمن جي ٻوليءَ جا نمايان اثر ڏسڻ ۾ ايندا آهن (١) اهڙي ٻوليءَ کي ان وڏي ٻوليءَ جو هڪ محاورو چئي سگهجي ٿو.

ٻولي حقيقت ۾ هڪ بي انت بحر جي مثل آهي، جيڪو هر وقت ڇوليون هڻندو نظر اچي ٿو. انهن ڇولين سبب هو پنهنجي ڪنارن جي ڪيترين ئي شين کي پنهنجي لڳاتار جهٽڪن سبب ڳاري ڳوري ڪنارن وٽ مختلف رنگ اختيار ڪري ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب هن سلسلي ۾ لکيو آهي تہ، ٻولي هڪ سمنڊ جي مثل آهي. جنهن جي ساحل تي ويهي نهارڻ سان ڏسبو تہ پاڻي جي لهرن ۽ ڪنارن جي ڪائنات (ڪوڏن ۽

---

(١) بروهي داد محمد خادم ڊاڪٽر "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو" پي ايچ ڊي ٿيسز سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو ١٩٩٠ ص١٦٧.

ڪرڪٽن، پٿرين) جي وچ ۾ عمل رد عمل جو عجيب نظارو نظر ايندو آهي. ڪنارن جي ڪيترين ئي شين کي لهرن جي مسلسل پيٽ چپيٽ سان ڳاري پاڻيءَ ۾ ملائي ڇڏيو آهي. ڪٿي وري سپيرن جا ڍير ۽ واريءَ جا ڍڳ سمنڊ آڏو سينو سپر ڪيو بيٺا آهن، جنهن ڪري پاڻي اڳتي هلڻ کان روڪجي ويو آهي ۽ ڪنارن جي ڪنهن ڀاڱي سان تہ وري ايڏا جبل آهن، جو پاڻي جي اُڇل جو اثر مٿن تمام ٿورو آهي. ساڳيءَ طرح زنده ٻوليءَ جو درياءُ بہ پنهنجي سرحدن تي موجون هڻي ٿو. پوءِ يا تہ پنهنجي زرخيز پاڻيءَ سان پرواري ٻوليءَ جي ايراضيءَ کي آباد ڪري پنهنجي پيچ هيٺ آڻي ٿو. يا تہ اٿل ڪري ان کي پنهنجو ڪجهہ ڪوچو بڻائي ٿو. يا تہ ان کي پاڻيندڙ تي پائي ٿو ۽ ان سرزمين جي اصل صورت ئي بدلائي ڇڏي ٿو. (۱) اهڙيءَ طرح مختلف ٻوليون پنهنجن سرحدن تي پاڻ ۾ ملن ٿيون جتي هڪٻئي تي ان ميلاپ سبب اثر انداز ٿين ٿيون. ميٺ محبت سبب زنده ٻوليون پنهنجي ذاتي اثر رسوخ ۽ زور بار سان ٻي ٻوليءَ جي سرحد ٽوڙي ان جي اندرين ايراضيءَ تي پنهنجو اثر وڌائي ان تي پنهنجو رنگ چاڙهين ٿيون. ان ڪري اهي ٻوليون پنهنجي ميل ميلاپ سبب هڪٻئي کان متاثر ٿين ٿيون.

سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو مثال بہ ان ئي قسم جو آهي، جتي سنڌي ٻولي گهڻي انداز ۾ موجود آهي اتي اها براهوئي زبان تي اثر انداز ٿئي ٿي. جتي اها ٿوري انداز ۾ موجود آهي اتي پاڻ ان کان متاثر ٿي پوي ٿي. اهڙيءَ طرح براهوئي زبان جو مثال اسان جي

(۱) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ ان جو ڪچي محاورو" مهراڻ موجون، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي ۱۹۶۴. ص ۲۶ -۲۵.

سامهون آهي. سنڌ جي اندرين علائقن توڙي ان جي سرحدي علائقن جي براهوئي زبان جو اسان جڏهن مطالعو ڪريون ٿا تہ اسان کي اها سنڌي زبان کان ڪافي انداز ۾ متاثر نظر اچي ٿي. ايتري تائين جو ان جون صوتياتي، صرفي ۽ نحوي بناوتون يا صورتون سنڌي زبان سان ملندڙ جلندڙ نظر اچن ٿيون. ان ڪري جيڪڏهن اسان سنڌ جي براهوئي زبان کي سنڌي براهوئي محاورو چئون تہ بيجا نہ ٿيندو، چو تہ بلوچستان ۾ جهالاواني ۽ ساراواني بہ محاورا موجود آهن. جيڪي سنڌ جي براهوئي زبان کان وڏي فرق سان استعمال پيا ٿين.

**صوتياتي جائزو:** براهوئي زبان جي الف- بي جي پٽي اڙدو ۽ فارسي نموني جي آهي، جنهن ۾ معروف محقق ڊاڪٽر عبدالرحمان براهوئي ٥٦ حرف ڏنا آهن (١) انهي پٽيءَ ۾ "رھ"، "ڑھ" "لھ"، "مھ" ، "نھ" "ڑ" ۽ "ڵ" جا صوتيا بہ شامل آهن. موجوده بلوچستان حڪومت طرفان مرتب ڪيل پهرين درجي واري براهوئي زبان جي نصابي ڪتاب ۾ مٿي ذڪر ڪيل مرڪب يا پٺن صوتين سان گڏ "ڑ" وارو اچار بہ شامل ڪونہ ڪيو ويو آهي، "ڑ" جو صوتيو براهوئي زبان ۾ استعمال ٿيڻ وقت سنڌي جي "ڻ" صوتيي سان مشاهبت رکي ٿو. جڏهن تہ "ڵ" ۽ "ڑ" جا صوتيا مڪمل طور براهوئي صورتخطي ۽ زبان ۾ استعمال ٿين ٿا. جيڪي نيٺ براهوئي حرف ليکجن ٿا. براهوئي نور محمد پرواني پنهنجي براهوئي قاعدي (٢) ۾ ابجد لاءِ ٤٧ حرف ڏنا آهن، جن ۾ "ڑ" ۽ "ڵ" جا صوتيا بہ

---

(١) براهوئي عبدالرحمان ڊاڪٽر "براهوئي اور اردو زبان ڪا تقابلي جائزہ" پي ايچ ڊي ٿيسز شايع شده هفته روزه ايلم مسترنگ ٣ ڊسمبر ١٩٩١. ص ٨.

(٢) براهوئي نورمحمد پروانہ "براهوئي قائده" براهوئي ادبي بورڊ ڪوئٽہ ١٩٦١.ص ١٠.

شامل آهن. پر ان ۾ حرف "ڙ" جو ڪوبہ ذڪر ڪونهي ۽ نہ وري لهہ، مهہ، نهہ، ڻهہ ۽ رهہ جو ڪو ذڪر ڪيو اٿن.

سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي علائقن يا خاص طور سنڌ جي اندروني علائقن جي براهوئي زبان جو جڏهن اسان صوتيات جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺنداسين تہ اها اسان کي ڪافي حد تائين سنڌي زبان کان متاثر نظر ايندي، ڇو تہ ان ۾ سنڌي زبان جا مخصوص صوتيا ٻ، ڏ، ڄ، ڃ، ڳ، ڱ ۽ ڻ بہ استعمال ٿيندي نظر اچن ٿا. سنڌي زبان جا اهي سڀئي صوتيا استعمال ڪرڻ براهوئي زبان جي اهم لساني خوبي ليکي وڃي ٿي. بلڪ ائين ڪٿي چئجي تہ براهوئي زبان ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي زبان کان وڌيڪ متاثر آهي تہ غلط ڪونہ ٿيندو. هيٺ اسين تفصيلوار انهن صوتين جي استعمال تي روشني وجهنداسين:

"ڻ" صوتيي جو استعمال: بلوچستان ۾ "ڻ" صوتيي جو استعمال مختلف نمونن سان ڪيو وڃي ٿو. مثلاً:

ن = ڻ = رئيساني (ن)

نڙ = ڻ = رئيسانڙي (نڙ)

ڙ = ڻ = رئيساڙي (ڙ)

اهڙيءَ طرح هو رئيسائيءَ کي "رئيساني"، "رئيسانڙي" ۽ "رئيساڙي" ڪري چون يا لکن ٿا. مطلب تہ هو "ڻ" جي هڪڙي صوتيي کي ٽن صورتن ۾ استعمال ڪن. جڏهن تہ "ڻ" صوتيي جي واضح صورت سندن اڪثريت وٽ مشتعمل آهي، پر ان کي صحيح طرح سان هو استعمال ڪرڻ جي نہ ڪوشش ٿا ڪن ۽ نہ

وري انهي صوتيي کي براهوئي زبان جي الف- بي واري پٽيءَ ۾ ٿا جاءِ ڏين. حالانڪ راقم طرفان ان صوتيي کي صورتخطيءَ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش هلي رهي آهي. ان صوتيي کي براهوئي زبان ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ فرق سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش طور نون "ن" غني جي ان ۾ اچار هئڻ سبب، اهو احساس ڏيارڻ جي مقصد سان ان جي نئين صورت هيءَ "ڻ" (١) تيار ڪري پيش ڪئي آهي. پر هن وقت تائين ان کي قبول ڪونہ ڪيو ويو آهي. حالانڪ سنڌي لاءِ صورتخطيءَ ۾ انهي هڪ صوتيي کي ٽن صورتن ۾ استعمال سبب ڪافي مونجهارا موجود آهن. اهو صوتيو براهوئي زبان جي لفظ "ڪاٺہ يعني "ڪاٺو"، "ٽاٺہ يعني ٽاٺو" "سهٽا، يعني سُهٽو" ۽ "چُوٽا يعني چُونڊڻ" ۾ پڻ ساڳيءَ طرح جي اُچار سان استعمال ٿئي ٿو ۽ سنڌ جي براهوئي زبان ۾ تہ صاف ۽ واضح طور "ڻ" جي اچار ۾ استعمال ڪيو پيو وڃي. هن ڪان اڳ راقم اڪثر انهي صوتيي کي "ڻ" (٢) جي صورت ۾ پيش ڪندو رهيو آهي. ڊاڪٽر شرف الدين اصلاحي پڻ ساڳي صورت پيش ڪئي آهي (٣) جنهن مان ان ۾ "ن" غني جي اچار جي موجودگيءَ جو پتو پوي ٿو. هيٺ اسين ان جا ڪجهہ بيا مثال پيش ڪيون ٿا:

(١) بروهي داد محمد خادم ڊاڪٽر "براهوئي زبان ٽي حرف ڻ نا ضرورت" ماهنامہ "ڪيرتر" جيڪب آباد، آڪٽوبر ١٩٩٠. ص ٣.
(٢) براهوئي داد محمد خادم ڊاڪٽر "براهوئي لکوڙن مختصر جائزه "ششماهي ڪپوت بزم مولائي شيدائي محمد پور ايو جيڪب اباد "پندراڻ نامہ" ١٩٥٨. ص ٨٠.
(٣) شرف الدين اصلاحي "اردو سنڌي ڪي لساني روابط" نيشنل بوڪ فائونڊيشن لاهور ڇاپو پيو، ١٩٨۴. ص ١٨٧.

| سنڌ جي براهوئي | سنڌي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| سيوهڻ | سيوهڻ | سيوهنڙ |
| ڪاڻ | ڪاڻ | ڪانڙ |
| ڳوٺي | ڳوٺي | گُونڙي |
| صابڻ | صابڻ | صابنڙ |
| ڳٽتي | ڳٽتي | گڙتِي |

براهوئي زبان ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "گڙتي، معنيٰ ڳٽتي" کي هڪڙي براهوئي شاعر هن طرح استعمال ڪيو آهي. هِرانگي هِنوسُن تَني گڙتِي اَلتو. گن تِي خُلِيس ئس اِلَتو (پيرل زبيرائي) (١).

**"ڱ" صوتيي جو استعمال:** هن ۾ امر جي شهادت موجود آهي تہ سنڌي "ڱ" دراصل "ن گ" کان مرڪب تي هڪ مفرد صورت اختيار ڪئي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب نگ ۽ ڱ جي صورتن جي هڪجهڙائيءَ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ "رنگنا" اڙدو جي حرف کي سنڌيءَ ۾ "رنڱڻ" جي معنيٰ ۾ پيش ڪيو آهي. (٢) ڊاڪٽر غلام علي الانا جن ٽرمپ جي ان اچار جي صورت "نگ" کي ناپسند ڪندي "ڱ" کي صحيح ڏسيو آهي. خانبهادر محمد صديق "ڱ" جي صوتيي کي قديم صورتخطيءَ ۾ "نگ" ڪري ڀڌايو آهي. جنهن ۾ هن "آگريون" کي "آنگريون"

---

(١) زبيرائي پيرل ماهوار "ڪيرٿر" جيڪب آباد، نومبر ١٩٩٠. ص٢.

(٢) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "اردو سنڌي لغت" سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ١٩٦٠. ص ٣١١.

ڪري لکيو آهي. (۱)

براهوئي زبان جي نج محاوري جي صورتخطيءَ ۾ جيتوڻيڪ هي صوتيو موجود ڪونهي ان جي باوجود ڊاڪٽر عبدالرحمان براهوئي ان کي پنهنجي پي ايچ ڊي واري ٿيسز ۾ "نگ" جي صورت ۾ شامل ڪيو آهي. جنهن جي اچارڻ سان سنڌيءَ جي "ڳ" جو اچار ملي ٿو. مثال: بلوچستان جي مٿانهين علائقي جا براهوئي "مڳ" کي "منگ" استعمال ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح "واڳڻ" کي "وانگڻ" استعمال ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح "سڳ" کي "سنگ" يا انهي قسم جي بين لفظن جي اچارن کي "نگ" جي اچار ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً:

| سنڌي | سنڌي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| هِڳ | هِڳ | هِنگ |
| رڳڻ | رڳڻ | رنگڻ- رنگڙ |
| واڳڻ | واڳڻ | وانگڙ |

**"ڏ" صوتيي جو استعمال:** بلوچستان جي بروهين ۾ هي صوتيو "ڏ" بدران "ڎ" يعني سنڌي زبان جي "ڊ" جي اچار ۾ استعمال ٿئي ٿو. سنڌ يا سرحدي علائقن ۾ اهو حرف بلڪل صاف ۽ واضح طور ڏ جي صورت ۾ استعمال ٿيندي نظر اچي ٿو، مثال اسين هيٺ نج براهوئي ۽ سنڌ جي براهوئي ۾ ان جي استعمال جا ڪجهه نمونا پيش ڪريون ٿا:

---

(۱) ميمڻ خانبهادر محمد صديق "سنڌ جي ادبي تاريخ" آر ايچ برادرس حيدرآباد، ۱۹۷٦. ص ۱۵.

| سنڌي لفظ | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- |
| ڪوڏر | ڪوڊر- ڪوڏر | ڪوڊال |
| ڏيڏر | ڊيڊر- ڏيڏر | پُغث |
| گڏ | گڊ- ڪڏ | گڊ |
| آڏو | اڊو- اڏو | آڊه |
| ڏول | ڊول- ڏول | ڊول |
| ڏاج | ڏاج | ڊاج (١) |
| ڏند | ڊند- ڏند | ڊند |
| ڏک | ڊک- ڏک | ڊک |
| لاڏ | لاڊ- لاڏ | لاڊ |
| گُڏي | گُڊي- گُڏي | گُڊي |
| گوڏو | گوڊو- گوڏو | گوڊه |
| لوڏو | لوڊو- لوڏو | لوڊه |
| ڏيهہ | ڊيهہ- ڏيهہ | ڊيهہ |
| ڏيمبو | ڏيمبو- ڊيمبو | ڊيمبو |
| هڏ | هڊ- هڏ | هڊ |
| ڏمب | ڊمب- ڏمب | ڊمب |

**”ڳ“ صوتيي جو استعمال:** سنڌ جي براهوئي زبان ۾ سنڌي زبان جو هي صوتيو بہ مڪمل طرح سان صاف ۽ واضح طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. حالانڪ براهوئي صورتخطي ۾ موجود ڪونهي. سنڌ جا براهوئي ان کي پنهنجي زبان جي حرف طور استعمال ڪن

(١) براهوئي عبدالرحمان ڊاڪٽر ”براهوئي نامہ“ مرڪزي اردو بورڊ لاهور جولاءِ، ١٩٧٨.
ص ١٣

تا. بلوچستان جي اندرين علائقن جي براهوئي زبان ۾ هي صوتيو "ڳ" جي اچار سان استعمال ڪيو وڃي ٿو. جيئن تہ هن صوتيي جو اچار "گ" صوتيي سان ملي ٿو، ان ڪري نج براهوئي ۾ اڙدو زبان وانگر "گ" جي صوتيي طور استعمال ڪجي ٿو ۽ "ڳ" جا لفظ بہ "گ" جي صورت ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. مثال:

| سنڌي | سنڌي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| جهڳڙو | جهڳڙه | جگڙه |
| ديڳ | ديڳ | ديگ |
| ساڳ | ساڳ | ساگ |
| نڳ | نڳ | نگ |
| جڳهہ | جڳهہ- جاڳہ | جاگہ (١) |
| ياڳ | ياڳ | ياگ |
| راڳ | راڳ | راگ |
| ڳوٺ | ڳوٺ | گوٺ |
| ڳئون | ڳئون | ڏگي |
| رڳڙو | رڳڙه | رگڙه |

**"ڄ" صوتيي جو استعمال:** سنڌي زبان جو هي صوتيو بہ سنڌ جا بروهي پنهنجي زبان طور صاف ۽ واضح طرح استعمال ڪن ٿا. حالانڪ براهوئي زبان جي صورتخطيءَ ۾ هي اچار موجود ڪونهي. پر ان جي بدران "ج" صوتيو ڪم آندو وڃي ٿو. جهڙيءَ طرح اڙدو وارا ڪن ٿا. هي صوتيو اڳيان پويان توڙي وچ ۾ پڻ ڪم اچي ٿو ۽

(١) بروهي عزيزالله "عزيز" سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو تقابلي جائزو "ٽہ ماهي مهراڻ س-ا- ب حيدرآباد،٣ / ١٩٨٦. ص ١٢٣.

هر هنڌ سنڌ جا براهوئي ان کي سنڌيءَ جي اچار ۾ استعمال ڪن ٿا. هيٺ ڪجهه اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا:

| سنڌي | سنڌي جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| ڄمون | ڄمون | جمون |
| ڄار | ڄار | جالي |
| ڄاهو | ڄاهو | سَرڪُڪ |
| ڄَڄ | ڄڄ | جَنج- جَن |
| ڄٽ | ڄَٽ | جٽ |
| ڄارو | ڄارو | جالہ |
| ڄاميو | ڄاميو | جامبو |

**"ڃ" صوتيي جو استعمال:** سنڌي زبان جي هن صوتيي کي بہ سنڌ جا بروهي پنهنجي بوليءَ ۾ صاف ۽ واضح طور ساڳي ئي اچار ۾ استعمال ڪن ٿا. پر نج براهوئي زبان ۾ ان صوتيي کي "نج" اچار طور استعمال ڪيو ويجي ٿو. ڊاڪٽر عبدالرحمان براهوئي بہ ان کي "نج" جي اچار ۾ استعمال ڪيو آهي. هيٺ اسين ڪجهه مثال پيش ڪيون ٿا:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| مُڃ | مُڃ | مُنج |
| ڪڃر | ڪڃر | ڪَنجر |

سنڌي زبان جي ڪجهه محاورن ۾ "ڃ" جو صوتيو اڳياڙي طور بہ استعمال ٿيندي ملي ٿو. مثال: بلوچستان جي جهل‍الي ۽ فراڪي

محاورن ۾ "ڄ" صوتيو "ڄياڻي"(١) يعني نياڻي لفظ جي اڳياڙي طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح هي صوتيو سنڌ جي براهوئي زبان ۾ پڻ ساڳيءَ طرح ڪم اچي ٿو. ٿري لهجي ۾ رسيءَ جي ٽڪر کي "ڄُونجڻ" چيو وڃي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته اتان جا بروهي پنهنجي زبان ۾ به ان کي "ڄُونجڻ" چوندا هجن.

**"ٻ" صوتيي جو استعمال:** سنڌي زبان جو هي صوتيو پڻ سنڌ جي براهوئيءَ ۾ مڪمل طور صاف طرح استعمال ٿيندي ملي ٿو، حالانڪ نج براهوئيءَ ۾ موجود ڪونهي ۽ نه وري ان جي صورتخطيءَ ۾ آهي. ان ڪري نج براهوئي زبان ۾ "ٻ" صوتيي وارا سڀ لفظ "ب" صوتيي سان استعمال ڪيا وڃن ٿا. ڊاڪٽر شرف الدين اصلاحي لکي ٿو ته "ٻ" جو اچار انگريزيءَ وارن به سنڌيءَ کان ورتو آهي. جيڪو "ٻالاس" کان "ٻيلنس Balance" ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح عربيءَ ۾ "حبس" کي "حباٻ" ۽ فارسي ۾ "دبدبو" کي "دبدبه" ۽ "ٻانگ" کي "بانگ" چيو وڃي ٿو. (٢) مٿين حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو ته "ٻ" صوتيي کي نه صرف براهوئي زبان بلڪ انگريزي عربي ۽ فارسي زبان وارا به "ب" جي صورت ۾ حاصل ڪري استعمال ڪن ٿا. هيٺ اسين انهيءَ صوتيي جا ڪجهه مثال پيش ڪريون ٿا:

---

(١) براهوئي داد محمد خادم ڊاڪٽر "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو" پي ايچ ڊي ٿيسز، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ١٩٩٠، ص ٣٢٧.
(٢) شرف الدين اصلاحي ڊاڪٽر "اردو سنڌي کي لساني روابط" نيشنل بوڪ فائونڊيشن لاهور ڇاپو پيو، ١٩٨٤، ص ١٣٢.

| سنڌي | سنڌي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| ٻير | ٻير | ٻير |
| ٻِڙ | ٻِڙ | ٻَيل |
| ٻانگو | ٻانگو | ٻانگو |
| ٻوجهه | ٻوجهه | ٻوج |
| ٻُوٽي | ٻُوٽي | ٻُوٽي |
| ٻول | ٻول | ٻول |
| دٻاءُ | دٻاءُ | دٻاء |
| گهٻراهٽ | گهٻراهٽ | گهٻراهٽ |
| ٻيڙي | ٻيڙي | ٻيڙي |

**ڊ، ڍ، ٽ ۽ ٺ جو استعمال:** ظاهري طرح تہ هي صوتيا هڪڙوئي صوتيو محسوس پيا ٿين، پر حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪجهہ لفظن ۾ اهي چارئي صوتيا ننڍڙي "ر" گاڏڙ مرڪب حرفن جي حيثيت رکن ٿا جيڪي اصل ۾ چوسٽا اچار آهن. انهن صوتين مان ڊ، ڍ ۽ ٽ بابت ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جن پنهنجي ڪتاب تحقيق سنڌي لغات ۾ انهن ۾ "ر" جي اچار جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جن پنهنجن ڪتابن توڙي لکڻين ۾ "ر" جي گڏيل اچار جو ذڪر ڪندا رهيا آهن (١). پر راقم جي تحقيق موجب حرف "ٺ" جو اچار پڻ ڪجهہ لفظن ۾ "ر" گاڏڙ ملي ٿو. هيٺ اسين مختصر طور انهن چئن صوتين جي "ر" گاڏڙ لفظن جي

(١) ٻروهي داد محمد ڊاڪٽر "سبيءَ جي ٻولي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ١٩٩٢. ص ٢١.

نشان ڏهي ڪيون ٿا:

ڊ ، ڪنڊ = ڪنڊر، جنڊ = جنڊر ، منڊي = منڊري.

ڏ، ڏو = ڏرو، واڏ = واڏر، وڏ = وڏر.

ٽ، پُٽ = پُٽر، مائٽ = مائٽر، چَٽي = چَٽري.

ٿ، سُٿو = سُٿرو، سُٿا = سٿرا، سُٿي = سٿري.

مٿين مثالن کان علاوه اهي صوتيا سنڌي زبان جي سوين لفظن ۾ "ر" گاڏڙ طور استعمال ٿين ٿا. هاڻ جڏهن اسان انهن صوتين کي سنڌ جي براهوئي زبان ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اسان کي بلڪل ساڳيءَ طرح براهوئي زبان ۾ به استعمال ٿيندي ملن ٿا. ڇو ته سنڌ ۾ رهڻ سبب انهن جو اثر براهوئي زبان به مڪمل طرح قبول ڪيو آهي. هي سنڌس لساني خوبي ليکي وڃي ٿي. هيٺ اسان انهن جا ڪجهه مثال پيش ڪريون ٿا:

"ڊ" جو استعمال:

| سنڌي | سنڌي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| چنڊ= چنڊر | چنڊ | نوڪ |
| جنڊ= جنڊر | جنڊر | نُسخَل |
| منڊي= منڊري | منڊري | ڇَلو |
| ڊڪڻ= ٻرڪڻ | ٻرڪڻ | ڏَراڪاڻ |
| جنڊو= جنڊرو | جنڊرو | ڪُلف |
| آنڊو= آنڊرو | آنڊرو | روتِينڪ |

"ڊ" جو استعمال:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- |
| ڊَو= ڊِرو | ڊِرو | سير |
| واڊ= واڊر | واڊر | چِٽ |
| وڊُ= وڊُر | وَڊُر | نشان |

"ٽ" جو استعمال:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- |
| مائٽ= مائٽر | مائٽر | سِيال |
| سَوٽ= سئوٽر | سَوٽر | اِلہ مَل |
| سُٽ= سُٽر | سُٽر | دَسڪ |
| ماٽ= ماٽر | ماٽر | شونَم |
| ڪوٽڻ= ڪوٽرڻ | ڪوٽرنگ | خُتِنگ |
| ٽوڙڻ= ٽروڙڻ | ٽروڙِنگ | ڪِشڪِنگ |

"ڻ" جو استعمال:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- |
| سُڻو | سڻرو | جُوانو |
| سُڻا= سُڻرا | سڻرا | جوانِنگا |

متي ڏنل مثالن مان ظاهر آهي ته سنڌي جا ڪي اکر براهوئي ۾ "ر" جي اضافي سان استعمال ٿين ٿا.

مٿي ڏکڻ کان دراڪاڻ جو لفظ "ر" گاڏڙ آهي، جيڪو سنڌي کان براهوئي ۾ شامل ٿيل آهي.

لهہ، مهُہ، لهہ، نهہ،ڙهہ ۽ ڏهہ صوتين جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا مفرد صوتيا موجود آهن، جيڪي اسان کي صورتخطيءَ ۾

مرڪب طور نظر اچن ٿا، يا انهن کي ٻن جدا جدا صورتن ۾ ڪري لکيو وڃي ٿو، جيتوڻيڪ اهي صوتيا ڳالهائڻ وقت هڪڙي صوتيي طور ڪم اچن ٿا، پر صورتخطيءَ ۾ انهن لاءِ ڪا الڳ مخصوص صورت هن وقت تائين مقرر ڪري ڪونہ سگهيا آهيون. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ پروفيسر علي نواز صاحب خان جتوئي جن پنهنجن تصنيفن ۾ انهن صوتين جي مفرد هجڻ جا ڪجهہ مثال ڏيئي ذڪر ڪيو آهي. جيڪي هي آهن:

لهہ، مهہ نهہ، ٿهہ، ڙهہ، ڏهہ (١).

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب انهن مرڪب حرفن جي پاڻ ۾ جزوي يا مڪمل ادغام جو ذڪر ڪندي لکيو آهي، تہ "ادغام" جون ٻہ صورتون آهن. هڪ "ڪلي ادغام" ۽ ٻيو "جزوي ادغام" ڪلي ادغام واري صورت ن، ٺ، ڦ، "ک" ۽ "ڇ" اچارن جي آهي. جن ۾ "هہ" جو اچار مڪمل طور سمائجي چڪو آهي. ان جي پرک اها آهي جو انهن اچارن پويان ٻي "هہ" اچي سگهي ٿي. جيئن "نهڻ"، "ٿهرن"، "ڦهڪائڻ"، "کهن" ۽ ڇُهڻ وغيره. ادغام جزوي واري صورت "ٻ" (ٻهہ) "ڌ" (دهہ) "ڍ" (ڊهہ) ڊهہ، گهہ، ڏهہ، ڙهہ، مهہ، لهہ ۽ ٿهہ اچارن جي آهي جن ۾ "هہ" جو ادغام مڪمل طور نہ بلڪ جزوي طور سمايل آهي. يا "ٽر" ۽ "ڊر" جن ۾ ٽ ر ۽ ڊ ر جو ادغام جزوي طور ٿيل آهي. ان جزوي ادغام جي حيثيت ٻہ جڻ هڪ مفرد اچار واري آهي. ٻيءَ

(١) بروهي داد محمد ڊاڪٽر "سبيءَ جي بولي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، ١٩٩٢، ص ٢١.

طرح ائين چئجي تہ ڏھ، ڙھ، مھ، لھ، نھ، ٺھ، ٿر ۽ ٻر مان هرهڪ مستقل صوتيو آهي. معنيٰ تہ ٻن اچارن جي نہ پر هڪ ئي اچار جي تحريري صورت آهي. سنڌي الف ب کي مرتب ڪرڻ وقت اهو ضروري هو تہ شروع کان ئي ٻ، ڏ، گھ ۽ جھ وانگر انهن ائن اچارن لاءِ بہ اٺ جدا اکر شامل ڪيا وڃن ها. بهرحال هاڻوڪي صورتخطيءَ کي مدنظر رکي اسان چونداسين تہ جيئن "گھ" بہ هڪ اکر آهي. اهڙيءَ طرح باقي مھ، نھ، لھ، ٺھ، ۽ ٻر وغيره بہ جدا جدا اکر آهن. انهن اضافي اکرن تي جڏهن زير زبر يا پيش ڏبو تہ ٻهرين جز تي ڏبو مگر اهو ٻنهي جزن سان لڳندو. (١)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب انهن حرفن جا ڪجھ لفظ بہ ڏنا آهن جن ۾ ڪڏهن، پڙهڻ، سامهون، ماٺھو، ڪانهي ۽ ڳالھ شامل آهن. ڊاڪٽر الانا صاحب "مھ" کي وسرگ آواز لکيو آهي ۽ ان جي مرڪب آواز هئڻ کان انڪار ڪندي "سُمهي" يا "تمهيد" جا وسرگ آواز ڏنا آهن ۽ پڻ مھ، نھ، لھ ۽ ڙھ آوازن جي صورتن کي نظرانداز ڪرڻ جو پڻ ذڪر ڪيو آهي (٢). انهن لفظن کان علاوه ٻيا ڪيئي لفظ آهن جيڪي اسان جي ٻوليءَ ۾ مٿين مرڪب حرفن سان استعمال ۾ اچن ٿا.

هاڻ جڏهن اسان انهن صوتين کي براهوئي زبان ۾ استعمال ٿيڻ جو جائزو وٺنداسين تہ اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا بروهي انهن مان ڪافي لفظ پنهنجي براهوئي زبان ۾ استعمال ڪن ٿا، فرق

(١) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "شاهہ جي بيت ۽ واين ۾ وزن ۽ ٺانيي جا معيار" تہ ماهي مهراڻ حيدرآباد. ٣ / ١٩٨٦ ص ٣٢.
(٢) غلام علي الانا ڊاڪٽر "سنڌي صورتخطي" سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد. ڇاپو ٽيون ١٩٦٩ ص ٣٧ ۽ ٦١.

صرف اهو محسوس ٿئي ٿو تہ انهن صوتين جون وسرگ صورتون حذف ٿي اوسرگ ٿي وڃن ٿيون. ڇو تہ براهوئي زبان ڳالهائڻ جو جهيلار اڪثر وسرگ ڪان اوسرگ طور ٿئي ٿو. هيٺ اسين اهڙا ڪجهہ مثال پيش ڪيون ٿا:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- |
| ماٺهو | ماٺهو- ماٺون | بَندَغ |
| ٽالهي | ٽالي | ٽالي |
| ڇاڙهي | ڇاڙي | بُڙزي |
| ٻانهو | ٻانو | ميهہ |
| چوڏهين (تاريخ) | چوڏين | چانڙدهہ |
| سامهون | سامون | مونا |

**وسرگ ۽ اوسرگ:** صوتياتي نظام موجب پ ۽ ڦ بہ ڌار ڌار صوتيا آهن. لفظن جي ساخت ۾ انهن ٻنهي صوتين جي استعمال سان يا ٻنهي صوتين کي سندن خاص جاءِ تان بدلائڻ ڪري معنيٰ ۾ فرق پئجي وڃي ٿو، مثال:

| اوسرگ صوتيا | وسرگ صوتيا |
| --- | --- |
| ڪ ۽ ک/ ڪپ | کپ |
| ت ۽ ٿ/ تپ | ٿپ |
| پ ۽ ڦ/ پر | ڦر |
| چ ۽ ڇ/ چنبُ | ڇنبُ (١) |

(١) غلام علي الانا ڊاڪٽر "سنڌي صوتيات" اديبات پبليڪيشن حيدرآباد. ١٩٦٧ع ص ٣٨.

انهيءَ اصول موجب جڏهن اسان براهوئي زبان جي وسرگائي صورت کي اوسرگ ٿيڻ جو جائزو وٺون ٿا تہ اسان کي ٻنهي زبانن جي لفظي معنائن ۾ ڪوبہ فرق محسوس ڪونہ ٿو ٿئي. هي حقيقت هڪ اهميت وارو مثال آهي، جيڪو اسان کي شايد ٻين ٻولين ۾ نظر نہ اچي. هيٺ اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا:

| صوتيا | سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|---|
| د ۽ ڌ | پنڌ | پنڌ | پند- پيادل |
| ڄ ۽ ڃ | مڄي | مڄي | مڃي |
| ٽ ۽ ٿ | ٿونٽ | ٽوٽ | ٿوٽ |
| ٻ ۽ ب | ٻولو | ٻولو | بولو |
| گھ ۽ گ | گھوٻو | گھوٻو | گوبو- گوبت |
| ڳ ۽ گ | ڳوٽري | ڳوٽري | گٹلي- لوت |
| ک ۽ ڪ | ڪٽ | ڪَٽ | ڪَٽ (١) |
| ڳ ۽ گ | ڳنڍ | ڳنڍ | گنڊ |

مٿين لفظن ۾ تقريباً سيئي لفظ سنڌيءَ وارا ئي آهن، جيڪي براهوئي زبان ۾ بہ براهوئي صوتين مطابق استعمال ٿيل آهن.

**اوسرگ کان وسرگ اچار:** براهوئي زبان ۾ استعمال ٿيندڙ ڪي سنڌي صوتيا اهڙا بہ آهن جيڪي اوسرگ کان وسرگ ٿيو وڃن. هيٺ ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

---

(١) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ١٩٨٠ع ص ٣٩.

| صوتيا | سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- | --- |
| ٻ ۽ ب | تباهہ | تباهہ | تياء |
| ٺ ۽ ت | محتاج | محتاج | موتاج |
| ک ۽ ڪ | ڪوپري | ڪوپري | ڪوپري- ڪَڏُول |
| ٺ ۽ ت | همت | همٿ | همت |

**عدد واحد مان جمع ناهڻ:** سنڌي زبان جي اسم واحد لفظن جي جن جي پڇاڙي "آ" جي اچار سان هوندي آهي، تن کي جمع ناهڻ وقت" اون" (١) ۽ سرائيڪيءَ ۾ "آن" اچارن جون پڇاڙيون ملائڻيون پونديون آهن. پر براهوئي زبان ۾ "آ" بدران "آڪ" (٢) جون پڇاڙيون شامل ڪري عدد جمع ناهيا وڃن ٿا. هاڻ جڏهن اسان سنڌ جي براهوئي زبان جو جائزو ونون ٿا تہ اسان کي ان ۾ بہ سنڌيءَ کان متاثر صورتون ملن ٿيون ۽ متاثر لفظن ۾ "آڪ" پڇاڙيون استعمال ڪيون وڃن ٿيون جيڪو اصول براهوئي زبان جو آهي. مثلاً:

| سنڌي لفظ | | سرائيڪي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| عدد واحد | جمع | | | |
| ڪَٽَ | ڪٽون | ڪٽان | ڪٽاڪ | ڪٽاڪ |
| عادت | عادتون | عادتان | عادتاڪ | عادَتاڪ |
| رَڳَ | رڳون | رڳان | رڳاڪ | رَغاڪ |
| دِيدَ | ديدُون | دِيدان | دِيدانڪ | ديداڪ |

---

(١) شيخ واحد بخش "سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو" س- ا- ب حيدرآباد ١٩٨٦ع ص ١٧٠، ۽ پڻ ڏسو ڪاڪي پيرو مل آڏواڻي جو ڪتاب "وڏو سنڌي ويا ڪرڻ" سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٨٥ ص ٣٦، ٣٧.

(٢) عبدالصمد شاهين "هيل بَلد" اسلاميہ پريس ڪوئٽہ ١٩٨٠ ص ٩٦.

**"ن" غني جو اضافو:** سنڌ جي براهوئي زبان ۾ ڪيترن ئي معياري لفظن ۾ "ن" غني جو اضافو بہ اسان کي نظر اچي ٿو. هن قسم جو اضافو سنڌ جي ٻوليءَ جي محاورن ۾ پڻ نظر اچي ٿو، مثال: سنڌي ٻوليءَ جي جغدالي ۽ فراڪي محاورن جو جائزو وٺجي تہ "ن" غني جو اضافو محسوس ٿيندو. هيٺ اسين سنڌ جي براهوئيءَ جو مثال پيش ڪري رهيا آهيون:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| باوَر (اعتبار) | بانوَر | بانور |
| عيش | عئينش | عينئش |
| غوث | غونث | غونث |
| شوق | شونق | شونق |
| ڪپهہ | ڪپانهہ | ڪرپاس- پَعبہ |
| لاڪ | لانڪ | لانڪ- خيرِي |

**"هہ" اچار جو حذف ٿيڻ:** براهوئي زبان ۾ ڪي اهڙا صوتيا بہ آهن. جيڪي ڪجهہ لفظن مان حذف ٿي وڃن ٿا. انهن ۾ ڪيٿي اچار "هہ" بدران "ء" ۾ بہ تبديل ٿي وڃن ٿا. هيٺ اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| چُلهہ | چُل | چُلہ |
| مِينهن | مينئن "هہ" بدران "ء" | قِر |
| چانهہ | چانئہ "هہ" "ء" | چاءِ |
| آهستي | آستي | آستہ- مَدان |

| | | |
|---|---|---|
| مُلهہ | مُل | تِها |
| رِلهي | رِلي | رِلي |
| ڪاڙهو | ڪاڙو | ڪاَڙو |

**"ء" جو اضافو:** جهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن جي ڪجهہ لفظن ۾ "ء" جي صوتيي جو اضافو ٿئي ٿو. تهڙيءَ طرح براهوئي زبان ۾ بہ "ء" جي اچار جو اضافو ٿئي ٿو. ان کان علاوه ڪجهہ لفظن ۾ سنڌي وانگر انهي اضافي سان گڏ "ي" اچار جو ٻڻ اضافو عمل ۾ اچي ٿو. سنڌي زبان جي جهڪالي ۽ فراڪي محاورن ۾ ترتيبوار لفظ "نجات" کي، "نجائت" ۽ "نجائيت" ڪري اچاريو وڃي ٿو. (۱) هيٺ ڪجهہ اهڙا مثال براهوئي زبان جي حوالي سان پيش ڪجن ٿا:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| نِجات | نجائت | نجائيت |
| هدايت | هِدائت | هِدائيت |
| خيرات | خيرائت | خَيرائيت |
| زڪوات | زڪائت | زَڪائيت |
| شڪايت | شِڪائت | شِڪائيت |
| وفات | وفائت | وَفائيت- تضيت |

**"د" بدران "ت" جو استعمال:** براهوئي زبان ۾ ڪي اهڙا متاثر لفظ بہ آهن جن جي "د" جو اچار "ت" ۾ بدلجي وڃي ٿو، مثلاً:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- |
| آزمودو | آزموتو | آزموته |
| آزاد | آزات | آزات |
| سَند | سَنَت | سَنَت |
| مدد | مدت | مَدَت |
| جُدائي | جِتائي | جِتائي |

براهوئي زبان ۾ سنڌي زبان وانگر ڪيئي متفرقه لفظ موجود آهن، جيڪي پنهنجي معياري صورتن کان مختلف نموني استعمال ڪيا وڃن ٿا، مثال:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
| --- | --- | --- |
| عاجز | عازُوز | عازُوز |
| مُجرا | مُزرا | مُزره |
| جانور | زناور | ساهدار |
| نه (انڪار) | نهه | آهه |
| آئينو | آئِينه | آهِينه |
| آرامي | آرامي | آسراتِي |
| عُضوا | عُضبا | عُضوا |
| جاسوس | جاسوس | چانجُوس |
| نازڪ | نازُڪ | نازُڪ |
| ويتر | رهندو | بَتِر |
| مهمان | مِزمان | مِزمان |

صرفي جائزو: ٻولين کي وياڪرڻي لحاظ کان ٻن مکيه ڀاڱن يعني

صرف (MORPHOLOGY) ۽ نحو (SYNTAX) ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. (١) صرف لفظن جي جوڙجڪ، سنڌاءُ ۽ گردانن سان واسطو رکي ٿو. جڏهن تہ نحو فقرن، جملن ۽ لفظن جي بيهڪ ۽ ويا ڪرڻي استعمال کي بيان ڪري ٿو. (٢) جيستائين ڪنهن زبان جي علم صرف ۽ علم نحو جي قانونن، اصولن ۽ انهن جي دائري اندر لفظن فقرن جي بيهڪ ۽ گروهہ بندي جي ڄاڻ نہ هوندي، تيستائين زبان جي جوڙجڪ ۽ سنڌاءُ جي پوري خبر ڪانہ پئجي سگهندي. هاڻي جڏهن اسان براهوئي زبان تي سنڌي جي اثر جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺنداسين تہ ٻنهي ٻولين جون صرفي جوڙجڪون گردان ۽ تبديليون هڪجهڙيون نظر اچن ٿيون. فرق صرف فعلي لفظن ۾ موجود آهي.

**اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون:** معياري ٻوليءَ جي خود مختيار لفظن جي اڳيان توڙي پٺيان ڪي اچار ملائي نوان لفظ ناهيا ويندا آهن. انهي عمل کي وياڪرڻ ۾ جوڙجڪ چيو وڃي ٿو. اهي اڳياڙيون يا پڇاڙيون اهڙن واسطيدار ڌاتن جي منڍ توڙي پڇاڙيءَ ۾ ملائي لفظ جوڙيا وڃن ٿا. مثلاً:

**اڳياڙيون:**

| سنڌي | سنڌي جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| پر+ ديس= پرديس | پرديس | پرديس |
| ڪم+ عقل= ڪم عقل | ڪم عقل | ڪم عقل |

(١) بلاخ بي اينڊ ٽريگر "اٺن آئوٽ لائين آف لينگئسٽڪ آئنلائيسز" لينگيوسٽڪ سوسائٽي آمريڪا ١٩٤٢ ص ٥٣. ۽ پڻ ڏسو گلسين ايچ اي "اٺن انٽروڊڪشن ٽوڊسڪرپٽو لينگئسٽڪ" رواٿيزڊ ايڊيشن نيويارڪ هاٽ اٽڊ وٽسٽن ١٩٦١ ص ١٢٩.
(٢) ايضا.

| | | |
|---|---|---|
| لا+ چار= لاچار | لاچار | لاچار |
| لا+ غرض= لاغرض | لاغرض | لاغرض |
| بي+ وس= بيوس | بيوس | بيوس |

مٿين اڳياڙين ۾ پر، ڪم، بي ۽ لا جون اڳياڙيون ساڳيءَ طرح براهوئي زبان ۾ بہ استعمال ٿيل آهن. جڏهن تہ سنڌيءَ جون "اڻ" يا "ري" جون انڪاري اڳياڙيون براهوئي زبان ۾ شامل ٿي ڪونہ ٿيون سگهجن، ڇو تہ انهن سان ٺهڪندڙ لفظن جو مزاج پنهنجي انفرادي قسم جو آهي. ان ڪري جو "اڻ ڄاڻ" يا "ري ڪانديو" جهڙا منفرد لفظ براهوئي زبان ۾ موجود ناهن.

**پڇاڙيون:** ٻنهي ٻولين جي پڇاڙين جو جائزو وٺبو تہ اسان کي سنڌي زبان جون ڪجهہ پڇاڙيون براهوئيءَ ۾ بہ نظر اچن ٿيون. مثلاً:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| بر+ آئي= بُرائي | بُرائي | برائي |
| مال+ وند= مالوند | مالوند | مالوند |

ان کان علاوه آڻ = ڪاراڻ، آت = ماسات پڻ = وڏپڻ جهڙيون پڻ سنڌ جي براهوئيءَ ۾ ڪم اچن ٿيون.

**فعلي پڇاڙيون:** سنڌي زبان جي فعلي پڇاڙين ۾ "سين"، "اين" ۽ "او" اچارن جون پڇاڙيون شامل ڪري لفظ جوڙيا وڃن ٿا. مثال: پڙهندا + سين= پڙهنداسين، پڙهيا + اِين = پڙهيائين ۽ پڙهہ + اندو = پڙهندو وغيره. پر براهوئي زبان ۾ اهڙي ئي قسم جون فعلي پڇاڙيون جهڙوڪ "اون" "آ" ۽ او"پڇاڙيون ملائي لفظ جوڙيا

وجن ٿا، مثلاً: خُوان (پڙهه) مان ”خُوانون“ پڙهنداسين. ”خوانا“ = پڙهيائين، ”خوانو“ = پڙهندو وغيره. ٻنهي ٻولين جي تقابلي جائزو وٺڻ وقت معلوم ٿئي ٿو ته ”او“ جي پڇاڙي سنڌي وانگر براهوئي ۾ به موجود آهي. هيٺ اهڙي قسم جا ڪجهه ٻيا مثال پيش ڪجن ٿا:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | | نج براهوئي |
| --- | --- | --- | --- |
| لکنداسين | لکون | آ- = | لکون- اون پڇاڙي |
| لکيائين | لکا | او- = | لکا- آ= |
| لکندو | لکو | او- = | لکو- او= |
| هاريائين | هارا | او- = | شولا آ پڇاڙي |
| هاريندا | هارون | اون- = | شولون اون = |
| هاريندو | هارون | او- = | شولو او= |
| ٺاهينداسين | ٺاهون | اون- = | جوڙڪرون- اون= |
| ٺاهيائين | ٺاها | آ- = | جوڙ ڪري- اي= |
| ٺاهيندو | ٺاهو | او- = | جوڙڪرو او- = |

مٿين لفظن ۾ براهوئي زبان جي نج محاوري ۾ ”جوڙ ڪري“ لفظ ۾ ”اي“ پڇاڙي ڪم آندل آهي. جڏهن ته باقي لفظن ۾ ”اون“ ۽ ”او“ پڇاڙيون سنڌ جي براهوئي توڙي نج براهوئي ٻنهي محاورن ۾ ساڳيءَ طرح ڪم آندل آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي صيغا سنڌي کان متاثر ٿيل اهن.

**ضميري پڇاڙيون:** سنڌي زبان ۾ ضميري لفظن ۾ حرف جر صيغو شامل ڪرڻ لاءِ ”جو“ پڇاڙي لڳائي وجي ٿي. مثال ”منهن“ + ”جو“ = ”منهنجو“ ۽ ”تنهنجو“ وغيره پر براهوئي زبان ۾ ”جو“

پڇاڙيءَ بدران "آ" پڇاڙي شامل ڪري لفظ جوڙيا وڃن ٿا. مثال: مون = اِي لاءِ "منهنجو" بدران "ڪَنا" ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو. هتي معلوم ٿيو تہ براهوئي ۾ ضميري پڇاڙي شامل ڪرڻ وقت ڪجهہ لفظن مان اصلي صيغا حذف ڪيا وڃن ٿا. جيئن "اِي" ۾ "اِيبا" ٿيڻ بدران "ڪَنا" ڪري "اِي" جو صيغو حذف ڪيو ويو.

**حرف جر پڇاڙيون:** سنڌي زبان ۾ حرف جر جي پڇاڙين ۾ "ڪان"، "مان" ۽ "تان" جو مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ "آن" (۱) پڇاڙي ڪم آندي وڃي ٿي، جنهن ۾ "ن" غنو ڪم اچي ٿو. مثال: "وچ ڪان" بدران "وِچان" وغيره اهڙيءَ طرح براهوئي زبان ۾ بہ "آن" يا "غان" پڇاڙيون استعمال ڪجن ٿيون. جن ۾ "ن" جو اچار غنو نہ بلڪہ حرف صحيح طور ڪم آندو وڃي ٿو، مثال طور: "توڪان" بدران "ني آن" يا "ني غان" ڪجهہ مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا.

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| منجهان | تَهان | تَهان |
| گهران | اُراغان | اُراغان |
| هتان | داڪان | داڪان |
| هُتان | اوڪان | اوڪان |

ٻنهي زبانن جي نحوي جائزي وٺڻ سان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ ٻيئي زبانون هڪ لازوال رشتي ۾ ڳنڍيل آهن. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي ٻولين جي لفظن جي جملن ۽ جوڙجڪ ۾ ڪجهہ فرق موجود

---

(۱) آڏواڻي ڀيرومل "وڏو سنڌي ويا ڪرڻ" انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ۱۹۸۵. ص ۴۹.

آهن. تنهن هوندي بہ اهي ٻنهيءَ کي هڪٻئي کان جدا ڪونہ ٿا ڪري سگهن. جو تہ جيڪڏهن اسان ٻنهي زبانن جي جملن ۽ لفظن کي هڪٻئي جي سامهون رکون ٿا تہ اسان کي تمام ٿورو فرق محسوس ٿئي ٿو. مثال: جيڪڏهن سنڌي شاعريءَ جي هڪڙي بند کي براهوئي زبان جي بيت ۾ رکنداسين تہ انهن ۾ اسان کي ڪافي هڪجهڙائي نظر ايندي.

شعر هي آهي:

پوري قوم کي پيارا پالين ٿو.
ڏيتهن رات ڏکن ۾ جالين ٿو.
(داد محمد خادم)

براهوئي ترجمو:

پُوره قوم ۽ پيارا ٿي پالِسہ
ديءَ تن ڊُکاتيني ني جا لِسہ

جيئن تہ اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ آوازن جي ترڪيب سان لفظ ٺهن ٿا. سنڌي زبان ۾ آ . ا . اِ . اُ . آ . او . آو . اُو . اي . آي . اِي ڏهہ اچار آهن، جن جي مدد سان مختلف لفظ ٺهن ٿا. پر براهوئي زبان ۾ آ . اِ . اُ وارا ٽي اچار جن کي پڇاڙيون بہ چئجي ٿو، ڪونہ ٿيون ٿين، جنهن ڪري ان قسم جا سڀ لفظ عام طور غيرمتحرڪ استعمال ۾ اچن ٿا. مثال:

| سنڌي پڇاڙي | | سنڌ جي براهوئي حذف | | نج براهوئي حذف | |
|---|---|---|---|---|---|
| بيرُ | "اُ" | بير | "اُ" | بير | "اُ" |
| خيالُ | "اُ" | خيال | "اُ" | خيال | "اُ" |
| ڪٽ | "آ" | ڪٽ (١) | "اُ" | ڪٽ | "" |

---

(١) بروهي عزيز الله "عزيز" سنڌي ۽ براهوئي زبانن جو تقابلي جائزو "ٽہ ماهي مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ۴ / ١٩٨٦ع. ص ١٢٥.

براهوئي زبان ۾ ڪي اهڙا لفظ بہ آهن، جيڪي سنڌي زبان ۾ بہ ساڳيا استعمال ٿين ٿا، پر براهوئيءَ ۾ انهن جي پڇاڙيءَ وارن اچارن کي حذف ڪيو وڃي ٿو. ايتري تائين جو مٿين ذڪر ڪيل ٽن پڇاڙين کان علاوه اي ـ آي ـ اِي پڇاڙيون بہ حذف ڪيون وڃن ٿيون. مثلاً:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي | حذف |
|---|---|---|---|
| ڏوئي | ڏوئِي | ڊو | "اِي" |
| هَڏي | هَڏِي | هَڊ | "اِي" |

"او" پڇاڙيون حذف ٿيڻ: سنڌي زبان جا ڪجھہ لفظ جڏهن براهوئي زبان ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا تڏهن انهن مان "او" پڇاڙيون حذف ٿي وڃن ٿيون. مثلاً:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | حذف | نج براهوئي | حذف |
|---|---|---|---|---|
| سِينو | سِينَہ | "او" | سِينَہ | "او" |
| گوڏو | گوڏو | "او" | گوڊ | "او" |
| هَڏو | هَڏه | "او" | هَڊ | "او" |
| ڱونگو | ڱونگو | "او" | ڱنگ | "او" |

گ ۽ ڳ بدران "غ" جو استعمال: براهوئي زبان ۾ ڪي اهڙا لفظ بہ آهن، جيڪي معياري صورتن کان بدلجي، مختلف صورتون اختيار ڪري چڪا آهن، جنهن سبب انهن مان ڪيترا حرف صحيح بدلجي ٻيا اچار استعمال ڪيا وڃن ٿا. هت اسين گ ۽ ڳ بدران "غ" اچار استعمال ٿيڻ بابت ڪجھہ مثال هيٺ پيش ڪيون

ٿا، جيڪي سنڌ جي براهوئي محاوري ۾ تہ صحيح طرح آهن، پر نج براهوئي ۾ ڪجھ بدليل نموني استعمال ڪيا وڃن ٿا:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| گُنهگار | گنهگار | غُناغار |
| جِگر | جِگَر | جَغَر |
| رگ | رگ | رَغ |

**ٽ بدران ت جو استعمال:** براهوئي زبان ۾ سنڌي زبان جا ڪي اهڙا لفظ بہ استعمال ڪيا وڃن ٿا جن جي "ٽ" بدلجي "ت" طور ڪم اچي ٿي. مثلاً:

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| ٽُوٽِ | ٽُوٽ | تُوت |
| ٽَپ | ٽَپ | تَپ |
| مُٽ | مُٽ | مُت |

**لفظن جي جوڙجڪ:** هرهڪ ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين مان نوان ۽ گهرج وارا لفظ وٺي جذب ڪرڻ جي خاصيت هوندي آهي. اهڙيءَ طرح براهوئي زبان بہ ٻين ٻولين کان لفظ وٺي پنهنجي انهيءَ خوبيءَ مان فائدو حاصل ڪيو آهي.

**مفرد لفظ:** مفرد لفظ ٻن ٽن چئن يا پنجن حرفن جا ٿين ٿا جن کي ترتيبوار عربيءَ ۾ تثنيہ، ثلاث، اربعہ ۽ خمس چئجي ٿو.

جڏهن تہ ڇهن حرفن وارن لفظن کي "شش حرفي" چئجي ٿو. (١) پر ڪي مفرد حرف اهڙا بہ آهن، جن جي نحوي بناوت ۾ ڪوبہ فرق

(١) مرزا قليچ بيگ "سنڌي وياڪرڻ" ڀاڱو ٻيو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ١٩٧١ع. ص ٢٨.

ڪونہ ٿو پوي. مثال: ”بد“، ”در“، ”طرز“، ”جَلد“، ”بَهتر“، ”قَندل“ ۽ ”تعليم“ وغيره (١) هيٺ اسين ڪجهہ اهڙن لفظن جا مثال پيش ڪنداسين، جن جي استعمال ۾ ڪجهہ فرق پئجي وڃي ٿو.

| سنڌي | سنڌ جي براهوئي | حذف | اضافو | نج براهوئي | حذف | اضافو |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| ڏهہ | دهہ | ڏ | د | دهہ | ڏ | د |
| صِفت | صفت | – | – | صپت | ف | پ |
| مُفت | مفت | – | – | مخت | ف | خ |
| وَقت | وقت | – | – | وغد | ـ . ت | غ . د |
| دونهون | دونهون | – | – | دُود | ن هہ ون | د |
| نِگهبان | نِگهبان | – | – | نگهوان | ب | و |

**مرڪب لفظ:** مرڪب لفظ اهي آهن جن سان اڳياڙيون يا پڇاڙيون ملائي استعمال ڪري سگهجن. اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ڳنڍڻ وقت لفظن جي نحوي بناوٽ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ فرق پئجي ٿو، مثال: ”اَ“، ”اڻ“، ”نا“، ”نر“، ”نہ“ ۽ ”هہ“ وغيره هي پڇاڙيون يا اڳياڙيون جڏهن بين لفظن سان ملائجن ٿيون، تڏهن اهي سڀ انڪاري مرڪب لفظ ٿي وڃن ٿا، مثال: ”اَچيت“، ”اَچيتائي“، ”اڻ ٽيٺو“، ”ناڪارو“، ”نِروئي“، ”نڪمو“، ”مَجڏو“ يا ”نپٺو“ وغيره (٢) براهوئي زبان ۾ جڏهن اهڙين پڇاڙين يا اڳياڙين جو جائزو وٺنداسين تہ اسان کي صرف ”نا“ (نہ) قسم جون اڳياڙيون ملن ٿيون. مثال: ”ناڪاره“، ”نڏٺڪو“ مان ”نڏٺڪہ“ وغيره. انڪاري لفظ جوڙڻ لاءِ

---

(١) مرزا قليچ بيگ ”سنڌي وياڪرڻ“ ڀاڱو ٻيو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ١٩٧١ع ص ٢٨.
(٢) مرزا قليچ بيگ ”سنڌي ويا ڪرڻ“ ڀاڱو ٽيون س–ا–ب حيدرآباد. ١٩٧١ع. ص٢٨.

سنڌي زبان وانگر براهوئي زبان ۾ بہ صرف "بي" جي اڳياڙي نظر اچي ٿي. جيڪا "بيڪار"، "بي غيرت" "بي ايمان" جهڙن لفظن ۾ استعمال ٿئي ٿي، جڏهن تہ سنڌي زبان جي بي انڪاري اڳياڙي يعني "ري" جيڪا "ري ڪانديو" "ري ڏاڙهيو"، وغيره جهڙن لفظن ۾ استعمال ٿئي ٿي سا براهوئي زبان جي نج محاوري ۾ استعمال ڪونہ ٿي ٿئي. البتہ سنڌي براهوئي محاوري ۾ ساڳيءَ طرح "ري ڪانديا" ۽ "ري ڏاڙهيا" لفظن ۾ ڪم اچي ٿي، پر انهن لفظن جي نحوي بناوت ۾ فرق صرف "يو" ۽ "يا" جو آهي. سنڌي ۾ "يو" پڇاڙي ڪم اچي ٿي ۽ براهوئي ۾ "يا" پڇاڙي ڪم اَچي ٿي.

**"آڪ" پڇاڙين وارا مرڪب لفظ:** سنڌي زبان ۾ آڪ ۔ اڪ ۽ آئو پڇاڙين وارا لفظ بہ استعمال ۾ اچن ٿا. جن مان رهہ + آڪو = رهاڪو، پيءُ + آڪ = پياڪ، وڪڻ مان وڪائو لفظ جڙن ٿا. پر جڏهن اسان انهن پڇاڙين کي براهوئي زبان ۾ جاچينداسين تہ اهي اسان کي سنڌ جي براهوئي محاوري ۾ تہ ملن ٿيون پر نج براهوئي ۾ استعمال ٿيندي ڪونہ ٿيون ملن. البتہ "جهيڙو" مان "جهيڙاڪ" لفظ ۾ "آڪ" جي پڇاڙي استعمال ٿيندي نظر اچي ٿي. براهوئي زبان ۾ "آڪ" پڇاڙيءَ بدران "اُو" جي پڇاڙي اُستعمال ٿيندي ملي ٿي، مثال: "رولاڪ" مان "رولُو" ويڙهاڪ ۽ "ويڙهُو" بدران "جَنگُو" وغيره.

**"ڪار" پڇاڙين وارا لفظ:** ڪار پڇاڙين وارن لفظن ۾ "چِٽڪار"، "وَسڪار"، "بدڪار"، "هِٽڪار"، "سياهڪار"،

"ڦِتڪار" جا لفظ ٻنهي ٻولين ۾ ساڳيءَ طرح استعمال ٿيندي ملن ٿا. البت نج براهوئي محاوري ۾ صرف "سياهڪار"، "بدڪار" جهڙن لفظن ۾ "ڪار" پڇاڙي استعمال ڪئي وڃي ٿي.

**"ٽو" پڇاڙي وارا لفظ:** سنڌي زبان جي ڪنهن اِسمي لفظن کي صفت ۾ بدلائڻ لاءِ "ٽو" جي پڇاڙي شامل ڪرڻي پوي ٿي. مثال: گهر مان گهراٽو، راڄ مان راڄاٽو، ڏاڏو مان ڏاڏاٽو، مامو مان ماماٽو وغيره انهن لفظن ۾ "ٽو" يا "آٽو" پڇاڙيون شامل ڪيل آهن. پر اسان جڏهن نج براهوئي محاوري جو جائزو وٺنداسين تہ ان ۾ اسان کي سنڌ جي براهوئي محاوري ۾ تہ ساڳيءَ طرح ساڳيون پڇاڙيون ڪم اچن ٿيون. پر نج براهوئي ۾ "آٽو" يا "ٽو" بدران "آنہ" پڇاڙيون ڪم ايندي نظر اچن ٿيون. مثال گهر + آنہ = "گهرانہ"، شاهہ + آنہ = "شاهانہ" يا ٻاراٽو بدران "ٻچڪانہ" وغيره.

**جملن جي نحوي جوڙجڪ:** علم نحو جي ماهرن جملن جوڙڻ جون ٽي واٽون ٻڌايون آهن، پهرين "ترتيب" ٻي "موافقت" ۽ ٽين انتظام. (١) پهرين قسم موجب سليس جملن ۾ فاعل پهرين ۽ فعل پوءِ اچي ٿو. مثال:

گهوڙو ڊوڙي ٿو . پکي اڏاٽو وغيره

ٻيءَ سٽاءَ موجب جملي ۾ لفظ هڪٻئي سان جنس عدد ضمير ۽ زمان ۾ پوري طرح ملي ٻيهن تنهن کي موافقت يعني ميلاپ چئجي ٿو. مثال:

ڀلو گهوڙو ڊوڙو . ڀلي گهوڙي ڊوڙي

---

(١) آڏواڻي ڀيرومل مهر چند "وڏو سنڌي وياڪرڻ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ١٩٨٥ع. ص ١٦٤.

تهنجو ياءِ آهي - تهنجي ڀيڻ آهي.

مٿين جملن ۾ صِفتي لفظ جن اسمن سان لاڳو ٿين ٿا تن مطابق بلڪل پوريءَ طرح عدد ۽ جنس ۾ ڦرن ٿا. اهڙيءَ طرح اسان کي ساڳي ترڪيب نظر ايندي. يعني فاعل ڦرڻ ۽ فعل ڦريان هوندو. مثال

گهوڙو ڊوڙي ٿو = هُلي تَزنگتيءِ.

ٻَلي گهوڙي ڊوڙي = جوانو ماديان نَرا.

جيئن سنڌي زبان ۾ هڪ لفظ وارا جملا ٿين ٿا تيئن براهوئي زبان ۾ به ٿين ٿا. مثال: "وَجُ" بدران "هِن" "ڊوڙ" بدران "تَر"، "اُٺ" بدران "بَشه" يا "بِيهہُ" بدران "سَل" وغيره. ڪن جملن ۾ هڪ کان وڌيڪ لفظ ٿيندا آهن. ڪنهن گفتار ۾ جملي کان سواءِ فقرا به ٿيندا آهن. هر اها نحوي بناوت جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لفظ سمايل هجن تنهن کي فقرو چئبو آهي. جيئن ته براهوئي زبان ۾ جدا جدا مونث ۽ مذڪر جي سڃاڻپ ڪرڻ جو ڪو به صيغو استعمال ڪونہ ٿو ڪيو وڃي ۽ هر مذڪر و مونث کي الڳ الڳ مخصوص نالا ڏيئي، مونث ۽ مذڪر جي سڃاڻپ ڪئي وڃي ٿي، مثال: "ڇوڪرو، مارڪو" "ڇوڪري مَسِڙڪو" جي الڳ الڳ نالا موجود نہ هجن ته پوءِ مذڪر ۽ مونث جي وضاحت لاءِ "نَر" ۽ "مادي" جا اضافي صيغا شامل ڪري استعمال ڪيا وڃن ٿا.

# باب چوٿون

## براهوئي زبان جو سنڌيءَ ٻوليءَ تي اثر

اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ ٻوليون هڪ ٻئي جي ويجهڙائيءَ سبب هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿين ٿيون. جنهن سبب انهن ۾ مختلف محاورا وجود ۾ اچن ٿا. اهوئي سبب آهي تہ بلوچستان جي سرحدي علائقن ۾ مروج سنڌي ٻولي تي براهوئي زبان جو ڪافي اثر نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي زبان تي بلوچستان ۾ بلوچي ٻوليءَ جي اثر بابت هن طرح وضاحت ڪئي آهي تہ،

"اڳاٽي دور کان وٺي سنڌي ۽ بلوچي ٻولين جي سرحد جو ملڻ، بلوچن جو سنڌ کي وسائڻ ۽ سنڌي قبيلن جو اتر (سبي) توڙي اولهہ (مڪران) بلوچستان ۾ وڃي ويهڻ واري صدين کان مسلسل عمل سان بلوچي زبان جا ڪيترائي لفظ سنڌيءَ جو جز بڻيا ۽ سنڌي الفاظ ۽ صوتيا بلوچيءَ جو جز بڻيا" (١)، هو وڌيڪ لکن ٿا تہ چوٿين صدي کان وٺي سنڌي قبيلا بغداد تائين پهتا. انهيءَ سفر ۾ جن قبيلن مڪران ۽ ايران جي ڪن ماڳن کي وسايو. سمن واري پوئين دور ۾ خاص طرح لسٻيلي ۾ رونجهن جي عروج وقت وڌيڪ سنڌي قبيلا موجوده بلوچستان واري ايراضيءَ ۾ ڪن هنڌن تي وڃي آباد ٿيا ۽ سنڌي ٻولي انهن قبيلن سان گڏ ويندي مڪران تائين پهتي، انهيءَ ڪري اندروني بلوچستان وارن ڇڙوڇڙ باشندن جي

---

(١) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ "جلد اول زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ١٩٨٠. ص ١٥١ - ١٥٢.

ٻولي ڪچي رهي جيڪا اڄ تائين سنڌن خاص بستين ۾ خام جدگالي محاوري جي صورت ۾ رائج آهي (١)، انهيءَ طرف سنڌي ٻوليءَ جي پهچ سان مغربي بلوچيءَ سان گڏ ان تي براهوئي زبان جو اثر ٻه ٿيندو رهيو، جيڪو خاص طور انهن علائقن ۾ جيڪي براهوئي اڪثريت وارا علائقا ليکجن ٿا. بلوچستان جي سرحدي علائقن ۾ سنڌي زبان جي محاورن تي براهوئي زبان جو اثر ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ گهڻو آهي، ڇو ته براهوئي قوم قديم سنڌ جي هڪ قديم قوم جي حيثيت رکي ٿي. انهيءَ ميل جول سبب سنڌي ٻولي سنڌ جي علائقن ۾ براهوئي زبان کي متاثر ڪيو آهي. جڏهن ته بلوچستان وارن علائقن ۾ پاڻ براهوئي زبان کان متاثر ٿي نظر اچي. سنڌ جي براهوئي زبان ۾ استعمال ٿيندڙ صوتين جو تعداد ٥۴ آهي. جڏهن ته سنڌي زبان ۾ صورتخطيءَ موجب ٥٢ حرف استعمال ٿي رهيا آهن. هن حقيقت مان ظاهر ٿيو ته سنڌ جي براهوئي زبان ۾ ٢ حرف وڌيڪ استعمال ڪيا پيا وڃن. اهي آهن "ڷ" ۽ "ڙ". انهن حرفن ۾ "ژ" جو حرف فارسي بلوچيءَ اردو زبانن ۾ بہ استعمال ڪيو و ڃي ٿو. اهڙيءَ طرح بلوچستان جي نج براهوئي زبان جو جائزو ونبو تہ ان ۾ ڪل ۴٧ حرف استعمال ٿي رهيا آهن. ڇو ته اتي انهيءَ زبان ۾ سنڌي زبان وارا مخصوص حرف يعني ٻ، ڄ، ڃ، ڏ، ڳ، ڱ ۽ ڻ اتان جي براهوئي ۾ استعمال ڪونہ ٿا ٿين. صرف "ڻ" جو اچار استعمال ٿئي ٿو، اهو صرف "نڙ" جي صورت ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. سنڌ سان ملندڙ علائقن ۾ اهو "ڻ" واضح

(١) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ١٩٨٠. ص ١٨١ - ١٨٢.

طور براهوئي زبان ۾ بہ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

سنڌي زبان ۾ زمان حال مضارع سان ٺهندو آهي، مضارع جي پويان زمان حال جون علامتون "ٿو"، "ٿا"، "ٿي" ۽ "ٿيون" ملائڻ سان زمان حال ٺهندو آهي (۱). اهڙيءَ طرح زمان حال استمراري جي هڪڙي ٻي صورت بہ آهي. جنهن ۾ مضارع ڪرڻ وقت "پيو"، "پيا"، "پئي" ۽ "پيون" جون علامتون استعمال ڪجن ٿيون (۲). ان ڪان علاوه زمان حال ۾ اجان وڌيڪ صورتون بہ آهن جن ۾ ساڳيو "پيو"، "پيا"، "پئي" ۽ "پيون" علامتون ملائڻ بدران "وينو"، "وينا"، "ويني" ۽ "وينيون" يا "رهيو"، "رهيا"، "رهي" ۽ "رهيون" جون علامتون بہ استعمال ٿين ٿيون. پر اسان جڏهن انهن چئني علامتن کي براهوئي زبان ۾ ڳولينداسين تہ اتي چئني مان صرف هڪڙي صورت نظر اچي ٿي جيڪا امر لفظن کي مصدر ۾ ڦيرائي زمان حال جي فعل ۾ استعمال ٿئي ٿي. سا آهي "ٿيءَ".

هيٺ اسين مٿي ذڪر ڪيل چئني علامتن کي جملن ۾ استعمال ڪري ڏيکاريون ٿا تہ جيئن اهو پتو پئجي سگهي تہ ٻين ٻولين جي اثرن سبب چئن بدران صرف هڪڙي علامت "پئي" استعمال ڪئي وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ انهن علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف محاورا وجود ۾ اچي چڪا آهن. جيئن تہ براهوئي زبان يا بلوچستان جي ٻين مڪاني ٻولين ۾ انهن چئني علامتن بدران صرف هڪ علامت ڪم آندي وڃي ٿي، انهيءَ ڪري انهن علائقن

(۱) الانا غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي معلم" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ۱۹۸۴، ص ۹۸.
(۲) ايضا ص ۱۰۰.

جا مائهو سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ صرف هڪڙيءَ علامت استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن، مثال هي آهن:

| معياري سنڌي | براهوئي زبان | محاوراتي سنڌي |
|---|---|---|
| ١. چوڪرو لکي ٿو | مارڪو لِکنگتيءِ | چوڪرو لکدو پيو آ |
| چوڪرا لکن ٿا | مارڪوڪ لِکنگتيءِ | چوڪرا لکدا پيا هِن |
| چوڪري لکي ٿي | مَسِڙ لِکنگتيءِ | چوڪري لکدي پَئي آ |
| چوڪريون لکن ٿيون | مَسِڙڪ لِکنگتيءِ | چوڪريون لکديون پَيون هِن |
| ٢.چوڪرو لکي پيو | مارڪو لِکنگتيءِ | چوڪرو لکدو پيو آ |
| چوڪرا لکن پيا | مارڪوڪ لِکنگتيءِ | چوڪرا لکدا پياهن |
| چوڪري لکي پئي | مَسِڙ لِکنگتيءِ | چوڪري لکدي پئي آ |
| چوڪريون لکن پيون | مَسِڙڪ لِکنگتيءِ | چوڪرين لکديون پيوهِن |
| ٣. چوڪر لکي وينو | مارڪو لِکنگتيءِ | چوڪرو لکدو پيو آ |
| چوڪرا لکن وينا | مارڪوڪ لِنگتيءِ | چوڪرا لکدا پيا هِن |
| چوڪري لکي ويني | مَسِڙ لِکنگتيءِ | چوڪري لکدي پَئي آ |
| چوڪريون لکن وينيون | مسڙڪ لِکنگتيءِ | چوڪريون لکديون پَيون هِن |
| ٤. چوڪر لکي رهيو آهي | مارڪو لِکنگتيءِ | چوڪرو لکدو پيو آ |
| چوڪرا لکي رهيا آهن | مارڪوڪ لِکنگتيءِ | چوڪرا لکدا پيا هِن |
| چوڪري لکي رهي آهي | مَسِڙ لکِنگتيءِ | چوڪري لکدي پَئي آ |
| چوڪريون لکي رهيون آهن | مَسِڙڪ لکنگتيءِ | چوڪريون لکديون پَيون هِن |

مٿين ڇهني صورتن کي جڏهن اسان ٻنهي زبانن ۾ ڏٺوسين ته اسان کي براهوئي زبان ۽ بلوچستان جي سنڌي محاوري ۾ صرف هڪڙي صورت استعمال ٿيندي نظر اچي ٿي. جنهن مان ثابت ٿيو ته سنڌي زبان تي براهوئي زبان جي اثر سبب ڇهن علامتن بدران صرف هڪڙي علامت استعمال ڪئي پئي وڃي. جنهن سبب محاورو قائم ٿيو آهي. هي عمل محاورن قائم ٿيڻ جو ٻيو سبب آهي. هي عمل نه صرف براهوئي زبان ۾ رائج آهي بلڪ ٻين ٻولين جهڙوڪ پشتو ۽ بلوچي ۾ به موجود آهي. جيئن ته سنڌ جي سرحد سان مليل بلوچستان واري علائقي ۾ براهوين جي اڪثريت موجود آهي ان ڪري هتان جي سنڌي زبان تي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ براهوئي زبان جو اثر زياده آهي. جنهن جي وضاحت اسان اڳتي هلي صوتيات صرف ۽ نحو جي روشنيءَ ۾ پڻ ڪنداسين.

**صوتياتي جائزو:** جيئن ته اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته، سنڌ جي براهوئي زبان ۾ سنڌي زبان جا ست مخصوص صوتيا يعني ٻ ـ ڄ ـ ڃ ـ ڏ ـ ڳ ـ ڱ ۽ ڻ جا سڀ اچار استعمال ٿين ٿا ۽ نج براهوئي زبان ۾ صرف ”ڻ“ جو اچار استعمال ڪيو وڃي ٿو، پر انهن کي تنگ دليءَ جي ڪري صورتخطيءَ ۾ شامل ڪونه ٿو ڪيو وڃي. بلوچستان جي سرحدي علائقن ۾ براهوئي زبان جي اثر سبب سنڌي زبان ۾ براهوئي زبان جا به صوتيا ”ڵ“ ۽ ”ڙ“ به شامل آهن، جن کي پڻ سنڌي صورتخطيءَ ۾ اجان تائين شامل ڪونه ڪري سگهيا آهيون.

**”ڵ“ جو استعمال:** هي صوتيو اصل ۾ براهوئي زبان جو هڪ

حرف آهي. محترم ظفر مرزا لکي ٿو تہ هي براهوئي زبان جو مخصوص حرف آهي، جنهن کي عربي زبان ۾ "ل" ۽ فارسي زبان جي رسم الخط ۾ حرف "لْ" جهڙو لکيو وڃي ٿو. هن آواز کي صحيح طرح کو اهل زبان ئي استعمال ڪري سگهي ٿو. هن جو آواز "ل" ۽ "ٿ" جي وچ وارو آواز ٿئي ٿو، جنهن کي اچارڻ لاءِ زبان کي تارون سان لڳائي ان جي پاسن کان هوا ڪڍڻ سان "لْ" جو اچار نڪري ٿو. (١) ڊاڪٽر انعام الحق ڪوثر لکي ٿو تہ هي حرف ڪنهن بہ لفظ اڳيان استعمال ڪونہ ٿيندو آهي. هن ان جي استعمال لاءِ ظفر مرزا واري ل ۽ ڊ جي مليل صورت کي غلط چيو آهي (٢) براهوئي نور محمد پروانہ هن صوتيي کي براهوئي زبان جو هڪ حرف چيو آهي (٣). هو وڌيڪ لکي ٿو تہ هي حرف براهوئي زبان ۾ هڪ منفرد آواز جي حيثيت رکي ٿو، جنهن کي صرف براهوئي زبان ڳالهائڻ وارو ماڻهو ئي اچاري سگهي ٿو. جهڙوڪ "مولْ" (دونهون) "ميلْ" (رڍ) "خَلْ" (سُور) "هِلْ" (بخار) "تيلْ" (وڇون) وغيره هن آواز جي اچارڻ ۾ ان جي پڇاڙيءَ ۾ "ٿ" جو تورو يا گهڻو اچار ڪيندا آهن پر اهو درست نہ آهي. (۴) هي صرف حقيقت ۾ براهوئي زبان جو هڪ منفرد صوتيو آهي، جنهن کي ڪوشش ڪرڻ سان هر هڪ زبان وارو استعمال ڪري ٿو سگهي.

---

(١) ظفر مرزا "براهوئي گرائيمر" براهوئي اڪيڊمي ڪوئٽہ ١٩٨٠. ص ٢٦.

(٢) انعام الحق ڪوثر ڊاڪٽر "بلوچستان ۾ بولي جاني والي زبانون ڪا تقابلي مطالعہ" مقتدره قومي زبان لاهور، ١٩٩١. ص ٣٢.

(٣) براهوئي نورمحمد پروانہ "براهوئي قاعده" براهوئي ادبي بورڊ ڪوئٽہ ١٩٦١ ص ١٠.

(۴) ايضا ص ٧.

جهڙيءَ طرح "ر" ۽ "ٽ" جا اچار جيڀ جي مُهڙ جي مدد سان مهار ۽ سخت تارون واري وچين حصي سان لڳائي پيدا ڪيا وڃن ٿا ۽ "ش" جو اچار مهار ۽ ڦار جي مدد سان پيدا ڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح حرف "لُ" جو آواز حرف "ڙُ" جي اچار وانگر ڦڦڙن جي داٻ جي مدد سان زبان جي مهڙ کي نرم تارون ۽ سخت تارون جي وچ تي لڳائي پيدا ڪيو وڃي ٿو. جنهن کي ڳرو ڏوڪڙو آواز به چئي سگهجي ٿو. هن حرف جي اچارڻ سان هڪ ئي وقت ل ـ ڻ ۽ ڙ جو هڪ گڏيل اچار معلوم ٿئي ٿو. براهوئي زبان جي اڪثريتي، علائقن ۾ رهندڙ سماٽ قومون نه صرف هن حرف کي استعمال ڪري سگهن ٿيون، بلڪ پنهنجي سنڌي زبان ۾ به ان کي استعمال ڪري رهيون آهن. (١)

براهوئي زبان ۾ هي صوتيو "مُلْ" معنيٰ "پُٽ" "خَلْ" معنيٰ "سور" يا "مارڻ"، "اِلْ" معنيٰ "بُخار"، "تُولْ" معنيٰ "ويهه"، "ٿرُ والْ" معنيٰ "ڪير"، "اِلہ مِلْ" معني "سوٽ" جهڙن لفظن ۾ ڪم اچي ٿو. براهوئي زبان کان علاوه هي صوتيو ڪولهين، مينگهواڙن، ڀيلن ۽ سنٿالن جي ٻولين کان علاوه ڪيتراڻين جي ٻوليءَ ۾ به ڪم اچي ٿو. جيڪي قديم سنڌي قومن جي حيثيت رکن ٿيون. ڪولهين ۾ "ڪولْ" معنيٰ "ڪولهي"، "ٽالْ" معنيٰ "ٽالهي"، "مالْ" معنيٰ "مالهي" ۽ "ڇالْ" معنيٰ "ٻڪري" (١)، جيڪو ڪيتراڻي زبان ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان حقيقت مان اهو ثابت ٿيو ته لاسي،

---

(١) بروهي داد محمد خادم "سبي خطي جي سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو" پي ايڇ ڊي ٿيسز سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو سال ١٩٩٠. ص ٢٨٠.
(٢) انور رومان پروفيسر مترجم "بلوچستان ڪي قبائل" حصو ٻيو بينظير انٽرپرائيز پبليڪيشن ڪوئٽه ١٩٨٧. ص ٣٧.

ڪوهستاني، فراڪي ۽ جڳدالي محاورن ۾ هي صوتيو براهوئي زبان جي اثر سبب سنڌي زبان ۾ داخل ٿيو آهي، جنهن ڪي انهن علائقن جا سماٽ پنهنجي ٻوليءَ جو حرف ڪري سمجهن ۽ استعمال ڪن ٿا. جيتوڻيڪ هي صوتيو براهوئي، سنڌال، ڪولهي، مينگهواڙ ۽ ڪيترائين ڪان سواءِ ٻيون قومون جلدي استعمال ڪري ڪونہ ٿيون سگهن، پر ان جي باوجود بلوچستان جي مذڪوره علائقن جي سماٽ قومن ۾ گڏجي رهڻ سبب اهي آسانيءَ سان پنهنجي زبان وانگر ان ڪي استعمال ڪن ٿا، مثال: "پاڙ" معنيٰ "ڪير"، "اِلہ ماڙ" معنيٰ "سوٽ" يا "ٿُوڙ" معنيٰ "ويهُ" جهڙن لفظن ۾ ان ڪي استعمال ڪن ٿا.

**"ڙ" جو استعمال:** هي صوتيو حقيقت ۾ فارسي زبان ۾ بہ ڪم اچي ٿو، ان ڪري عام طور ان ڪي انهيءَ زبان جو سمجهيو ويندو آهي. پر حقيقت ائين ناهي چو تہ ان سان گڏ براهوئي، بلوچي، اردو ۽ خود سنڌي زبان ۾ بہ ڪم اچي ٿو. براهوئي زبان جو نامور محقق اديب صحافي ۽ شاعر براهوئي نور محمد پروانہ هن حرف بابت لکي ٿو تہ هي فارسي زبان جو آواز آهي. پر ان جو آواز صرف "ڪي" وانگر ناهي جيئن براهوئي ڳالہ ٻولهہ ۾ "غ" جو آواز عربي جي "غ" وانگر نڙي جي پاڙان ناهي بلڪہ اردو ۽ سنڌي زبان جي آواز سان ملندڙ جلندڙ آواز آهي (١)، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي انهيءَ صوتيي ڪي سنڌي زبان جي لغت ۾ "اژدها" يعني ڪا "بَلا" (٢)

---

(١) براهوئي نورمحمد پروانہ "براهوئي قاعده" براهوئي ادبي بورڊ ڪوئٽہ ١٩٧١، ص ٧.
(٢) سنديلو عبدالڪريم ڊاڪٽر "تحقيق لغات سنڌي" فردوس پرنٽنگ پريس حيدرآباد، ١٩٥٥. ص ٢١.

جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي. محترم ج ع منگهاڻي جن هن صوتيي کي لسٻيلي جي لاسي محاوري ۾ استعمال ٿيڻ جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جنهن موجب ”ٻُوڙو“ معنيٰ ”ٻُوجرو“ ”پُڙ“ معنيٰ دوا لڳل ڪپهه (۱) وغيره بابت وضاحت ڪئي آهي. مٿي ذڪر ڪيل بلوچستاني علائقن ۾ انهيءَ صوتيي جا ڪوڙ لفظ استعمال ڪيا ويندا، جيڪي عام طور سنڌي ٻوليءَ جا لفظ سمجها وڃن ٿا، پر حقيقت ۾ اهي براهوئي زبان يا ٻين زبانن کان سنڌي زبان ۾ شامل ٿيل آهن. مثال: ”ٻُوڙ“ معنيٰ گدلا ۽ وڪريل وار، ”چڙڪ“ دمبي جي چڪي مان ڀڳل ٽُڪرا، ”چِڙاره“ گهر تي پَچڻ جو آواز وغيره، اهڙا لفظ آهن جيڪي انهي صوتيي جا آهن.

سبي جي آسپاس ”خَجَڪ“ نالي هڪ پٺاڻ قوم رهندي آهي. جنهن کي عام طور سنڌيءَ ۾ ”خَڙَڪ“ ڪوٺيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح اُتي ”گوشت“ کي ”گوڙد“، ”ٻُوجرو“ کي ”ٻوڙو“ ۽ ڪنهن جيت جي چِڙ چِڙ کي ”چِيڙو“ يا ”چِرڪو“ چيو وڃي ٿو ”ٻُوڙو“، ”چِيڙو“ ۽ ”چِشڪو“ براهوئي زبان جا لفظ آهن، جيڪي انهيءَ علائقي جي سنڌي زبان ۾ به ڪم آندا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح ”ژوب“ (فورٽ سمنڊ يمن) ”ٽيليويژن“، ”مانژندران“ (۲) ۽ ”مژگان“ جهڙن لفظن ۾ به اهو صوتيو ڪم اچي ٿو. ممڪن آهي ته انهن کان علاوه ٻين لفظن ۾ به اهو صوتيو ڪم ايندو هجي. ڇو ته خضدار جي آسپاس وارن علائقن ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي زبان تي

---

(۱) ج ع منگهاڻي ”سنڌي الف، ب جو سوال“ ”روزانه هلال پاڪستان ڪراچي ماهوار ميگزين ڊسمبر ۱۹۸۲ ص ٦٢.

(۲) مير علي شير قانع ٺٽوي ”تحفه الاڪرام“ مترجم مخدوم امير احمد سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ۱۹۵۷، ص ۴۹۹.

براهوئي زبان جو تمام گهڻو اثر نظر اچي ٿو.

حرف "ڙ" نه صرف ڳالهائڻ بلڪ سنڌ جي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ به "ز" جي صورت ۾ ڪم آندو وڃي ٿو. جنهن جو اچار "ز" ۽ "ش" جي وچ واري اچار جهڙو آهي. جنهن کي ڊاڪٽر غلام علي الانا گسٽو آواز (١) چيو آهي. گسٽا آواز زبان جي مهڙ سان تارون کي گهَٽ ڏيڻ ڪديا وڃن ٿا، جنهن ڪري ز ـ ش ۽ ر جا اچار نهن ٿا.

بلوچستان جي لسبيلي، خُضدار، ڪڇي ۽ جعفرآباد ضلعن جي ڪيترن ئي علائقن ۾ براهوئين جي اڪثريت آباد آهي. اتي سنڌي به رهن ٿا. جيڪي براهوئي گاڏڙ سنڌي ڳالهائن ٿا. بلڪ ڪيترائي لفظ ته مڪمل طرح براهوئي زبان جا استعمال ڪن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن لکيو آهي ته براهوئي ۽ بلوچ زبانون صدين کان سنڌي زبان جون همسايه ٻوليون رهيون آهن ۽ صدين کان وٺي هر سال سياري ۾ بروهي ۽ بلوچ قبيلا سنڌ ۾ پورهيي خاطر اچن ٿا ۽ صدين کان هڪ ٻئي سان لهه وچڙ هلي رهي آهي، جنهن سبب انهن ٻولين جا لفظ هڪ ٻئي جي ٻولين ۾ جذب ٿي چڪا آهن، مثال: گونگو بروهي ۽ بلوچيءَ ۾ "گُنگ" وغيره (٢) ان کان علاوه ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ وضاحت ڪندي لکن ٿا ته انهيءَ امڪان جو انڪار ڪري نٿو سگهجي ته قديم دور جي منڊا ۽ دراوڙي ٻولين توڙي موجوده دور جي پاڙيسري بروهڪي ٻوليءَ جا ڪي لفظ

(١) الانا غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي صوتيات" ادبيات پبليڪيشن حيدرآباد. ١٩٦٧. ص ٣٣.

(٢) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ١٩٨٠. ص ١٢.

سنڌيءَ ۾ رائج ٿي چڪا آهن (١)، هن حقيقت مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌي زبان نہ صرف لسانيءَ طرح براهوئي زبان کان متاثر آهي، بلڪ ان ڪيترائي براهوئي زبان جا لفظ پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيا آهن. سنڌي زبان تي براهوئي زبان جي اثر جي حقيقت هن ڳالهہ مان بہ ملي ٿي تہ دنيا جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سنڌي ٻولي جي شاعري پڻ براهوئي زبان کان متاثر آهي، مثال:

داسا داڪا داڙي هَنداڙي هُيام.
هُر داسا هِن حالَ جي، هتي هوت ڏنام،
ٻَذيري اِيندام، پائي پيچ پريت جو. (٢)

هن بيت ۾ داسا = هاڻي، داڪا = هتان، داڙي = هِتي. هَنداڙي= هِتي، هُر = ڏِس. ٻَذيرِي = پوءِ، جا لفظ براهوئي زبان جا آهن. اهڙيءَ طرح "هَڏِ" جو لفظ براهوئي زبان جو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "هر گز نہ" يا "بلڪل نہ" هن لفظ کي پڻ شاهہ لطيف ساڳيءَ معنيٰ ۾ براهوئي زبان ۾ هن طرح ڪم آندو آهي:

ٿورو دير مَ ٿيءُ، وڃڻ ويرم سَهي،
ڏيئي مَرِج ڏونگرين، جتن ڪارڻ جيءُ،
"هَڏِ" نہ هوندو هيءُ، ساهہ پريان تان صدقو.

**ق ۽ ڪ بدران "خ" جو استعمال:** مذڪوره علائقن ۾ سنڌي زبان ۾ ڪي اهڙا لفظ بہ آهن، جيڪي براهوئي زبان جي اثر سبب براهوئي لهجي مطابق استعمال ڪيا وڃن ٿا. مثال: "ق" ۽

---

(١) بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر "سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ "زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ١٩٨٠ ص ١٢.
(٢) مرزا قليچ بيگ. "شاهہ جو رسالو" سال ١٩٥١. فصل ٧، ص ٣٥٧.

"ڪ" جا صوتيا براهوئي زبان جي صوتي اثرات سبب بدلي "خ" جي صورت اختيار ڪن ٿا. ڊاڪٽر عبدالرحمان براهوئي انهن اچارن بابت ڪجهه لکيو آهي. جنهن موجب "فرق" بدلجي "فرخ" يا "وقت" بدلجي "وخت" ٿئي ٿو (۱) انهن کان علاوه ٻيا ڪافي اهڙا لفظ آهن، جن جا ق ۽ ڪ بدلي "خ" جي اچار ۾ استعمال ٿين ٿا. لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

| معياري سنڌي | معياري براهوئي | متاثر سنڌي اچار |
|---|---|---|
| چاقو | چاخوُ | چاخُو |
| فقير | پَخِير | پَخِير |
| لائق | لائخ | لائخ |
| صدقو | صدخہ | صدخو |
| قوم | خوم | خوم |
| بندوق | بندوخ | بندوخ |
| ڪَفن | خَفن | خَفن |
| چالاڪ | چالاخ | چالاخ |
| ورق | وَرخ | وَرخ |
| سَبق | سَبَخ | سَبَخ |
| نقصان | نخصان | نخصان |
| يقين | يخين | يخين |

**"هہ" جو اضافو:** سنڌي زبان ۾ براهوئي زبان جي اثر سبب ڪي اهڙيون خاصيتون موجود آهن، جن موجب لفظن جي جوڙجڪ

(۱) براهوئي عبالرحمان ڊاڪٽر پي ايڇ ڊي ٿيسز "براهوئي اور اردو ڪا تقابلي جائزه" سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سال؟ ص ۱۸۷.

مان ڪي حرف حذف ٿي وڃن ٿا ته، ڪن جو انهن ۾ اضافو ٿي وڃي ٿو. اها خوبي ليکي وڃي ٿي. هيٺ حرف ”هہ“ جي اضافي جا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

| معياري سنڌي | متاثر سنڌي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| داناءُ | داناهہ | داناهہ |
| ڏاڏا | ڏاهڏا | داهڏا (١) |
| ميوو | ميوه | ميوه |
| لڪڻ | لهڪڻ | لڪڙ |

مٿين لفظن ۾ ”ء“ حرف بدران ”هہ“ جي اچار جو اضافو ٿيل آهي، جيڪو صوتياتي عمل سبب وجود ۾ آيو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي براهوئي زبان ۾ ”اُٺ“ ڪي نج براهوئي زبان موجب ”اُڇ“ بدران ”هُڇ“ (٢) چيو وڃي ٿو. ”سفارش“ کي متاثر سنڌيءَ ۾ ”شفهارشت“چيو وڃي ٿو جيئن براهوئي زبان ۾ آهي.

صرفي جائزو: صرف لفظن جي جوڙجڪ سنئاءِ ۽ گردان سان واسطو رکي ٿي. جيئن ته ٻولين ۾ تبديليون فطري عمل جي حيثيت رکن ٿيون. ان ڪري انسان جواني ۽ پيريءَ جي مرحلن مان لنگهندي ٻولين ۾ تبديلي پيدا ڪري ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ اسمن ۽ ضميرن ۾ پنيان عام طرح سان حرف جر ڪم آڻبو آهي، پر ڪٿي ڪٿي پڇاڙيون بہ ڳنڍجن ٿيون. جهڙوڪ: ”هو ڳوٺان آيو“ يعني ”هو ڳوٺ کان آيو“ اهڙن سببن ڪري چئبو تہ سنڌي ٻولي نڪي صفا مجهل آهي ۽ نہ ڪي صفا مفصل آهي. بلڪ ان کي مجمل، مفصل

---

(١) عزيز مينگل پروفيسر ”شيرو شڪر“ براهوئي آرٽس اڪيڊمي ڪوئيٽہ ١٩٨٣، ص ٢١.
(٢) براهوئي نور محمد پروانہ ”براهوئي قاعده“ براهوئي ادبي بورڊ ڪوئيٽہ ١٩٦١، ص ٢٠.

منزل واري ٻولي ڪوٺبو (١).

صرف جي وضاحت ڪندي، پير محمد زبيرائي لکي ٿو تہ ڪنھن بہ زبان جي لفظن کي اڳتي پوئتي ڪرڻ ۾ انھن جي گردانن جي طريقن کي علم صرف چيو وڃي ٿو." (٢) سنڌي ٻوليءَ ۾ سيني لفظن جون پڇاڙيون متحرڪ ھونديون آھن، پر براھوئي، بلوچي، پشتو يا سرائيڪي زبانن جون پڇاڙيون غير متحرڪ ھونديون آھن. مثال:

| سنڌي | متاثر سنڌي | حذف ٿيل اچار | براھوئي |
|---|---|---|---|
| ڳَٽَ | ڳَٽ | آ | ڪَٽ |
| لَٺِ | لَٺ | آ | لٺ |
| ڪُڪڙُ | ڪُڪڙ | اُ | ڪُڪڙ |

ٻوليءَ جي اچارن ۾ تبديليءَ جو سڀ کان وڏو سبب ڪاڪي ڀيرومل آڏوائي "ڪشالي جو شنجم" ٻڌايو آھي. جنھن موجب ڪوبہ ٻار صحيح طرح اچار استعمال ڪري ڪون تو سگھي، مثال طور: ھو ڪِنو، ڪي، اِنو،(٣) چوندو ۽ "ڪنو" جو اچار صحيح طرح سان اچاري ڪونہ سگھندو. اھڙيءَ طرح ٻارن کان سواءِ وڏا ڪيترائي اچار صحيح طرح سان اچاري سگھڻ جي باوجود ڪونہ ٿا اچارين ۽ اکرن تي گھربل زور ڪونہ ٿا ڏين. جھڙوڪ "ڪُنيڪار"، "لوھڪار" بدران چون "ڪُنيار" ۽ "لوھار" (٤) ٻنھي لفظن مان

---

(١) آڏوائي ڀيرو مل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو ٽيون ١٩٧٢. ص ٢٨٠.

(٢) زبيرائي پيرمحمد "براھوئي گرامر" براھوئي اڪيڊمي ڪوئٽہ ١٩٧١ ص ٤٣.

(٣) آڏوائي ڀيرومل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو ٽيون ١٩٧٢. ص ٢٨٤.

(٤) ايضا.

"ڪ" جو اچار حذف ڪيل آهي. اهوئي سبب آهي جو لفظ سڪڙجي هميشہ لاءِ نئين صورتن ۾ مروج ٿي وڃن ٿا. اسان جڏهن اهڙي قسم جي لفظن کي سرحدي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏسنداسين تہ اهي مقامي ٻوليءَ جي اثرن سبب اچان وڌيڪ تبديلي ۾ اچي استعمال ٿين ٿا. مثال:

| سنڌي ٻولي | متاثر سنڌي | براهوئي |
| --- | --- | --- |
| ڪنيڪار ڪان ڪنيار | ڪنير | ڪنبر |
| لوهڪار ڪان لوهار | لوهر | لوهر |
| بيگار | بيگر | بيگر |

تبديليءَ جو ٻيو وڏو سبب ملڪ جي تاريخ ۾ تبديلي ٻڌايو وڃي ٿو، مثال: سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت ڪري عربي فارسي ۽ ترڪي لفظن جو وڏو انداز سنڌي زبان ۾ شامل ٿي ويو ۽ اسان جي هي ٻولي گاڏڙ ٻولي ٿي پيئي. انهن اچارن کي اچاريندي ماڻهو عادي ٿي وڃن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ اهڙا تبديل ٿيل لفظ هميشہ لاءِ هڪڙي نئين صورت اختيار ڪري وڃن ٿا. مثال: "رڌائو" بدران "رڌو" "مترق" بدران "مترڪو" وغيره (١) اهڙيءَ طرح انگريزي لفظن مان اسٽيشن کي "سٽيشن" يا "ٽيشن، چيو وڃي ٿو. سرحدي سنڌي زبان ۾ جڏهن اسان براهوئي زبان جي اثر جو جائزو وٺنداسين تہ ان ۾ اسان کي براهوئي زبان جي لفظن مان "تَڦَر" "ڪُهاڙي" يا "ڪُهاڙو"، سنڌيءَ ۾ بہ ڪجهہ تبديليءَ سان استعمال ٿيندي ملي ٿو، مثال: "تَڦَر" مان "تَبَرِ" اهڙي قسم جا ڪجهہ ٻيا بہ لفظ ملن ٿا.

---

(١) آڏواڻي ڀيرو مل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ "سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ڇاپو ٽيون ١٩٧٢ ص ٢٨٦.

مثلن "وَڙ" يا "ڊَول" معنيٰ نمونو وغيره لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا.

ٽيون سبب ڌاريءَ ٻوليءَ کي سکڻ جو ٻڌايو ويو آهي. جنهن تي ٻي ٻولي سکي ڳالهائڻ سان فخر محسوس ڪيو وڃي ٿو. (١) سنڌيءَ تي براهوئيءَ جي اثر تحت "بلبل کي "بُلبُلي" "يُوميريءَ" کي "بُومبريَ" "ڳيري" کي "ڳُوڳُو" چيو وڃي ٿو.

چوٿون سبب لهہ وچڙ ۽ ميل جول جو آهي، جنهن سان ٻولين جا لفظ هڪ ٻئي طرف مروج ٿيندا وڃن ٿا، جيڪي بعد ۾ هميشه لاءِ ان زبان جا ٿي ٿي وڃن ٿا. مثال: سنڌين جي ملبار وارن سان لهہ وچڙ سبب اتان جي "اِتي ڏڪَر" راند رائج ٿي ان جا دراوڙي انگ اسان وٽ پهتا (٢) پر سرحدي علائقن ۾ ان کي اِتي ڏڪر بدران "ڏِيتي ڏڪَر" چيو وڃي ٿو. انهيءَ راند ۾ اِتي ڏڪر کيڏڻ جا ڪجهہ مرحلا ٿين ٿا، جن جا مختلف نالا آهن. مثال: "بَڪَٽ"، "لين"، "مُون"، "نار"، "آر"، "ويهي" ۽ "يَڪ" وغيره، انهن تالن موجب ڏيتيءَ کي جسم جي مختلف عضون تي رکي ڏڪر سان ڌڪ هڻڻو پوي ٿو، مثال: "بَڪَٽ" تي ڏيتيءَ کي زمين ۾ ناليءَ نموني نهيل گِد تي رکي ڏڪر استعمال ڪجي ٿو. جيڪا تقريبن ٽي انچ ڊگهي ۽ هڪ انچ ويڪري ڪوٺيل هوندي آهي. هي راند جو شروعاتي مرحلو آهي، بعد ۾ "لين" موجب ڏيتيءَ کي پير جي آڱوٺي ۽ ٻين آڱرين جي مٿان رکڻو پوي ٿو. "مُون" موجب ڏيتيءَ کي هوا ۾ اڇلائي ڏڪر هڻڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح "نار" موجب هٿ جي بند ٿيل مٺ مان ٻاهر ڪيل چيچَ ۽ ڏسڻي آڱر تي ڏيتي رکي

(١) آڏواڻي ڀيرومل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" س-ا-ب حيدرآباد ڇاپو ٽيون ١٩٧٢. ص ٢٨٧.
(٢) ايضاً ص ١٧٨.

وجي ٿي، "آر" موجب، مٿ تي "ويهي" موجب، اک تي ۽ "يَڪ" موجب نوٽ تي رکي ڏيڻ ۾ کي ڏڪر سان ڏڪ هٽڻو پوي ٿو. پائنجي ٿو تہ هي راند دراوڙن جي ڪا قديم راند آهي، جنهن کي ان وقت جي براهوئي ۽ ٻين دراوڙي قومن جي زبانن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو، جيڪي غالبن عضون جي نالن جا قديم لفظ آهن، ۽ ان وقت کان نہ صرف براهوئي بلڪِ سنڌين ۾ بہ اها راند عام جام استعمال ۾ ايندڙ راند آهي.

اچارن جي تبديليءَ جو پنجون سبب ڪوڙي مناسبت (FALSE ANALOGY) آهي، مثال: عربي ۽ فارسيءَ ۾ خ، غ ۽ ٻيا اکر ڏسي اسان جا ڪيترائي ماڻهو نج سنڌي لفظن ۾ "ک" ۽ "گ" جا اچار ڦيرائي "پکال" کي "پخال" ۽ "گڦا" کي "غفا" چوڻ لڳا. هي اچار غلط فهميءَ سبب ٿين ٿا. (١) جيڪي اڳتي هلي ٻوليءَ ۾ اچارن جي تبديليءَ جو سبب بڻجن ٿا.

ان کان علاوه ڌارين ٻجهي بہ ٻوليءَ ۾ بگاڙ، ڪيو وڃي ٿو. جيڪو اڳتي ٻوليءَ جي واڌاري جو سبب بڻجي ٿو، مثال: "تِلڪ" مان "تِڪڙو" "قاطع" مان "ڪاتي"، "قصاب" مان "ڪاسائي" وغيره. پر براهوئي جي اثر سبب "ڪاتي" مان "ڪتار" يا "ڪَتار" چيو وڃي ٿو.

**نَڪوين آوازن جون تبديليون:** سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين وانگر ڪجهہ نڪوان آواز بہ موجود آهن، مثال: "ڱ"، "ڃ"، "ڻ"، "مَ" وغيره. اهي سڀئي آواز معنيٰ پريو پارٽ ادا ڪن ٿا ۽ ٻن سُرن يعني

(١) آڏواڻي ڀيرو مل "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ڇاپو ٽيون، ١٩٧٢. ص ٢٥٣.

حرف علت جي وچ ۾ پڻ اچاريا وڃن ٿا، مثال: ”مُگَ“، ”مُچ“، ”مڻ“، ”مَن“ ۽ ”مم“ وغيره (١) انهن نڪون آوازن کي جڏهن سنڌي زبان ۾ براهوئي جي اثر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته، اسان کي ڪيئي لفظ معلوم ٿيندا، مثال: سرحدي علائقن ۾ ”مگَ“ کي چون ”مُنگ“، ”مُچ“ کي چون ”مُنج“، ”مڻ“ کي ”مَنڙ“.

**اڳياڙيون پڇاڙيون:** معياري ٻوليءَ ۾ خود مختيار لفظن جي اڳيان توڙي پٺيان ڪجهه لفظن جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون هونديون آهن. هن عمل مطابق لفظن کي جنس عدد ۽ حالتن مطابق جوڙڻ وقت ڪجهه فرق ٿي وڃي ٿو. اسان جڏهن اهڙن فرقن کي سنڌي ٻوليءَ جي سرحدي علائقن ۾ ڳولينداسين ته اهي واضح طور براهوئي زبان جي اثرن ۾ استعمال ٿيندي ملن ٿا، جنهن مان سنڌي زبان تي براهوئي زبان جي اثر جو پتو پوي ٿو، هيٺ ڪجهه اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا.

**اڳياڙيون:** هت براهوئي زبان جي اثرن تحت سنڌي زبان ۾ استعمال ٿيندڙ ڪجهه اڳياڙين جا مثال پيش ڪجن ٿا:

| سنڌي | متاثر سنڌي | حذف | اضافو | نج براهوئي |
|---|---|---|---|---|
| نا+اميد= نااميد | نا اوميت | د | و– ت | نا اوميت |
| نا+لائق= نالائق | نالائخ | ق | خ | نا+لائخ |
| ڪم+عقل= ڪم عقل (٢) | بي عقل | ڪم | بي | بي عقل |

(١) جيٺلي مرليڌر ڊاڪٽر ”سنڌي ٻوليءَ جون مکيه خاصيتون“ ٽه ماهي مهراڻ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ٤ / ١٩٨٨. ص ٧٤.

(٢) الانا غلام علي ڊاڪٽر ”سنڌي ٻوليءَ جو ابياس“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو ١٩٨٧. ص ٤٦.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| بي+ درد= بيدرد | بيدڙد | ر | ڙ | بيدڙد |
| بي+وقوف= بيوقوف | بيوخوف | ق | خ | بيوخوف |
| بي+وقت= بي وقت | بي وخت | ق | خ | بيوخت |

مٿين مثالن ۾ لفظن سان اڳياڙيون ڳنڍڻ جو طريقو تقريبن ساڳيو آهي پر لهجي جو فرق صاف ظاهر آهي.

**وچياڙيون:** وچياڙيون بن لفظن جي وچ ۾ ڪي حرف ڳنڍڻ جي عمل کي چيو وڃي ٿو. هي عمل جيتوڻيڪ ٻنهي ٻولين جي اصلي لفظن ۾ استعمال ڪونہ ٿو ٿئي، البتہ ٻاهريان ورتل لفظ ان کان متاثر نظر اچن ٿا، مثال: "ب" ۽ "و" وچياڙيون وغيره (١) مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| سنڌي | متاثر سنڌي | نج براهوئي |
|---|---|---|
| در بہ در | در پہ در | در پدر |
| سال بہ سال | سال پہ سال | سال پہ سال |

جيئن اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ سرحدي علائقن ۾ مقامي ٻولين جي اثرن ڪري سنڌي ٻوليءَ مان آ اِ اُ جا اچار حذف ٿيل هوندا آهن، ان ڪري اڪثر لفظن جون پڇاڙيون بہ بدليل طرح سان استعمال ڪيون وڃن ٿيون، اهڙن مثالن جون پڇاڙيون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

| سنڌي لفظ | متاثر سنڌي | حذف پڇاڙي | براهوئي |
|---|---|---|---|
| ڳَٽَ | ڳٽ | َ | ڪٽ |
| ڇِٽِ | ڇِٽ | ِ | ڇٽ |
| ڦُٽُ | ڦُٽ | ُ | ڦٽ- ٽَپ |

(١) الانا غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو ١٩٨٧، ص ٣٣٨.

## "ءُ" جو اضافو:

براهوئي زبان ۾ ڪجهه اهڙا لفظ بہ آهن جن ۾ "ء" حرف يا اچار جو اضافو ٿيل آهي. هي عمل نہ صرف براهوئي زبان بلڪ ٻين جهڙوڪ بلوچي وغيره ۾ بہ آهي. پر سرحدي علائقي جي سنڌي بوليءَ تي براهوئي بلوچي جي اثرن سبب اتان جي سنڌي زبان ۾ بہ اهو اچار شامل ڪري اچاريو وڃي ٿو، مثال: "وفات" کي "وفائيت" ۽ "قضيئت" چيو وڃي ٿو. انهن لفظن ۾ "ءَ" سان گڏ "ي" جو بہ اضافو ٿيل آهي، پر هت صرف "ءَ" جي اضافي وارا ڪجهه لفظ مثال طور پيش ڪجن ٿا:

| نج براهوئي | متاثر سنڌي | سنڌي |
|---|---|---|
| سئوزي | سَئوزي | سبزي |
| نئوض | نئوض | نبض |
| قَئوضي | قئوضي | قبض |
| لَئوظ- لوظ | لَئوظ | لفظ |
| ڪئونس | ڪَئونس | ڪنهس |

مٿين لفظن جي مٿين اثرن تي غور ڪبو تہ اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ انهن ۾ "ءَ" جو اضافو حقيقت ۾ "ب" جي اچار بدران ٿيو آهي. مطلب تہ جتي "ب" حرف جي ضرورت آهي اتي "ءَ" جو اضافو "و" جي اچار سميت ڪيو ويو آهي. اهڙا ڪيئي مثال اسان کي ٻيا بہ ملي سگهن ٿا.

**متفرق لفظ:** سرحدي علائقن جي سنڌي زبان ۾ براهوئي زبان جي اثرن سبب ڪي اهڙا بي ترتيب لفظ بہ آهن، جيڪي پنهنجي

اصلي صورت کان ڪجهہ بدلجي استعمال ٿين ٿا. اهڙن لفظن جو جڏهن جائزو وٺون ٿا تہ، اسان کي ڪيئي مثال ملن ٿا. مثال:

| سنڌي | متاثر سنڌي | حذف | اضافو | نج براهوئي |
|---|---|---|---|---|
| نِيلامہ | لِيلامہ | ن | ل | ليلامہ |
| ڪبُوتر | ڪپُوتر | ب | پ | ڪَپوت |
| روزگار | روزڪار | گ | ڪ | روزڪار |
| رواج | رواز | ج | ز | رواز |
| قيدي | قيذي | د | ذ | قيذي (١) |
| قدرت | قذرت | د | ذ | قذرت |

مٿين لفظن ۾ لفظ نيلامہ "ن" بدران "ل" لفظ ڪبوتر ۾ "ب" بدران "پ" لفظ "روزگار" ۾ "گ" بدران "ڪ" لفظ "رواج" ۾ "ج" بدران "ز" لفظ "قيدي" ۾ "د" بدران "ذ" ۽ ساڳيءَ طرح "قدرت" لفظ ۾ بہ "د" بدران "ذ" جو حرف استعمال ٿيل آهي. "ڪبوتر" لفظ ۾ "ت" پٺيان ساڳيو سنڌي لفظ بہ استعمال ٿيل "ر" جو اچار بہ شامل ڪيل آهي، جيڪو ٻنهي پاسن ۾ حرف "ت" وانگر موجود ناهي.

---

(١) مينگل عزيز پروفيسر "شير وشڪر" براهوئي "آرٽس اڪيڊمي ڪوئٽہ، ١٩٨٣. ص ٤١.

# باب پنجون

## سنڌي براهوئي ڳالهہ ٻولهہ

سنڌي گرامر ۾ ٻہ ڳالهائڻ جا اٺ لفظ آهن، ساڳي نموني براهوئي زبان جو گرامر بہ انهن ئي اٺن الفاظن جي ترڪيب سان مروج آهي. ڳالهائڻ جا الفاظ هي آهن ١. اسم، ٢. ضمير، ٣. صفت، ۴. فعل، ۵. ظرف، ٦. حرف جر، ٧. حرف عطف ۽ ٨ حرف ندا وغيره. ٻنهي زبانن جي ڳالهہ ٻولهہ ڪي اسين انهن اٺن اصولن مطابق پيش ڪيون پيا.

**اسم:** هن حصي ۾ اهڙا لفظ پيش ڪيا وڃن ٿا، جيڪي ٻنهي ٻولين ۾ هڪجهڙا نہ آهن. اهو ان ڪري تہ جيئن ٻنهي ٻولين جي اهڙن لفظن کي سمجهي سگهجي.

| سنڌي | براهوئي | سنڌي | براهوئي |
|---|---|---|---|
| **جسم جا عضوا:** | | | |
| مَتو | ڪاڻُر | چيلهہ | مُخ |
| وارَ | پڙهہ | پُٺِي | ٻَج |
| اک | خَن | آڱُرُ | هور |
| ڪَنُ | خَف | جَنگهہَ | ٽانگ |
| مُنهنُ | مون | مِجالو | ملي |
| نَڪُ | بامُس | ڳلو | ڳٽ |
| چَپُ | جوڙ | پيٽُ | قِبُ |
| ڳِتو | ڪَلَڪ | پيرُ | نَت |

| سنڌي | براهوئي | سنڌي | براهوئي |
|---|---|---|---|
| جيرو | جَغَر | آنڊا | روتِينڪ |
| ٻُيو | خَد | ڳل | سِل |
| دِل | اُست | تارُون | نُڪ |
| زبان | دُوئي | ڏند | دَندان |
| ڦِڦڙ | ڦُف | هَٿُ | دُو |
| لَتَ | لَغَت | ڳِڄي | لِخ |
| ڳوڙها | خَڙِينڪ | گوڏو | گوڏه |
| مُڇَ | بَروٽ | نرڙ | پيشاني |
| ڪَنڌُ | گردن | ڏاڙهي | رِيش |
| ڪُلهو | ڪوپہ | پگهر | خيد |
| ٽُوٽ | ٽُوٽ | واتُ | با |
| رَت | دِتَر | | |

گهر جو سامان:

| | | | |
|---|---|---|---|
| آرسي | آئينہ | ڏوئي | دو |
| اُکري | جوغِن | وِهاڻو | بالِشت |
| ٻُهاري | روفہ | فراسي | دَرِي |
| ٽڏو | پَڙِيچ | ٽانڊو | پوغ |
| پينگهو | جُلونٽ | گهرُ | اُرا |
| ڦٽي | اِرَس | ٻالٽي | دِير |
| چِلي | ڪَٽُور | هَوا | تَهو |
| ڏاڳو | دَسڪ | ڳَٽ | ڪَٽ |

| سنڌي | براهوئي | سنڌي | براهوئي |
|---|---|---|---|
| ديڳڙي | ديگ | مينهن | ميهي |
| وَٽو | تاس | گهوڙو | هُلي |
| ڪَنورو | بَدنِي | گڏهه | بِيش |
| سَوَڙ | ليپ | ڪُتو | ڪُچَڪ |
| چولو | ڪُوس | سيهَڙ | مُرو |
| سُٿڻ | شلوار | ٻڪري | هيٽ |
| پَٽڪو | دستار | رِڍَ | ميز |
| سبزيون: | | ڍُمبو | خَڙ |
| بَصر | پِيماز | ڏاند | خراس |
| گوگڙون | شَلغَم | ڳئون | ڊِڳي |
| واڱڻ | بينگڻ | ڪوئو | مُشڪِ |
| ڏاٿا | گذ نِيچ | ٻلي | پِشي |
| مرچ | پِلپِل | گدڙ | تولہ |
| هيڊ | زارچوبہ | لومڙ | شوڪ |
| ميوا: | | ڪان: | خاخو |
| زيتون | اَمروُت | ڪبوتر | ڪَپوت |
| صوف | سيب | تِتر | ڪَپِينجَر |
| هنداڻو | ڪُوتَع | ڏيڏر | پِغُٽ |
| گدرو | گلوَ | جيوڙو | ڦُوءَ |
| ڪارڪون | هِلار | اُٺ | هُچ |
| جانور پکي ۽ جيت: | | ڳيرو | گُوگو |

| سنڌي | براهوئي | سنڌي | براهوئي |
|---|---|---|---|
| طوطو | مِٹو | وِيهَ | بيست |
| ٽانگ | دُوشہ | ٽِيهَ | سي |
| ڪرڙي | چِڙچي | چالِيهَ | چِل |
| مک | اِلِّ | پنجاهہ | پنجا |
| ڪِيولي | مورِنڪ | سٺ | شَست |
| انگ: | | ستر | هَفتاد |
| هڪ | آسِٹ | اسي | هشتاد |
| ٻہ | اِرَٹ | نوي | نَوَد |
| ٽي | مُسِٹ | سَو | صد |
| چار | چهار | ڏينهن رات: | |
| پنج | پنچ | ڏينهن | دي |
| ڇَهہ | شش | رات | ٿَن |
| ست | هَفت | منجهند | نيمروچ |
| اٺ | هَشت | ٽيهري | دِيگر |
| نوَ | نُهہ | صبح | صوب |
| ڏهہ | دَهہ | ڪالهہ | دَرو |
| يارهن | يانزدَهہ | ٽيون ڏينهن | مُلخُدو |
| ٻارهن | دوانزدَهہ | سياڻي | ڦگہ |
| تيرهن | سنيزدَهہ | گذريل سال | خَدو |
| چوڏهن | چانژدَهہ | گذريل ٻہ سال اڳ | مُستِرخدو |
| پندرهن | پانزدَهہ | طرف: | |

| سنڌي | براهوئي | سنڌي | براهوئي |
|---|---|---|---|
| اوير | دي ٽِڪ | رشتا: | |
| اولهه | قِبلہ | پيءُ | باوَہ |
| اتر | شمال | ماءُ | لُمہ |
| ڏکڻ | جاندُم | ڏاڏو- نانو | پيرہ- بابُو |
| ڏينهن: | | ڀاءُ | اِيلمُ |
| ڇنڇر | هفتہ | ڀيڻ | اِيڙ |
| آچر | اِروار | ڏاڏي- ناني | بَلہَ |
| سومر | دوشَمبہ | چاچو | اِلہ |
| اڱارو | سِہ شمبہ | پٽ (١) | مار |
| اربع | چار شمبہ | چاچي | ناتہ |
| خميس | پنج شمبہ | ڌيءَ | مَسِڙ |
| جمعہ | جمعہ | مڙس | اَرغ |
| موسم: | | سَهُرو | مالُم |
| سيارو | سيلُ | سَسُ | بَلغڙ |
| اونهارو | تِيرمہ | نُهن | مَلخُڙ |
| ٽڏو | يَخ | سوٽ (٢) | اِلہ مَلُ |
| گرم | باسُن | ڄاٽو | سالُم |
| مَهينو | تُوْ | سالو | خاسپَر |
| هر روز | هَرّدي | ماسي | تاتِي |
| | | سالي | دُسخِينج |

---

پُٽ- سَوٽ- ڏوڻو لفظن ۾ "ٽر" واري "ٽ" استعمال ٿيل آهي.

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| ڏوٽو (۳) | نُواسہ |
| مگيندي | دِشتار |
| رَن زال | جَنوزان |
| **رسم:** | |
| مڱڻو | سانگ |
| شادي | بَرامہ |
| **جنس:** | |
| ٻار | چُهنا |
| مرد | تَرينہ |
| عورت | زائيفہ |
| **کاڌي خوراڪ جون شيون:** | |
| اٽو | نُت |
| ٻوڙ | بيدِير |
| ماني | اِرغ |
| گِههُ | سِي |
| پاڻي | دِير |
| گوشت | سُو |
| کنڊ (۱) | بُوره |
| چانور | برِنج |

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| لوڻ | بي |
| هيڊ (۲) | زارچوبہ |
| ڏاڙهو | گِزنيج |
| انڊو | خُوايہ |
| سَيوُن | مائيچہ |
| کير | پاڵ |
| لسي | خاسُن |
| مکڻ | خَسِي |
| کُٽي | ترِيت |
| ڪڪڙ | خولم |
| جوئر | زُرت |
| ٻاجهري | پرِيش |
| ناشتو | نيارِي |
| **پوشاڪ:** | |
| اڳٽُ | آتنجہ |
| قَميص | ڪُوس |
| پوتِي | گُد |
| کيسو | جيب |
| ڪپڙو | پُچ |
| غاليچو | ڪونٽ |

(۱) کنڊ (۲). هيڊ "ڊر" وارا "ڊ" ڪم آندل آهن.

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| گديلو | بوقِ |
| بيماريون: | |
| بخار | اِلُ |
| ننڍي ماتا | مبارڪِي |
| نمونيه | گز |
| ڪنگهه | جَڪَ |
| لاڪڙو | سوزُڪ |
| ماتا | پُٺہ |
| ألٽي | شولِنگ |
| فالج | تَهو |
| ڦرڙيون | دانہ |
| تري | دِلوئِي |
| ناسور | ڪُلهاڙه |
| سُور | خَلّ |
| زَخَم | ٽپ |
| يرقان | زردوئي |
| چَريو | گنوڪ |
| معدنيات: | |
| سون | خِيسُن |
| چاندي | زَر |
| ٽامو | مِس |

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| لوهہ | آهِن |
| گندرف | گُوڪرَت |
| شِيهو | سُرف |
| رنگ: | |
| اڇو | بِيهُن |
| ڳاڙهو | خِيسُن |
| سائو | گُوَنڪِي |
| نيرو | خَرُن |
| پِيلو | پُوشڪُن |
| هٿيار: | |
| بندوق | تُوفڪ |
| پستول | طَمنچہ |
| تلوار | زَغَم |
| ڍال | اِسپَر |
| بارود | دارُو |
| غُليل | رَبّڙ |
| لَڪُڻ | شَت |
| موسم: | |
| هَوا | ٿهو |
| طوفان | لُوڙ |

| سنڌي | براهوئي | سنڌي | براهوئي |
| --- | --- | --- | --- |
| مِينهُن | ڦِر | مهانگو | ڪُبين |
| جُهڙ | جَمَر | اڪيلو | يَڪتَنِيا |
| ڳڙو | تُرنگڙ | گهاٽو | ڦينگُن |
| ڪوڻ | گِروڪ | وڇون | نِيامِڪو |
| اُس | دي | اڳيون | مونِڪو |
| ڇانوَ | سيخ | پويون | ڦدِيڪو |
| ڇَنڊ | نوڪ | ٽَڪَل | دَمدَرينگوڪ |
| **عام استعمال جا لفظ** | | چماٽ | چَپلَڪ |
| ڇِڪو | خوش | خالي | هورُڪ |
| ٿُڪَ | ٿُف | جَلد | زُو |
| ٽانوَ | رَزان | ڇڄ | لِتِڪ |
| سستو | آرزان | | |

**ضميري لفظ:** ضميري لفظ ڪنهن اسم بدران ڪم آندا وڃن ٿا، جن سان گڏ ڪجهه اِشاراتي لفظ بہ شامل هوندا آهن. براهوئي ضميري لفظن جي عدد واحد ڪي جڏهن اسان جمع ۾ آڻيون ٿا تہ انهيءَ وقت "فڪ" پڇاڙيءَ جو اضافو ڪيو وڃي ٿو. جڏهن تہ ڪجهه لفظن ۾ "ن" يا "م" پڇاڙين جو اضافو ڪرڻو پوي ٿو، پر ڪجهه لفظن ڪي حرف جر سان استعمال ڪرڻ وقت "ي" پڇاڙي پڻ ڳنڍڻي پوي ٿي، مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| سنڌي ضمير واحد | براهوئي ضمير واحد | جمع ضمير | حرف جر ”کي“ جو استعمال |
|---|---|---|---|
| مان- آءٌ | اِي | نن (اسان) | ننا (اسانکي) |
| هُو | او | اوفک هُو | اوفتي (انهن کي) |
| هِن | دا | دافک (هِن) | دافتي (هنن کي) |
| تُون | نِي | نُم (توهان) | نُمي (توهان کي) |
| سنڌي | براهوئي | سنڌي | براهوئي |

عام لفظ:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪَنهن | دير | ڇا ورتو اٿئي | انت هَلڪونُس |
| جَنهن | هَرا | ڪيڙو ورتو اٿم | ڀُچ هَلڪونُت |
| اِهي | دافک | ڪيڏانهن پيو وڃين | اَرانگ ڪاسہ |
| توهانجو | نُما | اسڪول وڃان پيو | اسڪول هِننگتِي ئُت |
| هُن جو | اونا | ڇَيمُ | پاريٽ |
| هِن جو | دافتا | ڇَوايُم | پارِفيٽ |
| اُن کي | اودي | لکنداسين | لِکون |
| ڪنهن کي | ديري | لکائينداسين | لِکِفون |
| مونتي | ڪني آ | تون ٻڌاءِ | نِي بنِف |
| توتي | نُمي آ | توهان ٻڌايو | نُم بِنِفبو |
| هُن تي | اوڙا | ماني کاءُ | اِرَغ ڪُن |
| هُنن تي | اوفتي آ | ماني کائو | اِرَغ ڪُنبو |
| اسان تي | تَني آ | | |

**صفت:** سنڌي زبان ۾ اڪثر ڪري صفت وارا لفظ موصوف جي اڳيان استعمال ڪيا وڃن ٿا (١) براهوئي زبان ۾ بہ تقريبا ساڳيو ئي طريقو استعمال ڪيو وڃي ٿو، مثال:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| سنو گهوڙو ڊوڙي ٿو. | جُوانو هُلي تَرِنگتيء |
| سنا گهوڙا ڊوڙن ٿا. | جُوانو هُليڪ تَرِنگتيء |

هنن جملن مان ثابت ٿئي ٿو تہ صفتون ٻنهي زبانن ۾ هڪڙي ئي نموني اڳيان استعمال ٿين ٿيون، نہ صرف اهو بلڪ اهي حالتون عدد ۽ جنس مطابق بہ گردان ڪن ٿيون، جيڪڏهن موصوف واحد ۾ آهي تہ صفت بہ واحد ۾ آهي، جيڪڏهن موصوف جمع ۾ آهي تہ پوء صفت بہ جمع ۾ استعمال ڪئي وڃي ٿي، پر اسان مٿي ڏسون ٿا تہ براهوئي موصوف جمع يا واحد ۾ بدلجڻ جي باوجود صفت واحد نموني استعمال ٿيل نظر اچي ٿي انهن جملن ۾ صرف فعل عددن مطابق بدلجن ٿا. صفت جا گردان مذڪر توڙي مونث ۾ بہ گردان ڪن ٿا. (٢)

پر براهوئي زبان ۾ جيئن تہ مذڪر ۽ مونث جي نشان دهي واضح نہ هوندي آهي، ان ڪري ٻنهي صورتن ۾ صفت بہ عدد واحد نموني استعمال ٿيندي رهندي آهي. البتہ مونث ۽ مذڪر کي واضح ڪرڻ لاءِ براهوئيء ۾ نالا الڳ الڳ استعمال ڪرڻا پون ٿا. مثال:

---

(١) الانا غلام علي ڊاڪٽر "سنڌي معلم" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٨٤، ص ٥٠.
(٢) ايضا.

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| سٺي گهوڙي ڊوڙي ٿي | جُوانو ماديان تَرنگٽيءَ |
| سٺو گهوڙو ڊوڙي ٿو | جُوانو هُلي تَرِنگٽيءَ |
| سٺيون گهوڙيون ڊوڙين ٿيون | جُوانو ماد يانڪ نرنگٽيءَ |
| سٺا گهوڙا ڊوڙين ٿا | جُوانو هُليڪ تَرِنگٽيءَ |

براهوئي زبان ۾ ڪجهه اهڙيون صفتون به موجود آهن، جيڪي سنڌيءَ جي صفتن وانگر موصوف سان گڏ گردان ڪونه ٿيون ڪن.

مثال؛

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| صفا | صَفا |
| خراب | گندہ |
| ٿڌ | يَخ |
| گرم | باسُن |
| سَخت | سخت |
| پاڪ | پاڪ |
| نَرم | خُلڪُن |
| گهٽ | ڪَم- مَچِٽ |
| وڌيڪ | زيات |
| تنديو | چُنَڪ |
| وَڏو | پَلَن |
| پراڻو | مُتڪُن |
| نئون | پُوسڪُن |
| ٿورو | مَچِٽ |

پر ڪي بيون بہ اهڙيون صفتون آهن جيڪي سنڌيءَ ۾ عدد جنس ۽ حالتن مطابق گردان ڪن ٿيون، ۽ براهوئيءَ ۾ ڪونہ ٿيون ڪن. جيئن اسان متي مثال پيش ڪري ڏيکاريو آهي. اهڙين صفتن ۾ (سنهو) "أشڪُن" (هيٺو) "ڪمزور" (ٿلهو) "هُولنُ" (ڪوڙو) "خَرين" (مٺو) "هَنين" (ڏکهو) "مُرغُن" (ڪتو) "سور" (هيڊو) "پُوشڪُن" (ڪارو) "مَون" (اڇو) "پِيهُن" ۽ (ڳاڙهو) "خِيسُن" صفتون بہ شامل آهن.

**صفتي جملا:** صفتن جي استعمال وقت سنڌي زبان ۾ جيڪي ننڍا جملا استعمال ٿين ٿا، تن کي اسين هت براهوئي زبان جي پيٽ ۾ مثال طور پيش ڪري رهيا آهيون:

| سنڌي جملا | براهوئي جملا |
|---|---|
| هيءَ گرم ڪِيرُ آهي | دا باسُن پاڵ ۽ |
| أهو ٿڌو پاڻي هُيو | هَمي يَخ ءِ دِير اَسَڪ |
| توري ماني ڏي | مَچِت اِرَغ ايت |
| ٿلهو ماڻهو بيٺو آهي | هُولُن بَندغ سَلوڪي |
| سنهو ڇوڪرو پڙهي ٿو | أشڪُن مارڪ خُوانِنگِيءِ |

**صفت خالص:** خالص صفت ۾ ڪنهن بہ لفظ سان ڪوبہ مقابلو نہ هوندو آهي. بلڪ لفظ خالص صفتي هوندا آهن. هيٺ اهڙا مثال ڏجن ٿا:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| انب مٺو آهي | اَنب هَنين اَري |
| احمد هوشيار آهي | احمد هوشيار اري |

**صفت تفصيل:** هن قسم جي صفت ۾ ڪنهن بہ اسم، يا ضمير جي ڀيٽ ڪئي وڃي ٿي. مثال:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| انب صوف کان مٺو آهي | انب صيب آن هَنِين آري |
| احمد اڪبر کان هوشيار آهي | احمد اڪبر آن هوشيار آري |

**صفت مُبالغہ:** هن قسم جي صفت ۾ ڪنهن اسم يا ضمير کي وڌائي چڙهائي پيش ڪيو وڃي ٿو، مثال طور:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| انب سڀني ميون کان مٺو آهي | انَب ڪُل ميوه تي آن هَنين آرڪي |
| ڪراچي پاڪستان جي سڀني شهرن کان وڏو آهي. | ڪراچي پاڪستان ناغُٽ شهر تي آن يَلَنُ شهر آري |

ظرفن جا مختلف قسم ٿين ٿا جيڪي هي آهن. ١. ظرف زمان ٢. ظرف مڪان ٣. ظرف تميز ۴. ظرف نفي ۽ ۵ ظرف اثباتي يا ظرف اقراري. (١) براهوئي زبان بہ ظرفن جي ساڳي خوبين سان استعمال ٿئي ٿي. هيٺ اسين ٻنهي زبانن جا مٿي ذڪر ڪيل ظرف پيش ڪيون ٿا.

**ظرف زمان:** هن ظرف ۾ فعل بابت وقت جو اشارو ٿيل هوندو آهي، مثال:

---

(١) شيخ واحد بخش "سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو" سنڌ ادبي بورڊ حيدرآباد. ڀاڱو ٻيو. ١٩٨٩، ص ٨۴.

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| هاڻي | داسہ |
| ٻوءِ | گڙا |
| ڪالهہ | دَرو |
| اڄ | اينو |
| اڳي | مست |
| اڃان | داسڪان |
| جڏهن | هَرلوَدا |
| ڪڏهن | هَراوقت |

**ظرف مڪاني:** هن ظرف ۾ هنڌ يا طرف بابت اشارا ٿيل هوندا آهن. مثال: "هِتي" يا "هُتي، وغيره. هيٺ براهوئي سميت ڪجهہ لفظ ڏجن ٿا:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| هِتي | داڙي |
| هُتي | اوڙي |
| هِتان | داڪان |
| هُتان | اوڪان |
| ويجهو | خُڙڪ |
| پَري | مُر |
| ڪِٿي | آراڙي |
| جِٿي | هَراڙي |

ظرف تميز: هن ظرف سان ڪم ڪرڻ جو طريقو معلوم ڪري ٿو سگهجي. مثال، ڏاند سنو ٻوڙي ٿو "يا" ڪبوتر تيز اُڏامي ٿو" وغيره هيٺ اسين اهڙن ظرفن جي وضاحت براهوئي زبان سان پيش ڪيون ٿا:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| ڪبوتر تيز اڏامي ٿو | ڪپوت تيز بال ڪَننگٽيءِ |
| ڏاند سنو ٻوڙي ٿو | خراس جُوان ٽَرنگٽيءِ |

هاڻ ٿنديا لفظ پيش ڪجن ٿا:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| ڪِيئن | آمر |
| جِيئن | هَمر |
| هِيئن- اِئين | دُهُن |
| هُوئن- اُوئن | اوهُن |
| چڱي طرح | جُوا نِيڪ |

ظرف نفي: هن ظرف ۾ انڪاري معنيٰ جا لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا.مثلاً:

| سنڌي | نفي سنڌي | براهوئي | نفي براهوئي |
|---|---|---|---|
| روءُ | نہ روءُ | هوغ | هوغِپہ |
| ڪر | نہ ڪر | ڪَ | ڪَپہ |
| کاءُ | نہ کاءُ | کُن | کُنپہ |

متي پيش ڪيل ترتيب مان اندازو لڳائبو تہ اسان کي معلوم

ٿئي ٿو ته هر انڪاري لفظ سان سنڌي زبان ۾ "نه" جو اچار اڳيان لڳائڻو پوي ٿو، پر براهوئي زبان ۾ "نه" بدران "په" جو اچار اڳيان بدران پويان لڳائڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح جڏهن اسان انهن حرفن کي جمع ۾ ڳالهائيندا آهيون ته سنڌي ۾ "او" پڇاڙي ۽ براهوئي ۾ "بو" پڇاڙي شامل ڪرڻي پوي ٿي. مثلاً:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| نه ڪريو | ڪپبو |
| نه چئو | پاپبو |
| نه ڪائو | ڪنپبو |
| نه روئو | هوغپبو |

**ظرف اثباتي:** هن ظرف جي استعمال مان "هاڪار" جي وضاحت ٿئي ٿي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| هائو! تون ڪاءِ | هان/ هَئو ! نِي ڪُن |
| هائو ! تون اَچ | هان/ هَئو ! ني بَر/ بَرَڪ |

براهوئي زبان ۾ جڏهن انهن ظرفن کي جمع جي صيغي ۾ استعمال ڪندا آهيون ته ساڳيو "بو" جي پڇاڙي وارو طريقو اختيار ڪرڻو پوندو. مثلاً:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| هائو! توهان ڪائو | هان/ هَئو! نُم ڪنبو |
| هائو! توهان اچو | هان/ هِئو! نُم بَربو - بَبو |

(١) مرزا ظفر "براهوئي گرائمر" براهوئي اڪيڊمي ڪوئٽه ١٩٨٠. ص ٤٧ ۽ پڻ ڏسو شيخ واحد بخش جو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو" ١٩٨٩. ص ٧١

براهوئي ۾ "هٿو" کي "هان" به چئبو آهي. جڏهن ته سنڌ وارا براهوئي "هٿو" چون ٿا. جيئن سنڌي ۾ آهي.

**فعل:** فعل مان ڪنهن ڪم ڪرڻ جي معنيٰ ظاهر ٿئي ٿي. مختلف صيغن ۾ ڏٺو ويو آهي ته فعل هميشه پنهنجي فاعل يا مفعول سان جنس ۽ عدد ۾ موافقت رکندو آهي هيٺ اسين اهڙا مثال براهوئي زبان جي حوالي سان پيش ڪريون ٿا.

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| وَڃُ | هِن |
| پَڙهُ | خُوان |
| اَچ | بَر- بَر- بَرَڪ |
| ويهُ | تُولُ |

سنڌي زبان ۾ "امر" کان "مصدر" ٺاهڻ لاءِ فعلي لفظن سان "ڻ" جو صيغو ملائڻو پوي ٿو، جڏهن ته براهوئي زبان ۾ "اِنگ" جو صيغو ملائڻو پوي ٿو. مثال:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| ڊوڙ + ڻ = ڊوڙڻ | تَر + اِنگ = تَرنگ |
| اچ + ڻ = اچڻ | بَر + انگ = بَرنگ بَننِگ |
| ڌوءِ + ڻ = ڌوئڻ | سِل + اِنگ = سِلنگ |
| پڙهه + ڻ = پڙهڻ | خُوان + اِنگ = خُوانِنگ |

**امر جا قسم:** امر جا مختلف قسم آهن، جن ۾ "حاضر"، "استعمال" يا ديرينه "امر نيازي" "امر تمنا"، "امر نفي" ۽ "امر مدامي" اچي وڃن ٿا. هيٺ انهن جي استعمال بابت تفصيل سان مثال پيش ڪجن ٿا.

**امر حاضر:** امر حاضر انهن جملن کي چيو ويجي ٿو جيڪي ڪنهن کي ان جي اتي حاضر يا روبرو هجڻ جي صورت ۾ چيل هجن، جنهن ۾ سنڌيءَ جي واحد لاءِ "اُ" ۽ جمع لاءِ "او" علامتون ۽ براهوئيءَ ۾ واحد ۾ "ڪ" ۽ جمع ۾ "بو" علامتون شامل ڪرڻيون پون ٿيون. مثال:

| سنڌي | | براهوئي | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع |
| ڪاءُ | ڪائو | ڪَنَڪ | ڪُنبو |
| وڃ | وڃو | هِن | هنڪ/هِنبو |
| مار | ماريو | خل | خلبو |

**امر استقبال:** هن امر مان اهو واضح ٿئي ٿو ته ڪنهن واحد يا جمع کي تاڪيد ڪيل هجي ته مستقبل ۾ هي ڪم ضرور ڪرڻو آهي. سنڌي زبان ۾ امر استقبال لاءِ واحد ۾ "ج" علامت ڏبي آهي جڏهن ته جمع لاءِ "و" جو اچار استعمال ڪيو ويجي ٿو. اهڙيءَ طرح براهوئي زبان ۾ واحد لاءِ "ڪ" ۽ جمع لاءِ "بو" جي علامت شامل ڪرڻي پوي ٿي، مثال طور:

| سنڌي | براهوئي | سنڌي | براهوئي |
|---|---|---|---|
| (واحد) | | (جمع) | |
| سياڻي اچج | ڦگہ بَرَڪ | سياڻي اچجو | ڦگہ بَربو |
| خط لکج | خط لِکڪَ | خط لکو | خط لِکَبو |
| پاڻي پيئج | دِير ڪُنَڪ | پاڻي پيئو | دِير ڪُنبو |

**امر نيازي:** هن قسم جي امر ۽ حڪم جو مفهوم سمايل هوندو آهي، پر انهيءَ حڪم ۾ نياز ۽ عاجزي به نمايان هوندي آهي، مثال:

| سنڌي | براهوئي |
| --- | --- |
| ڪاءِ ۔ ڪائج | ڪُن ۔ ڪنَڪ - ڪُنيس |
| پڙهہ ۔ پڙهج | خُوان ۔ خُوانُڪ ۔ خُوانيس |

مٿين مثالن ۾ سنڌي واري "ج" علامت بدران براهوئي "ڪ" جي علامت ڪان علاوه "يس" جي علامت بہ شامل ڪيل آهي، جنهن مان ڪجهہ نياز ۽ عاجزي بہ ظاهر پئي ٿئي.

**امر تمنا:** هن امر ۾ اها صورت تمنائي آهي جنهن ۾ ڪنهن خواهش جو اظهار ڪيل هجي. سنڌي ۾ تمنائي لفظن لاءِ "آنءِ" علامت شامل ڪئي وڃي ٿي. جڏهن تہ براهوئي زبان ۾ تمنائي صيغي طور "اوس" جي علامت شامل ڪجي ٿي. مثلاً:

| سنڌي | | براهوئي | |
| --- | --- | --- | --- |
| امر استقبال | امر تمنا | امر استقبال | امر تمنا |
| هي ڪم ڪج | هي ڪم ڪجانءِ | دا ڪاريم ڪَرَڪ | داڪاريم ڪَروس |
| مون سان مِلج | مون سان ملجانءِ | ڪَنتو مِلَڪ | ڪَنتو مِلوس |
| مون ڏانهن اچج | مون ڏانهن اچجانءِ | ڪَني آ بَرڪَ | ڪَني آ بَروس |
| هوڏانهن وڃج | هوڏانهن وڃجانءِ | اونگ هِنڪَ | اونگ هِنوس |

**امر نفي:** هن امر ۾ اها صورت آهي، جنهن مان انڪار جو مطلب نڪرندو هجي. هن قسم جي سنڌي انڪاري لفظن ۾ "نہ" علامت شامل ڪجي ٿي جڏهن تہ براهوئيءَ ۾ "پيس" علامت گڏائي وڃي ٿي. مثلاً:

| سنڌي | | براهوئي | |
|---|---|---|---|
| امر | امرنفي | امر | امر نفي |
| هي ڪم ڪر | هي ڪم نہ ڪر | دا ڪاريم ڪر | دا ڪاريم ڪَپِس |
| هي ڪتاب پڙهہ | هي ڪتاب نہ پڙهہ | دا ڪتاب خوان | دا ڪتاب خُوانپِس |
| پاڻي پيءُ | پاڻي نہ پيءُ | دِير ڪُن | دِير ڪُنپِيس |
| وڃ | نہ وڃ | هِن | هِنپِيس |

**امر استمراري:** هن امر ۾ ڪنهن حاضر واحد کي اهڙي ڪم لاءِ حڪم ڏجي ٿو جيڪو جاري رهي. سنڌي زبان ۾ جاري رهڻ واري ڪم لاءِ "پيو" جي علامت ملائجي ٿي جڏهن جي براهوئي ۾ "اِسہ ڪَر" جي علامت شامل ڪجي ٿي. مثلاً:

| سنڌي | | براهوئي | |
|---|---|---|---|
| امر | امراستمراري | امر | امراستمراري |
| کاءُ | پيو کاءُ | ڪُن | ڪُنِسہ ڪَر |
| لکُ | پيو لکُ | لک | لکِسہ ڪَرِ |
| وڃ | پيو وڃ | هِن | هِنِسہ ڪر |
| ڪر | پيو ڪر | ڪَر | ڪَرِسہ ڪَر |
| اچ | پيو اچ | بَر | بَرِسہ ڪَر |
| ڏاهہ | پيو ڏاهہ | ڏَڙف | ڏَڙِفسہ ڪر |

**فعل جا قسم:** فعلن جا مختلف قسم تين ٿا، جن ۾ فعل لازمي، فعل متعدي فعل متعدي بالواسطہ، فعل متعدي ماضي، فعل مستقبل شامل آهن. هيٺ انهن فعلن تي براهوئي زبان جي حوالي سان بحث

ڪجي ٿو:

**فعل لازمي:** هي اهو فعل آهي جنهن ۾ فعل جو صرف فاعل هوندو آهي، پر مفعول ڪونه هوندو آهي. مثال سنڌيءَ ۾ حال زمان واحد جي صيغي "آن ٿو" بدران براهوئي زبان ۾ "اِنگٽي ئُت" ۽ جمع لاءِ "اون ٿا" بدران "اِنگٽي ئُن" جون علامتون شامل ڪرڻيون پون ٿيون. مثال:

| سنڌي | | | براهوئي |
|---|---|---|---|
| (هَلُ) | هلان ٿو (واحد) | (هِن) | هِننگٽي ئُت |
| | هلون ٿا (جمع) | | هِننگٽي ئُن |
| (ڪر) | ڪريان ٿو (واحد) | (ڪَر) | ڪَننگٽي ئُت |
| | ڪريون ٿا (جمع) | | ڪَننگٽي ئُن |
| (وٺ) | وٺان ٿو (واحد) | (هَلِ) | هَلنگٽي ئُت |
| | وٺون ٿا (جمع) | | هَلنگٽي ئُن |
| (ويهه) | ويهان ٿو (واحد) | (تُولْ) | تولنگٽي ئت |
| | ويهون ٿا (جمع) | | تولِنگٽي ئُن |

**فعل متعدي:** فعل متعديءَ لاءِ فعل لازميءَ کي حرف علت "آ" کي "اِ" ۾ بدلائڻو پوي ٿو. مثال: "ڪِل" بدران "ڪِلاءِ" اهڙي طرح براهوئي ۾ فعل لازميءَ کي فعل متعدي بنائڻ لاءِ "مَخ" بدران "مخِف" طور بنائي استعمال ڪبو آهي، جنهن ۾ "اِف" جي علامت شامل ڪجي ٿي. هيٺ مثال ڏجن ٿا:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| ڪَرڙ = ڪَرڙاءِ | ڪَرغ = ڪَرغِف |

| | |
|---|---|
| چِل = چِلاءِ | چِل = چِلف |
| ساڙ = ساڙاءِ | هُش = هُشِف |
| وٺ = وٺاءِ | هَلُّ = هَلِف |

براهوئي زبان جي مٿين مثالن ۾ حرف "لُ" جڏهن پڇاڙيءَ ۾ ڪم اچي ٿو ته ان ۾ ٽن نڪتن جي اچار سان ڪم اچي ٿو ۽ جڏهن اهو حرف وچ ۾ اچي ٿو ته ان جو اچار صرف "ل" جي صورت ۾ ڪم اچي ٿو. يعني ان جي ٽن نڪتن واري اچار کي حذف ڪيو وڃي ٿو.

**اسم حاليہ:** پر براهوئي زبان ۾ اهڙي قسم جي اسم حاليہ صورت وارن فعلن ۾ "اِيندو" علامت جي جاءِ تي "او" علامت شامل ڪئي وڃي ٿي. جيڪا مذڪر توڙي مونث ٻنهي صورتن ۾ ڪم اچي ٿي. مثلاً:

| سنڌي | براهوئي | معنيٰ |
|---|---|---|
| چِلو | چِل + او = چِلو | چِلِيندو |
| ڪَپُو | ٽَڙ + او = ٽَڙو | ڪَپِيندو |
| ڏيُو | ايت + او = ايتو | ڏيندو |
| لِکُو | لِک + او = لِکو | لکندو |

**اسم مفعول:** سنڌي زبان ۾ اسم مفعول جون ٽي صورتون آهن. جن موجب پهرين صورت ۾ فعل سان "يو" ٻي صورت ۾ "يل" ۽ ٽين صورت ۾ "او" علامتون ملايون وڃن ٿيون، پر براهوئي زبان ۾ ترتيبوار "يو" بدران "آ" "يل" بدران "اوڪ" ۽ "او" بدران ساڳيو "آ" جون علامتون ملايون وڃن ٿيون. مثلاً:

پهرين صورت:

| سنڌي | | | براهوئي | | |
|---|---|---|---|---|---|
| فعل جو بنياد | علامت | اسم مفعول | فعل جو بنياد | علامت | اسم مفعول |
| لِک + | يو = | لِکيو | لِک + | آ = | لِکا |
| پڙهہ + | يو = | پڙهيو | خُوان + | آ = | خُوانا |
| ڊوڙ + | يو = | ڊوڙيو | نَر + | آ = | نرا |

ٻي صورت:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| لک + | يل = | لکيل | لِک + | اوڪ = | لِکوڪ |
| پڙهہ + | يل = | پڙهيل | خوان + | اوڪ = | خُوانوڪ |
| ڊوڙ + | يل = | ڊوڙيل | نَر + | اوڪ = | نَروڪ |

ٽين صورت:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| لک + | او = | لِکو | لک + | آ = | لِکا |
| ڏس + | او = | ڏٺو | اُر + | آ = | اُرا |
| پچ + | او = | پکو | بِس + | آ = | بِسا |

ٽين صورت ۾ "ڏس" ۾ "س" بدران "ٺ" ۽ "پَچ" ۾ "چ" بدران "ڪ" جا حرف تبديل ٿي وڃن ٿا، پر براهوئي زبان ۾ اهڙيءَ طرح جي ڪابہ تبديلي ڪونہ ٿي ٿئي.

**اسم استقبال:** فعل جي اها مشتق آهي جيڪا آئنده وقت جي نشان دهي ڪندي هجي. مثال: فعل جي بنياد سان "ڻو، علامت ملائڻ "لک" کي "لکڻو" جوڙيو وڃي ٿو، پر براهوئي زبان ۾ "ڻو" علامت جي جاءِ تي "اوئي" علامت ملائڻي پوي ٿي. هيٺ ٻنهي زبانن جا مثال پيش ڪجن ٿا:

| فعل جو مادو+ علامت اسم استقبال | فعل جو مادو+ علامت اسم استقبال |
|---|---|
| اُٽ+ ڻو = اُٽڻو | سَل + اوئي = سَلوئي |
| ڀَڄُ + ڻو = ڀَڄڻو | نَر + اوئي = نَروئي |
| ليٽ + ڻو = ليٽڻو | ليت + اوئي = ليتوئي |
| ڪاءُ + ڻو = ڪائڻو | ڪُن + اوئي = ڪُنوئي |

جملن ۾ استعمال

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| مونکي رات جو سمهڻو آهي | ڪَني نَن نا خاچوئي آري |
| هي ٻار ويڄڻو آهي | داچُنا هِنوئي آري |

**اسم فاعل:** اسم فاعل فعل جي اها صورت آهي، جنهن سان ڪم ڪرڻ واري يعني فاعل جي مفهوم جي خبر پوي. هي صورت صفت وانگر جنس عدد ۽ حالت ۾ گردان ڪندي آهي، مثال: فعل سان "ايندڙ" يا "آندڙ" علامتون ملائڻ سان لفظ ٺهن ٿا. مثال هيٺ ڏجن ٿا جن ۾ براهوئي ترتيب بہ شامل آهي.

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| مار + ايندڙ = ماريندڙ | خَلُ + اوڪا = خَلوڪا |
| ساڙ + اِيندڙ = ساڙيندڙ | هُش + اوڪا = هُشوڪا |
| ڪر + آندڙ = ڪرَندڙ | تَمر + اوڪا = تَموڪا |

**اسم عطفيہ:** هن اسم ۾ اهي فعل ڪم اچن ٿا، جن ۾ فاعل هڪ ڪم پورو ڪري ٻيو ڪم شروع ڪرڻ وارو هجي. مطلب تہ

هڪ ڪم ڪي ٻئي سان ملائڻ واري لفظ کي عطف چيو وڃي ٿو.
هن اسم ۾ ٽي صورتون استعمال ٿينديون آهن. مثلاً:

(۱) ماني کائي اسڪول ويس — علامت "اِي"
(۲) بار پڙهي گهر ويو — علامت "اي"
(۳) ياجي وٺيو گهر ويو — علامت "يو"

مٿين ٽن علامتن جي استعمال کي جڏهن اسان براهوئي زبان ۾ ڏسنداسين تہ اسان کي ترتيبوار "اِي" بدران "گ" "اي" بدران "اي" ۽ "يو" بدران "ڪ" جون علامتون شامل ڪرڻيون پون ٿيون. مثلاً:

سنڌي براهوئي

| امر | علامت | ماضي معطوفي | امر | علامت | ماضي معطوفي |
|---|---|---|---|---|---|
| کاءِ + | اِي = | کائي | ڪُن + | گ = | ڪُنگ |
| ڪر + | اي = | ڪري | ڪر + | اي = | ڪَري |
| وٺ + | يو = | وٺيو | هَل + | ڪ = | هَلڪ |

جملا:

| | |
|---|---|
| ماني کائي اسڪول ويو | اِرغ ڪُنگ اسڪول هِنا |
| ڪم ڪري سمهيو | ڪاريم ڪري خاچا |
| ڪتاب وٺي گهر ويو | ڪتاب هَلڪ اُراغاهِنا |

**حرف جملو:** اهي حرف جيڪي ٻن جملن يا ان جي جزن کي پاڻ ۾ ملائين، تن کي حرف جر چيو وڃي ٿو. ظفر مرزا مطابق جيڪو حرف ٻن اسمن کي ملائي ٿو (۱) تنهن کي حرف جر چيو وڃي ٿو.

---

(۱) مرزا ظفر "براهوئي گرائمر" براهوئي اڪيڊمي ڪوئٽہ ۱۹۸۰، ص ۴۰. ٻاڳو پيو.

هيٺ اسين اهڙي قسم جا مثال پيش ڪريون ٿا:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| امين ۽ اڪبر ٻہ ڀائر آهن | امين ءُ اڪبر اِرَٽ اِيلُم اَرِير |
| ڇوڪرو يا ڇوڪري اچي | مارِيَا مَسِڙ بَري |

مٿين جملن ۾ "۽" "يا" ٻئي حرف جر جا حرف آهن. انهن بدران براهوئي زبان ۾ ءُ ۽ "يا" ڪم آندا ويا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌيءَ جي "ٻہ"، "تہ"، "تہ ٻہ"، "ڇاڪاڻ" "جي" "بشرطيڪہ"، "تڏهن ٻہ"، "جنهن صورت ۾"، "۾"، "ڇو جو" ۽ "ڇا لاءِ" جا لفظ ٻہ حرف جر جي حيثيت رکن ٿا. جڏهن تہ براهوئي زبان ۾ انهن لاءِ انهن جي ترتيبوار "تي"، "تاهم"، "اگر" "بَشرطيڪ"، "گڙاهَم" "هَراصورت تي"، "تي"، "اَنتَئي ڪِ"، "اَنت ڪِ" ۽ "اَنتَئي ڪِہ" جا حرف جر ڪم اچن ٿا.

**حرف ندا:** حرف ندا ۾ اهي لفظ اچي وڃن ٿا جن مان عجب ڪائي، خواهش، تمنا، رنج ۽ نفرت جو اظهار ٿيندو هجي، مثلاً:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| اقراري لفظ: | |
| جِي | جِي |
| هاءُ | هان |
| خوشي جا لفظ: | |
| واهہ واهہ | واهہ واهہ |
| عجب وارا : | |
| مار !! | مار!! |

| | |
|---|---|
| آڙي !! | اُڙي !! |
| رنج وارا: | |
| هاءِ هاءِ | هَئي هَئي |
| نفرت وارا | |
| حَيف | هَيف |
| ٿوُ | ٿُف |
| بِڙ (بِڏي مر) | دِبَڪ |

حـــرف جر: سنڌي زبان ۾ هي حرف اڪثر جملن ۾ اسم، ضمير، صفت، ظرف لفظن کان پوءِ گڏجي ڪم اچن ٿا، جن جا مثال هيٺ براهوئي زبان جي پيٽ سان پيش ڪجن ٿا:

| سنڌي | براهوئي |
|---|---|
| تائين | اِسڪا . اِسڪان |
| تي | آ . آئي |
| کي | ءِ . دي |
| وَٽ | ريها . اوڙي |
| توڙي | چائي |
| ۾ | ٽي . تهِٽي |
| جو | نا |
| لاءِ- واسطي | ڪہ . ڪِن |
| ڏانهن | آ . آئي |
| جهڙو | آنبار |
| سان | تو |

**زمانن جو مطالعو:** زمان ٽن قسمن جا ٿين ٿا. ١. زمان حال ٢. زمان ماضي ٣. زمان مستقبل. هي زمان فعلن کان معلوم ڪري ٿا سگهجن، جن مان هلندڙ، گذريل ۽ ايندڙ وقت جو پتو پوي ٿو. ڪنهن بہ ٻوليءَ کي سکڻ لاءِ زمان جو مطالعو تمام ضروري هوندو آهي. متين ٽن زمانن ۾ وري مختلف قسم آهن، جيڪي اٽڪل ١٢ ٿين ٿا. اختصار کان ڪم وٺندي اسين زمانن تي مختصر بحث ڪنداسين.

**زمانِ حال:** هن زمان ۾ فعل سان گڏ "تو"، "تا"، "تي" ۽ "تيون" جون علامتون ملائيون پون ٿيون. پر براهوئي زبان ۾ سنڌي جي واحد علامت "تو"، يا "تي" بدران "ٹُت" ۽ جمع علامت "تا" ۽ "تيون" لاءِ "ٹُن" علامت ملائڻي پوي ٿي. مثال طور:

| سنڌي | عدد | براهوئي |
|---|---|---|
| آءٌ پڙهان تو | واحد | اِي خُوانِنگتي ٹُت |
| اسان پڙهون تا | جمع | نَن خُانِنگتي ٹُن |
| آءٌ پڙهان تي | واحد | اِي خُوانِنگتي ٹُت |
| اسان پڙهون تيون | جمع | نَن خوانِنگتي ٹُن |

**زمان حال مضارع:** هن زمان ۾ "آن" علامت شامل ڪجي ٿي. مثال: "لکان"، "پڙهان" وغيره براهوئي زبان ۾ "اِف" علامت ملائجي ٿي. سنڌي جي جمع ۾ "اُون" ملائجي ٿي. مثال: "پڙهون"، "لکون" جڏهن تہ براهوئي ۾ جمع لاءِ "ٹِن" علامت ملائجي ٿي. مثال: واحد لاءِ "پڙهہ" (پڙهان ٿو) جمع ۾ "پڙهون" جي "اُون" علامت بدران "خُوانِن" يعني "ٹِن" علامت ملائجي ٿي.

**زمان حال استمراري:** هي زمان حال وانگر مضارع کان ٺهندو آهي. زمان حال ۾ ٿو، ٿا، ٿي، ۽ ٿيون علامتون ملائجن ٿيون.

پر حال استمراريءَ ۾ پيو، پيا، پَئي ۽ پيون جون علامتون شامل ڪرڻيون پونديون آهن. هيٺ اسين براهوئي جي پيٽ سان پيش ڪيون ٿا.

| | زمان حال مضارع | زمان حال | زمان حال استمراري |
|---|---|---|---|
| سنڌي | مان ڊوڙان | مان ڊوڙان ٿو | مان ڊوڙان پيو |
| براهوئي | اِي تَرِو | اي تَرِنگٽي ئُٽ | اِي تَرِنگٽي ئُٽ |

سنڌي زمان ۾ "ٿو" ۽ "پيو" علامتن بدران براهوئي زبان ۾ صرف هڪڙي علامت يعني "ئُٽ" ملائي وجي ٿي. اهڙيءَ طرح سنڌيءَ جي ڊوڙان واري "آن" پڇاڙي جي لاءِ براهوئي زبان ۾ "تَرو" ۾ "اِو" پڇاڙي شامل ڪيل آهي. ان کان علاوه جيڪڏهن اسان ان جو اڃان گهرائي سان مطالعو ڪنداسين تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ "ڊوڙان ٿو" يا "ڊوڙان پيو" جي ٻنهي پڇاڙين .آن ٿو" ۽ "آن پيو" بدران براهوئي زبان ۾ صرف هڪڙي پڇاڙي "اِنگٽي ئُٽ" استعمال ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح سيني لفظن جا جملن ۾ گردان ٺهندا هلندا. مثال:

| سنڌي | | براهوئي |
|---|---|---|
| پڙهان ٿو يا پڙهان پيو | بدران | خُوانِنگٽي ئٽ |
| لکان ٿو يا لکان پيو | بدران | لکنگٽي ئُٽ |

**زمان حال مدامي:** هن زمان جي پويان فعل "هُئڻ" مصدر جو

---

(۱) ڊينس بِري "دِي براهوئي لينگيوئيج" براهوئي اڪيڊمي ڪوئٽہ جلد اول ڇاپو ٻيو. ۱۹۷۷. ص ۱۲۴.

گردان زمان مضارع ۾ استعمال ڪرڻ سان زمان حال مدامي ٺهندو آهي. مثال: "مان لکندو آهيان يا "اسان لکندا آهيون" انهن ۾ "اندو آهيان،" ۽ "اندا آهيون" پڇاڙيون مليل آهن. براهوئي زبان ۾ انهن علامتن بدران "اِوَه" ۽ "اِنہ" (١) پڇاڙيون ملايون وڃن ٿيون. مثال طور:

| سنڌي | | براهوئي | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع |
| مان لکندو آهيان | اسان لکندا آهيون | اِي لِکوَه | نَن لِکنہ |
| مان پڙهندو آهيان | اسان پڙهندا آهيون | اِي خَوانوَه | نَن خُوانِنہ |

**زمان ماضي شرطي:** هن زمان ۾ "آن ها" علامتون ملائجن ٿيون. مثال: "مان لکان ها"، براهوئي زبان ۾ "آن ها" جي جاءِ تي "آتہ" واحد لاءِ ۽ "آنہ" جمع لاءِ پڇاڙيون ملائي استعمال ڪجن ٿيون. مثال طور:

سنڌي

| واحد | جمع | علامت | |
|---|---|---|---|
| | | واحد | جمع |
| مان لکان ها | اسان لکون ها | آن ها | اون ها |

براهوئي

| واحد | جمع | علامت | |
|---|---|---|---|
| | | واحد | جمع |
| اِي لِکا تہ | نَن لِکا نہ | آتہ | آنہ |

**زمان ماضي مدامي:** هي زمان بہ زمان حال مداميءَ وانگر گردان ڪندو رهندو آهي، جنهن ۾ فرق صرف ماضي ۽ حال جو آهي، مثال:

| براهوئي | | عدد | سنڌي | |
|---|---|---|---|---|
| زمان حال مدامي | زمان ماضي مدامي | | زمان حال مدامي | زمان ماضي مدامي |
| اي لکا تہ | اِ ي لِکوَہ | واحد | مان لکندو هوس | مان لکندو آهيان |
| نَن لِکانہ | نَن لِکتہَ | جمع | اسان لکندا هياسين | اسان لکندا آهيون |

مٿين لفظن تي غور ڪبو تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ سنڌي جي "آندو آهيان" واحد حال علامت ۽ "آندو هوس" واحد ماضي علامت جي جاءِ تي براهوئي ۾ ترتيبوار "اِوَہ" ۽ "آٿہ" علامتون استعمال ڪجن ٿيون، جڏهن تہ جمع ۾ "آندا آهيون" ۽ "آندا هياسين" علامتن جي جاءِ تي ترتيبوار "اِنہ" ۽ "آنہ" جون علامتون شامل ڪيون وڃن ٿيون.

**زمان حال منتشڪي:** هي زمان، اسم حاليہ لفظن جي پويان "هُئڻ" جي گردان زمان مستقبل سان ملائڻ سان ٺهي ٿو، مثالن کي براهوئي جي گردانن سان هيٺ پيش ڪيو ويو آهي:

| سنڌي | عدد | براهوئي |
|---|---|---|
| مان لکندو هُوندس | واحد | اِي لِکِسہ ڪَروٽ |
| اسين لکندا هونداسين | جمع | نَن لِکِسہ ڪَرون |

مٿين مثالن ۾ ظاهر ٿئي ٿو تہ هن زمان ۾ "آندو هوندس" ۽ "آندا هونداسين" علامتن جي جاءِ تي براهوئي زبان ۾ "اِسہَ ڪَروٽ" ۽ "اِسہ ڪَرون، جون علامتون ملائجن ٿيون.

**زمان ماضي مطلق:** هن زمان ناهڻ لاءِ اسم مفعول جي اها صورت جنهن ۾ "يو" ۽ "او" علامتون ملائجن ٿيون، جيڪي فعل جي ماده

پويان مليل هونديون آهن، تن جي جاءِ تي براهوئي زبان جون "آٽ" ۽ "آن" علامتون ملائجن ٿيون.مثلاً:

| سنڌي | علامت | عدد | براهوئي | علامت |
|---|---|---|---|---|
| مون لکيو | يو | واحد | اِي لِڪاٽ | آٽ |
| مون پڙهيو | يو | واحد | اِي خُواناٽ | آٽ |
| اسان لکيو | يو | جمع | نَن لِڪان | آن |
| اسان پڙهيو | يو | جمع | نَن خُوانان | آن |

**زمان ماضي قريب:** هن زمان ۾ زمان ماضي جي پويان "هُئَن" مصدر جو گردان مضارع ۾ ملائڻ سان زمان ماضي قريب ٺهي ٿو. ماضي قريب مان مراد آهي، اهو ڪم جيڪو ويجهي وقت (ٿورو اڳ) ۾ ڪيو ويو هجي، هن زمان جي فعل ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ ٿو پوي مثلاً:

| سنڌي | | براهوئي | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع |
| مون لکيو آهي | اسان لکيو آهي | اِي لِڪانُٽ | نن لِڪانُن |
| مون پڙهيو آهي | اسان پڙهيو آهي | اِي خوانانُٽ | نَن خُوانانُن |

مٿين جملن ۾ فعلن جي لفظن ۾ ڪوبہ گردان ڪونہ ٿيو آهي. مثال: "لکيو" يا "پڙهيو" ساڳيءَ طرح جمع ۾ بہ "يو" علامت سان استعمال ٿيل آهي. هن زمان ۾ جمع توڙي واحد بنهي صورتن ۾ "يو" علامت ساڳيءَ طرح استعمال ڪئي وڃي ٿي جڏهن تہ براهوئي زبان ۾ "يو" جي جاءِ تي استعمال ٿيندڙ علامت واحد ۾ "اُنٽ" ۽ جمع ۾ "اُنن" طور ڪم آندي وڃي ٿي.

**زمان ماضي بعيد:** هي زمان ماضي قريب وانگر ٺهندو آهي. ٻنهي زمانن ۾ فرق صرف ويجهي ۽ پري هئڻ جو آهي. يعني "هئڻ" جي فعل کي "آهي" مان "هو" ۾ بدلايو ويو آهي. جڏهن تہ براهوئي زبان ۾ "آسُٽ" ۽ "آسُن" جون علامتون استعمال ڪجن ٿيون. مثال هيٺ پش ڪجن ٿا:

| سنڌي | علامت | عدد | براهوئي | علامت |
|---|---|---|---|---|
| مون لکيو هو | هو | واحد | اِي لِڪاسُٽ | آسُٽ |
| اسان لکيو هو | هو | جمع | نَن لِڪاسُن | آسُن |
| مون پڙهيو هو | هو | واحد | اِي خُوانا سُٽ | آسُٽ |
| اسان پڙهيو هو | هو | جمع | نَن خوانا سُن | آسُن |

مٿين جملن کي غور ڪري ڏسبو تہ سنڌي جي واحد توڙي جمع صورت ۾ "يوهو" جي هڪڙي علامت ڪم آندي ويئي آهي، جڏهن تہ براهوئي زبان ۾ ٻنهي عددن لاءِ جدا جدا علامتون يعني واحد لاءِ "آسُٽ" ۽ جمع لاءِ "آسُن" علامت ڪم آندي وئي ٿي.

**زمان ماضي استمراري:** هي زمان، زمان حال استمراري وانگر فعل کان پوءِ پيو، پيا، پئي ۽ پيون علامتون ملائي جوڙيو ويو آهي. زمان ماضي استمراريءَ لاءِ استمراري جون هيٺيون علامتون ملي گردان ڪرائين ٿيون جيڪي هيٺ براهوئي زبان جي مثالن سان پيش ڪجن ٿيون:

| سنڌي (واحد) | سنڌي (جمع) | علامت | براهوئي (واحد) | علامت | براهوئي (جمع) | علامت |
|---|---|---|---|---|---|---|
| مون لکيو پئي | اسين لکيو پئي | "پئي" | اِي لِکنگِي اَسُٽ | "اسُٽ" | نَن لِکنِگِي اسُن | "اسُن" |

(۱) انعام الحق ڊاڪٽر "بلوچستان ۾ بولي جاني والي زبانون ڪا مطالعہ" مقتدره قومي زبان لاهور، ۱۹۹۱ ص ۳۶.

مٿين مثالن مان پتو پيو تہ سنڌي ۾ واحد توڙي جمع ٻنهي صورتن لاءِ "پَئي" جي صرف هڪڙي علامت ڪم اچي ٿي، جڏهن تہ براهوئي زبان ۾ ٻنهي صورتن لاءِ جدا جدا علامتون ڪم اچن ٿيون. جيڪي واحد لاءِ "اَسٽَ" ۽ جمع لاءِ "اَسُن" آهن. ڊاڪٽر انعام الحق "پڙهيو پَئي" يا "ڪاڏو پَئي" جي لفظن لاءِ "خُوانا ڪَہ" ۽ "ڪُنگڪَ" جا مثال بہ پيش ڪيا آهن. جن مان پَتو پَوي ٿو تہ "آڪَ" ۽ "آڪَ" جون علامتون بہ ساڳي زمان لاءِ ڪم آنديون وڃن ٿيون.

**زمان ماضي متشڪي:** هن زمان ٺاهڻ لاءِ فعل متعدي جي حالت ۾ ماضي جي گردان جي پويان "هُئڻ" مصدر جو زمان مستقبل ۾ واحد غائب جو گردان ملايو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح لازمي فعلن جي حالت ۾ لازمي فعل جي گردان جي پويان "هُئڻ" مصدر جو زمان مستقبل ۾ گردان رکيو وڃي ٿو. هيٺ براهوئي زبان جي پيٺ سان اها ترتيب پيش ڪجي ٿي:

| سنڌي | | براهوئي |
|---|---|---|
| متعدي فعل | مصدر | متعدي فعل |
| مون لکيوهوندو | "لکڻ" | اِي لِکوٹ |
| مان ڊوڙيو هوندس | "ڊوڙڻ" | اي تَروِٹ |

هاڻ سنڌيءَ ۾ "هئڻ" مان "هوندو، علامت تيار ٿي، پر براهوئي فعل لکڻ "لِکنگ،" سان "اوٹ" علامت ملائي زمان ماضي شڪي جوڙيو ويو آهي. مطلب تہ سنڌيءَ وانگر فعل کي "لکيو" وانگر ساڳي صورت ۾ ڪونہ ٿو ڇڏيو وڃي. مطلب تہ

"لکيو هوندو" کي "لِکوٹ" کجي ٿو يعني سنڌيءَ ۾ ٻه لفظ استعمال کجن ٿا. پر براهوئي ۾ صرف هڪڙو لفظ استعمال ٿئي ٿو. جنهن جي پويان "اوٹ" علامت ملائي وجي ٿي ۽ جمع ۾ "اون" علامت ملائجي ٿي.

**زمان مستقبل:** هن زمان ٺاهڻ لاءِ اسم حاليہ جي پويان ضميري علامتون ملايون وجن ٿيون. مثال: "لِکڻ" مصدر جو گردان ضميري علامتن سان پيش کجي ٿو، جيڪي براهوئي زبان سان شامل آهن.

سنڌي

| ضمير | اِسم حاليہ | علامت | زمان مستقبل |
|---|---|---|---|
| واحد متکلم: مان | لکندو | س | لِکندس. |
| جمع متکلم : اسان | لکندا | سين | لکنداسين. |
| واحد حاضر: تون | لکندو | اين | لِکندين. |
| جمع حاضر: توهان | لکندا | آو | لِکندَو. |
| واحد غائب: هُو | لکندو | او | لکندو. |
| جمع غائب: أهي | لکندا | آ | لکندا. |

براهوئي

| ضمير | اِسم حاليہ | علامتون | زمان مستقبل |
|---|---|---|---|
| واحد متکلم: اِي | لِکو | ٹ | لِکوٹ |
| جمع متکلم: نَن | لِکو | ن | لِکون |
| واحد حاضر: ني | لِکو | س | لِکوس |
| جمع حاضر: نُم | لکو | ري | لِکوري |

| | | | |
|---|---|---|---|
| واحدغائب: | او | لِکو | او لکو |
| جمع غائب: | اوفک | لکو | ر لِکور |

**امر ۽ مصدر لفظ:**

هت بنهي ٻولين جا ڪجهہ امر ۽ انهن جا مصدر لفظ مثال طور پيش ڪجن ٿا:

| سنڌي | | | براهوئي | | |
|---|---|---|---|---|---|
| امر | مصدر | علامت | امر | مصدر | علامت |
| لِک | لکڻ - | ڻ | لِک | لِکَنگ | اَنگ |
| پڙهہ | پڙهڻ - | ڻ | خُوان | خُوانِنگ | اِنگ |
| اَڻ | آڻڻ | = | هَتَر | هَتِنگ | = |
| اُٿ | اُٿڻ | = | بَش مَہ | بَش مَنِنگ | = |
| اُجَل | اُجَلڻ | = | بِٽ | بِٽِنگ | = |
| ويهُہ | ويهڻ | = | تُول | تُولِنگ | = |
| ٻيهہ | ٻيهڻ | = | سَل | سَلِنگ | = |
| ٻَڌُ | ٻَڌَڻ | = | تَف | تَفِنگ | = |
| چَٿو | چَوڻ | = | پار | پارنگ | = |
| سَڙ | سَڙڻ | = | هُش | هُشِنگ | = |
| ٽنگ | ٽَنگڻ | = | ٽَنگ | ٽَنگِنگ | = |
| ڪِڍ | ڪِڍڻ | = | ڪَش | ڪَشِنگ | = |
| ڪٽ | ڪٽڻ | = | هَرف | هَرفِنگ | = |
| ڪاٺ | ڪاٺڻ | = | ڪُن | ڪُنِنگ | = |
| ڪول | ڪولڻ | = | مَل | مَلِنگ | = |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڳول | ڳولڻ | ڻ | پَٽ | پَٽِنگ | انگ |
| کنگهہ | کنگهڻ | = | جَکَر | جَکِنگ | = |
| گهر | گهرڻ | = | خُواهہ | خُواهِنگ | = |
| هَڻ | هڻڻ | = | خَلّ | خَلِنگ | = |
| ڏس | ڏسڻ | = | هُر | هُرنگ | = |
| وَٽ | وَٽڻ | = | هَلّ | هَلِنگ | = |
| رک | رکڻ | = | تخ | تِخِنگ | = |
| کَنهہ | کنَهڻ | = | خووارِف | خوارِفِنگ | = |

**جملا ۽ انهن جي ترتيب:** ٻنهي زبانن ۾ جملن جي جوڙجڪ جي ترتيب لڳ ڀڳ هڪجهڙي آهي. جملن ۾ لفظن جي جاءِ مقرر هوندي آهي، جنهن ۾ عام طور ڪابہ تبديلي آڻي ڪونہ ٿي سگهجي. جيڪڏهن روز مره جي گفتگوءَ ۾ ڪنهن لفظ جي جاءِ تبديل ڪئي وڃي ٿي تہ ان صورت ۾ جملي جي لاهہ چاڙهہ ۾ فرق پوي ٿو. هيٺ اسين ٻنهي زبانن جي جملن جا ڪجهہ مثال پيش ڪريون ٿا:

**عام ترتيب:**

| سنڌي | تبديلي | براهوئي | تبديلي |
|---|---|---|---|
| مان وڃان ٿو | مان ٿو وڃان | اِي هِننگٽي ئُٽ | هِننگٽي ئُٽ اِي |
| تون چو لکيو | چو لکيو تو | نِي اَنتَئي لِکاس | اَنتَئي لِکاس نِي |

**جملن جا قسم:** جملن جا ٽي قسم ٿين ٿا، ١. مفرد ٢. مرتب ٣. مرڪب.

**مفرد جملا:** مفرد جملا اهي آهن جن ۾ صرف هڪڙو فعل هجي مثال:

| سنڌي | براهوئي |
| --- | --- |
| ڇوڪرو انب کائي ٿو. | مارکو اَنب کُننگتيءِ |
| ڇوڪري ماني کائي ٿي. | مَسِڙ کو اِرَغ کُننگتيءِ |

**مرتب جملا:** مرتب جملا اهي آهن جن ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل استعمال ٿيل هجن. مثال:

سنڌي        براهوائي

آءُ ڪونہ ايس چو تہ مونکي اِي بَتويٹ اَنتَئي ڪِہ ڪَني وقت
وقت ڪونہ ملي سگهيو.        مِلنگ ڪَتَو.

۲. احمد ڇوڪرو آهي جنهن  احمد مارڪو ءِ هَرادي نِي دُرست
ڪي تون سڃاڻيندو آهين؟        ڪيسہ؟

۳. جيڪڏهن اهو ڪم  اگر هَندا ڪاريم ڪريس تو
ڪندين تہ نقصان پائيندين.        نقصان تِي بَروس

**مرڪب جملا:** مرڪب جملا اهي آهن جن ۾ ٻن يا ان کان وڌيڪ مفرد جملا مليل هجن جيڪي هڪٻئي جي ماتحت نہ هجن بلڪ اهي ڪنهن حرف جملي يا صرف عطف ذريعي ڳنڍيل هجن. مثال

سنڌي        براهوائي

۱. اڪبر پاڻي پيتو ۽ امين چانهہ اڪبر دِيرڪُنگءَ امين چائي
پيتي        ڪُنگ

۲. هن ٻين کي نصيحت ڪئي  دا ايلوتي نصيحت ڪري وَلہ
پر پاڻ انهيءَ تي ڪونہ هليو        تينٹ اوڙا چَلينگ تو.

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو